# سنڌي ٻولي
## تحقيقي جرنل

ايڪيهين صديءَ جو
جلد پنجون- شمارو چوٿون
آڪٽوبر- ڊسمبر 2012

چيف ايڊيٽر
**ڊاڪٽر فهميده حسين**

ايڊيٽر
**تاج جويو**

**سنڌي لئنگئيج اٿارٽي،**
**حيدرآباد، سنڌ**

سنڌي ٻولي
تحقيقي جرنل

| | |
|---|---|
| چيف ايڊيٽر: | ڊاڪٽر فهميده حسين |
| ايڊيٽر: | تاج جويو |
| ڪمپوزنگ: | حسين احمد ميمڻ |
| گرافڪس: | اسدالله ڀٽو |
| جلد: | پنجون |
| شمارو: | چوٿون |
| سال: | آڪٽوبر- ڊسمبر 2012ع |
| ڇپائيندڙ: | سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ. |
| ڇپيندڙ: | پاڪيزه پرنٽرس، حيدرآباد |
| ملهه: | 70 روپيا |

ISSN: 968_8194_01_0

ايڊيٽوريل بورڊ:
محمد ابراهيم جويو
ڊاڪٽر غلام علي الانا
نورالهديٰ شاهه

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| ❊ پنهنجي پاران | چيف ايڊيٽر | 05 |
| ❊ علم موسيقي (راڳ جو علم) | ذوالفقار قريشي | 7 |
| ❊ سروري جماعت جو ’ڏهر‘ ۽ اويسي طريقو | طالب المولىٰ | 28 |
| ❊ ڀارت ۾ سنڌي مضمون نويسي: (1980 کان وٺي اڄ تائين) | ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي | 52 |
| ❊ وياڪرڻ جي اهم جز ’فعل‘ جو مختصر اڀياس | الطاف حسين جوکيو | 78 |
| ❊ ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي ۽ معياري سنڌي خط (Typeface/Font) | شبير ڪنڀار | 103 |
| ❊ سنڌي ٻوليءَ جي موجوده صورتحال | شوڪت حسين شورو | 119 |
| ❊ سنڌي لوڪ گيتن ۾ سماجڪ زندگي | پوپٽي هيراننداڻي | 123 |
| ❊ گذريل 50 سالن ۾ گجرات ۾ سنڌي لوڪ ادب جو جائزو | ويڙهو رفيق | 130 |
| ❊ سنڌو تهذيب جو اقتصادي نظام (Economics of the Indus Valley Civilization) | ڇڊ گرين ووڊ | 143 |
| ❊ سنڌوندي وري ڪڇ طرف واپس اچي رهي آهي | انيتا چانڊواڻي | 150 |
| ❊ استاد بخاري منهنجو پسنديده شاعر | ڊاڪٽر فهميده حسين | 153 |
| ❊ وضاحت در وضاحت | ڊاڪٽر فهميده حسين | 160 |


## پنهنجي پاران

سنڌي ٻولي جرنل جو هي پرچو 2012 جو آخري پرچو آهي، جنهن ۾ پڙهندڙن کي موضوعن جي گهٽائي نظر ايندي. هن جرنل جي شروع ڪرڻ مهل عام خيال اهو هو تہ ٻوليءَ جي اداري جو جرنل هئڻ ڪري هن ۾ صرف ٻوليءَ ۽ لسانيات جي حوالي سان مضمون ۽ مقالا ڇپجڻ گهرجن، پر پوءِ وقت ۽ تجربي ثابت ڪيو تہ سائنس، ڪمپيوٽر، سوشل سائنس، مذهب، موسيقي ۽ ٻين اهڙن مضمونن جي باري ۾ لکڻ مهل ٻوليءَ جي درست استعمال سان گڏوگڏ خود انهن مضمونن جو سنڌيءَ ۾ لکجڻ بہ هڪ اهم معاملو آهي، جنهن کي نظر انداز نٿو ڪري سگهجي، ان ڪري فيصلو ڪيو ويو آهي تہ اهڙا سمورا موضوع پڻ هن جرنل جو حصو ٿي سگهن ٿا. سنڌي ٻوليءَ بابت يا ان ۾ سنڌ سان گڏ هند ۾ لکجندڙ تحريرون پڻ اسان جي ان دائري ۾ اچن ٿيون. ان ڪري ڪوشش ڪئي اٿئون تہ سرحد جي هن پار جون لکڻيون بہ شامل ڪجن، اهڙيءَ ريت هن جرنل کي وڌيڪ گهڻ رُخو ۽ وسيع بڻايو ويو آهي.

اسان کي اميد آهي تہ پڙهندڙن کي اها تبديلي پسند ايندي ۽ لکندڙن کي پڻ مختلف موضوعن تي لکڻ جو موقعو ملندو.

**ڊاڪٽر فهميده حسين**
چيف ايڊيٽر

# علم موسيقي (راڳ جو علم) ◆

علم موسيقي، راڳ جي علم بابت هيٺين عنوانن هيٺ بحث ڪجي ٿو:

(1) راڳ جو اثر، (2) راڳ جو ساز ۽ بُنياد، (3) مکيه اصول، جن تي راڳ جو مدار آهي، (4) مکيه ڇهه راڳ ۽ انهن جا مرضن تي اثر، (5) راڳن جون شاخون، (6) راڳڻ ۽ راڳڻين جا وقت، (7) متفرق سمجهاڻيون.

**(1) راڳ جو اثر:**

خدا تعاليٰ هن جهان ۾ انسان جي روُح ريجهائڻ لاءِ جيڪي وسيلا خلقيا آهن، تن مان راڳ به هڪڙو آهي ۽ نه رڳو ايترو پر جيڪڏهن چئجي ته خدا تعاليٰ هن مسافر روُح کي پنهنجي اصل مڪان جي اُڪير ۽ شوق قائم رکي، منزل مقصود تي پهچڻ لاءِ جيڪي رستا بنايا آهن، تن مان راڳ به هڪ عجيب رستو آهي، ته به مناسب آهي. چاڪاڻ ته راڳ سان سِڪ ۽ محبت بئي وڌن ٿا. جيڪي روح ۽ رب جي وچ ۾ باخبر رهبر آهن. ان ڪان سواءِ جن جن شخصن راڳ جو بنياد وِڌو ۽ ان کي سڌاري زور وٺايو، سي ڪي اهڙا شخص نه هئا، جن کي رڳو دُنيائي لذتون وٺڻيون ۽ مزا ماڻڻا هئا، پر اُنهن مان هرهڪ حقيقي مطلوب جي ملاقات جو سچو طالب هو. انهن جي روح تي راڳ جو اهڙو پورو اثر هو جو راڳ ڳائڻ سان پاڻ ئي محو ٿي ويندا هئا، پر ٻُڌندڙن کي به مَحوَ ڪري ڇڏيندا هئا.

راڳ جو انساني خواه حيواني روح تي ڪامل اثر قدرتي قانون موجب ڏسجي ٿو.

◆ [هي 1924ع جو لکيل اهم مضمون، ذوالفقار قريشي (ڳائڪ/ موسيقار) جي خاندان جي ڪنهن بزرگ جو لکيل آهي. اهميت جي لحاظ کان شايع ڪجي ٿو. ادارو]

نندڙو ٻار، جنهن کي ماءُ جي ٿڃ ڏاران دنيا جي ٻي ڪنهن به مزي ۽ سواد جي نه ڪا سُڌ آهي، نه ڪا سَڌ، سو به جڏهن روئي ۽ رڙيون ڪري ٿو تڏهن ماءُ اُن کي ماٺ ڪرائڻ لاءِ ڪابه واهه نه ڏسي، اُڪنڊ جي مٺي آلاپ سان لولي ڳائي ٿي، جنهن ڏانهن ٻار يڪدم مُتوَجهہ ٿئي ٿو ۽ اُنهيءَ آلاپ جي مَحويت ۾ ئي ننڊ ڪٽيو وڃيس.

ٻي هيءَ حالت پڻ مشهور آهي ته عرب سوداگر جڏهن پنهنجن صابر اُٺن تي جهجهو بار لڏي ڏورانهين منزل تي قافلا هاڪاريندا هئا، تڏهن رستن تي مٺيءَ زبان سان لوليون چوندا هئا. جن جو اثر اُٺن ۾ ٿيندو هو ۽ اُٺ انهيءَ لوليءَ جي ترانى ۾ اهڙا مَحوَ ٿيندا هئا، جو گويا مٿن بار ئي ڪونهي. اهڙي حڪايت شيخ سعديءَ ”گُلستان“ جي باب 2، حڪايت 26 ۾ بيان ڪئي آهي. ان جي هينئن فرمايو اٿس ته:

اشتر به شعر عرب درحالت است طرب

راءِ ڏياچ جي ڳالهه عام مشهور آهي، جنهن راڳ تي ريجهي سر ڪپي ڏنو. انهيءَ جي ڪري سيڪنهن ماڻهوءَ جي دل ۾ ضرور خيال ايندو ته راڳ جي اثر ۾ هيءَ حُجت بيشڪ پُوري آهي.

چنيسر ۽ ليلان جي ڳالهه به گهڻن ٻُڌي هوندي. ليلان پنهنجي پتار چنيسر کي جو ورهين کان ساڻس رُٺل هو راڳ جي مدد سان پرچائي، راضي ڪري ڇڏيو هو.

اڳيان مذهبي سُڌارا ڪندڙ ۽ فيلسوف به راڳ جي اثر جو فاعدو سهي ڪري، گهڻا مذهبي خواه اخلاقي ڪتاب، خاص راڳ ۾ يا ٿوري گهڻي راڳ جي ملاوت سان تصنيف ڪري ويا آهن. جن جي پڙهڻ ڪري پڙهندڙن جي دلين تي وڌيڪ اثر ٿيڻ جي اُميد رکي اٿن. ڪيترائي عربي، پارسي ڪتاب ۽ رامائڻ، مهاڀارت گرنٿ وغيره انهيءَ ريت چيل آهن.

هڪڙي وڏي عالم تجربيڪار ۽ سُڌاري ڪندڙ جو قول آهي ته جيڪڏهن ڪنهن قوم يا ملڪ جي اصلاح ڪرڻي هجي ته تهذيب ۽ اخلاق

جا گيت ناهي پڏرا ڪجن، ۽ عام وعظ ۾ راڳ ڪم آڻجي. چاڪاڻ تہ راڳ اهڙو برقي اثر آهي، جو هرويرو عام جي دلين ۾ تسخير، اڪسير جو حڪم رکي ٿو.

حقاني قدرت، راڳ ۽ ساز ۾ اهڙو اثر رکيو آهي، جو انهن جي وسيلي انسان کي رُئاڙي، کِلائي يا حد درجي جو جوش ڏياري سگهجي ٿو.

عربستان جي تاريخن مان معلوم ٿو ٿئي تہ آفتاب اسلام جي اُڀرڻ کان اڳي اُتي دستور هوندو هو جو جنگ جي وقت سپاهين جي لشڪر سان ڳائيندڙ عورتن جون ٽوليون هلنديون هيون، جي وقت بوقت موافق راڳ ڳائي، سپاهين جي دلين ۾ بهادريءَ جو عجيب جوش پيدا ڪنديون هُيون.

انگريزي لشڪر سان جو بين باجو رهي ٿو تنهن جي آواز ۾ جادوءَ جهڙو اثر آهي. جنهن وقت لشڪر پنهنجو مقرر مڪان ڇڏي جنگ تي سنبري نڪري ٿو تنهن وقت اهڙي نموني جو باجو وڄائيندا آهن، جو سپاهي تہ ڇڏيو پر ٻيا ڏسندڙ ۽ ٻُڌندڙ بہ پنهنجين اکين ۾ دل جو پاڻي مشڪل جهلي سگهندا آهن. سو جنگ جي ميدان ۾ تہ اُهو باجو سپاهين جي دلين سان الاجي ڪهڙو ڪُلوُر ڪندو هوندو. تيز رفتار هرڻ ۽ زهري نانگ بہ راڳ ۽ ساز تي انسان جا فرمانبردار ٿيو پون.

هيءَ ڳالهہ پڻ عام آزمايل آهي تہ ڪهڙي بہ شاعر جو شعر جيسين تائين هڪڙي نہ ٻئي سُر جي پيرايي ۾ نہ پڙهيو ويندو تيستائين جذبو مُشڪل جاڳندو تنهنڪري چئي سگهجي ٿو تہ شاعري بہ راڳ جي محتاج آهي.

راڳ ڪيترن مرضن جي بيمارين لاءِ بہ عجيب دوا آهي، جيئن اڳتي بيان ٿيندو.

شيخ سعدي گلستان جي باب ٽئين حڪايت 28 ۾ راڳ بابت ڳالهہ ڇيڙيندي فرمائي ٿو تہ:

بہ ازروءِ زيبايشِ آوازِ جوش،
کہ اين حظِ نفس است، ان قوتِ روُح

(حسن کان ڪٺي گوءِ ويو سُر عجيب،
حُسن نفس جو نار سرقوتِ روح.)

**(2) راڳ ۽ ساز جو بُنياد:**

جڏهانڪر ڌرتيءَ جو مٿاڇرو انسانن سان آباد ٿيڻ لڳو آهي، تڏهن کان راڳ بہ دنيا جي ميدان ۾ پنهنجا جهنڊا جهولائڻ شروع ڪيا آهن.

چون ٿا تہ پهريائين حضرت آدم عليہ السلام ۽ بيبي حوا خدائي حڪمن جي برخلاف ڪڻڪ جي داڻي کائڻ ڪري، الاهي امر موجب بهشت مان تڙجي ڏار ڏار هن ڌرتيءَ تي اچي نازل ٿيا. تڏهن هنن کي ڏاڍن ڏکن اچي ورايو. هڪڙو خدائي قُرب کان دُور ٿيڻ جو ڏُک، ٻيو بهشت جي عجيب غريب نعمتن ۽ مزن جي هٿان وڃڻ جو ڏک. ٽيون هڪٻئي جي وڇوڙي جو ڏک، چوٿون زمين تي جانورن ۽ وڻن ٻوٽن کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نظر نہ چڙهڻ جو ڏک. اهڙي حال ۾ هنن پنهنجي ڪيل گناهہ تي ڏاڍو پڇتايو پوءِ ڏڻي سڳوري کان پنهنجي گناهہ معاف ڪرائڻ ۽ ان جي راضپي حاصل ڪرڻ لاءِ هنن اڪيلائي ۾ دل جي سوز ۽ سچائيءَ سان جيڪي آلاپڻ ۽ ڳائڻ شروع ڪيو تنهن جو خاص مضمون هي هو:

"رَبنا ظُلمنا اَنفُسنَا وَاِنُ لمَ تَغفرلنا وتَرحَمنَا لنڪُونَن مِن الخاسِرِيَن."

"ظلم هي سڀ پاڻ سان پاڻهي ڪيوسون يا ڪريم،
ڀال سان بخش خطائون، رحم ڪر راحم رحيم،
جي نہ بخشيندين خطا، ڪندين نہ تون رحمي نظر،
تان نہ ٿيندي واهہ ٻي، رسندو سون ڪو ٽوٽو عظيم."

انهيءَ تي ڏڻي تعاليٰ رحم فرمائي، سندن گناهہ بخش ڪيو ۽ مٿن راضي ٿيو.

مگر وري بهشت ۾ وڃي رهڻ جي بدران کين هن ڌرتيءَ تي رهڻ جو حڪم ڪيائين. ۽ سندن خواه سندن اولاد جي بهشت ۾ داخل ٿيڻ جو مدار پاڪ دلي ۽ نيڪي مقرر فرمايائين.

پوءِ هي انسانن جو جوڙو ڌرتيءَ تي گذارڻ لڳو. ٿورن ئي ڏينهن ۾ هن جوڙي منجهان ڪيچ ٿي پيو ۽ هڪڙو تمام شاهي ڪُٽنب بڻجي پيو. انهيءَ ساري ڪٽنب کي حضرت آدم عليہ السلام عقلي خواه روحاني تعليم ڏيندو هو ۽ مقرر وقتن تي ساري ڪُٽنب کي گڏ ڪري خدائي عبادت جو راڳ ڳائيندو هو ۽ پنهنجي اولاد کي سيکاريندو هو.

اُنهيءَ وقت تائين راڳ خاص عبادت طور ڪم ايندو هو پر پوءِ جڏهن حضرت آدم جي وڏي پُٽ قابيل ڪِين جهڙي ڳالهہ تان پنهنجي سُلڇڻي ڀاءُ هابيل کي قتل ڪري وڌو تڏهن حضرت آدم پنهنجي سدوري پُٽ جي بيگناهہ قتل ٿيڻ جي وڏي ڏک کي پنهنجي دل ۾ گهُٽي نہ سگهيو. تنهنڪري راڳ جي وسيلي پنهنجي اندر جي باهہ وسائڻ شروع ڪيائين. يعني هڪڙو مرثيو ٺاهي ڳايائين، جنهن ۾ خاص طور خدائي صبر تقدير تي ۽ شُڪر ڪرڻ ۽ دل کي ڏڍ ۽ دلاسن ڏيڻ جهڙا بيت وڌائين.

انهيءَ کان پوءِ راڳ نہ رڳو عبادت طور ڪم ايندو هو پر ڏک جي وقت ۾ دل جي درد ٽارڻ ۽ خوشيءَ جي وقت ۾ دل بهار ڪرڻ لاءِ راڳ ئي هڪڙو عجيب رستو ليکجڻ ۾ ايندو هو.

پوءِ حضرت آدم عليہ السلام جو اولاد تمام گهڻو وڌي ويو ۽ منجهانئس گهڻا ڪٽنب بنجي پيا. تڏهن هرهڪ ڪٽنب ڌار ڌار ڌرتيءَ تي ٻي ولايت وڃي وسائي. پوءِ جيئن جيئن ويا ڏينهن گذرندا ۽ زماني ۾ عجيب عجيب ڦيرڦار ٿيندا، تيئن تيئن سڀڪنهن ولايت جو رهاڪو پنهنجي اباڻي ڏات يعني راڳ جي فن ۾ ضرورت سارو مٽون سٽون ويو ڪندو. انهيءَ ڪري جيتوڻيڪ هينئر سڀڪنهن ولايت جي راڳ جا اصُول ۽ طرزون پنهنجي پنهنجي نموني تي آهن. تہ بہ سندس حقيقي ۽ ذاتي جذبو ساڳيو ئي قائم آهي.

اهوئي سبب آهي، جنهن ڪري جنهن جنهن ولائتي ماڻهوءَ جو راڳ ٻُڌجي ٿو، تڏهن اگرچہ اُن جي ٻولي سمجهہ ۾ نٿي اچي، تہ بہ راڳ ۾ هو جي لاهيون چاڙهيون ڪري ٿو، سي دل کي پيون سيبائين ۽ ڇِڪي تاڻين.

مٿئين بيان پڙهندي ۽ ويچار ڪندي هرڪوئي ثابت سمجهي سگهي ٿو تہ سڀڪنهن ولايت جي راڳ جو، جيڪو هاڻوڪو نمونو آهي، تنهن جو بنياد وجهندڙ ۽ اصطلاح ڪندڙ ضرور انهيءَ ولايت جي رهاڪن مان ئي ڪو اعليٰ درجي جو انسان هوندو.

هاڻي هتي اسان کي ٻين ولايتن جي راڳ جو خيال ڇڏي، خاص هندستان جي راڳ جو بيان ڪرڻو آهي، جنهن جا پابند آهيون. هندستان جي راڳ جو پهريون بُنياد شِو مهراج وڌو. هن کي الاهي قدرت سان راڳ ۽ ٻين ڪيترن فنن ۾ اهڙو ڪو ڪمال حاصل هو جو انسان تہ ڇڏيو پر جهنگ جا بگهڙ، شينهن، خواه پيون بلائون، سڀ سندس حڪم ۽ مڃتا ۾ هوندا هئا. اُنهن کان پنهنجي مرضيءَ موجب ڪهڙو بہ ڪم وٺي سگهندو هو. هي جنهن وقت ڳائيندو يا پنهنجي بين وڄائيندو هو، تنهن وقت سڀڪنهن قسم جا جانور اڳيانئس اچيو ڪنڌ نوايو بيهندا هئا. هن اُتر وارن جبلن جي مهاراجا هماچل جي ڌيءَ پارپتيءَ سان شادي ڪئي ۽ ان کي انهيءَ هُنر ۾ ڏاڍو باڪمال ڪيائين. پوءِ زال ۽ مڙس گڏجي راڳ جا اُصول ۽ وزن مقرر ڪيا، جن کي گڏي مهيشرمت يا سُميرمت اُصول چئجي ٿو. انهيءَ وقت کان وٺي ساري هندستان ۾ انهن اصولن ۽ وزنن موجب عبادت، نصيحت، شادي ۽ غميءَ جا راڳ ڳائڻ ۾ آيا.

تريتا جُڳ ۾ جڏهن راجا رام لنڪا واري راوڻ تي فتحيابي حاصل ڪئي، تڏهن سندس زال سيتا تمام خوشيءَ ۽ آنندن سان ڳايو، سو نمونو

مهيشرمت کان ٻئي طرح هو. تنهن ڪري انهيءَ نموني کي ”هنومان مت“ سڏيائون ۽ اُن جو رواج وري هندستان ۾ پکڙيو.

مٿرا شهر ۾ سُوامي نند کي ڪرشن نالي هڪ پُٽ هو، جنهن کي ننڍي هوندي ئي راڳ سان ڏاڍو خفت هوندو هو. هڪڙي ڀيري هن ڇوڪر هڪجيڏن سان جمنا نديءَ جي ڪپ تي ڪينهي راند پئي ڪئي. اتفاقاً ڪينهو ٽيڙ کائي وڃي درياهه ۾ پيو. ٻئي ڪنهن به ڇوڪر درياهه ۾ گهڙي ڪينهي ڪڍڻ جي همت نه ساري، پر هي عجيب ڇوڪر پنهنجي بانسري هٿ ۾ جهلي ٻي ڏڙڪ درياهه ۾ ٽپي پيو ۽ ٽپي ڏيڻ سان وڃي تَر ورتائين، جتي ڪالي نالي هڪڙي تمام خوفناڪ نانگ جو واسو هو، جو سڀني نانگن ۽ بلائن جو بادشاه سڏبو هو ۽ ماڻهن جا ڪيترائي نقصان ڪيا هئائين. نانگ هن ڇوڪر کي ڳيهڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڇوڪر سندس ڳيهڻ جو ئي نه هو. هن چا ڪيو جو پنهنجي بانسري ڪڍي سُئيءَ وانگر نانگ جي نڪ ۾ ٽُنبي، پوءِ نانگ يڪدم پنهنجي شاهي ڦڻ پاڻيءَ کان مٿي ڪڍي بيٺو ۽ ڇوڪر سندس ڦڻ تي عجيب طرح ٻيهي ڳائڻ ۽ نچڻ لڳو. انهيءَ وقت کان وٺي هي ڇوڪر ”ڪالي ناٿ“ سڏجڻ لڳو. پوءِ ڏينهون ڏينهن ويو ڪمال حاصل ڪندو. راڳ ڳائڻ ۽ بانسري وڄائڻ ۾ اهڙي استادي پرايائين، جو جنهن وقت ڳائيندو هو، تنهن وقت هزارين ماڻهو حال ۽ وجد ۾ اچي ويندا هئا. هن سميرمت ۾ گهٽيون ڦيريون گهيريون ڪري ۽ ڳچ جيتريون نيون چيزون ملائي، نئون مت ٺاهيو، جو ”ڪلناٿ“ مت سڏجڻ ۾ آيو.

وري هڪڙي مشهور سوامي پرت مٿين ٽنهي متن کي ملائي راڳ جو ساڌارڻ (سادو) نمونو ٺاهيو، جيڪو ”پرت مت“ سڏجي ٿو. اڄڪلهه ساري هندستان ۾ ”پرت مت“ موجب ڳائڻ وڄائڻ جو رواج ٿي ويو آهي، پهرين ٽن متن جا پيروڪار ڪي ٿورا هوندا. ڪن صدين تائين هندستان جو راڳ خاص عبادت ۽ رياضت طرح ڪم ايندو هو.

15 صديءَ ۾ اُجين جي راجا هڪڙو عاشقاڻو ”ڌرپد“ پيرويءَ جي راڳڻيءَ ۾ ٺاهي، مشهور گويي بيجو باوري کان ڳارايو، جنهن هڪڙو نئون لطف ۽ نزاڪت ظاهر ڪئي. انهيءَ وقت کان وٺي عشقبازيءَ جا ڇند، ڌرپد، ترانا، غزل، ٺمريون وغيره پرت مت موجب ڳائجڻ لڳيون: يعني راڳ حقيقي صورتحال کان نڪري مجازي صورت ۾ اچڻ لڳو ۽ اچي چُڪو. اڄ مجازن مان حقيقت حاصل ڪرڻ سُٺرو ڪم نه آهي. ڪي نصيب وارا حاصل ڪندا.

ريجهه روحاني برابر آهه راڳ،
دردِ دل جي لاءِ بهتر آهه راڳ.

راڳُ رڳڻو اڄ ته ڪيو عالم پسند،
پر جڳن ڪِن کان سراسر آهه راڳ.

گرچه اڄ ٿي راڳ جي صورت عجيب،
ته به سياڻن لئه نه بدتر آهه راڳ.

خوبصورت ڪي ڇڏي معنيٰ وٺڻ،
اڄ به ان پر ڪيميا زر آهه راڳ.

راڳ آهي ڪاملن جي ڪسوٽي،
عاشقن جي دل جو رهبر آهه راڳ.

حال محرم جت مسافر جو نه ڪو،
اُت وندر اُن لاءِ اڪثر آهه راڳ.

**(3) ساز جو بُنياد:**

شروع ۾ راڳ ساز کان سواءِ ڳائبو هو، پر پوءِ جيئن جيئن ماڻهن کي راڳ مان وڌيڪ مزو ايندو ويو، تيئن تيئن ان کي وڌيڪ اثرائتو ۽ دلچسپ ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪندا ويا. بيشڪ راڳ پنهنجي سِر عجيب اثر رکي ٿو، پر جڏهن هڪڙو نه ٻيو ساز ۾ ساڻس شامل ٿئي ٿو، تڏهن سو گويا کير ۾ کنڊ بنجيو پوي. شيخ سعدي، ”گلستان“ جي ٽئين باب ۾ هڪڙي هنڌ فرمايو آهي ته:

سمعي الا حُسن آلا نهاني،
مَن زالذي جُس المثاني.

”يعني منهنجو ڪن هميشہ ڳائيندڙن جي گُڻ ڏي مائل آهي، پر ڳائڻو سو جو ڳائڻ سان گڏ روتارو ساز وڄائي.“

الغرض راڳ سان گڏ ساز پهريائين پهريائين حضرت دائود عليہ السلام ڪم آندو پر مصنف لکن ٿا تہ راڳ سان گڏ ساز پهريائين پهريائين مشهور يوناني حڪيم فيثا غورث، جو حضرت دائود جي پٽ حضرت سليمان جو سعادت مند شاگرد هو، تنهن ڪتب آڻي ڏيکاريو.

ائين لکيل آهي تہ هڪڙي رات هن خواب ڏٺو جنهن ۾ ڏسي ٿو تہ ڪو شخص ٿو چويس تہ اي فيثا غورث! تون سپاڻي علي الفجر لُهار جي هٽ وٽان پوري ڌيان سان وڃي لنگهج، جو توکي خدائي اسرارن مان هڪڙو عجيب اسرار هٿ ۾ اچڻو آهي. فيثا غورث ڏکيءَ جو هڪ لُهار جي هٽ تي ڏاڍي ڌيان سان وڃي بيٺو. لُهار سانداڻ تي جو لوهہ پئي ڪُٽيو، تنهن مان هڪٻئي سان نسبت رکندڙ آواز اهڙا پئي نڪتا، جن فيثا غورث جي دل تي ڏاڍو چڱو اثر پئي وِڌاريو. پوءِ هن سپاڻي چا ڪيو، جو لُهار وارن آوازن سان نسبت رکندڙ ۽ انهن جهڙو مزو ڏيندڙ آواز ٻيءَ ڪنهن شيءِ مان هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو ۽ نيٺ ڪامياب ٿيو. هن طرح جو پهريائين پنهنجو وار وات ۾ جهلي آڱر جي نَهن سان وڄايائين. اُن مان دل کي وڻندڙ مگر تمام سنهو آواز نڪتو. پوءِ وري وٺيل ريشم جي ڌاڳي کي وات ۾ چڪي جهلي نُنهن سان وڄايائين. بلڪل مناسب آواز نُڪتو. تنهن کان پوءِ خيال ڪيائين تہ اهڙي ڪا شيءِ هٿ اچيم، جنهن تي هي ريشم جو ڌاڳو مڙهي هٿ ۾ جهلي وڄائڻ جو ساز ٺاهيان ۽ راڳ جي اصولن موجب اُن مان آواز ڪڍي دِل وندرايان.

اُنهن خيالن پچائيندي هڪڙي ڏينهن ڪنهن ڏونگر جي دامن ۾ ڄاهي جي پنيءَ وارو سُڪل ڪوپو نظر چڙهيس. اهو ڪوپو ڪٽي، تنهن جي وچ تي ريشم جو سڳو مضبوط مڙهي آڱر سان وڄايائين. پوءِ ڏينهون ڏينهن انهيءَ ساز جي سُهڻائي ۽ سُٺائيءَ لاءِ ويون ڪوششون ٿينديون ۽ اهو ساز ’بربط‘ سڏجڻ ۾ آيو ۽ سندس رواج ويو ملڪن ۾ پڙندو.

وري ترڪن طنبور ۽ برغول، اهي ٻئي ساز هڪٻئي پٺيان نوان ڪڍيا.

ابوالنصر فاريابيءَ مشهور شاعر هڪڙو ٻيو ساز ٺاهيو، جو ”قانون“ سڏجي ٿو.

حڪيم ابو حفص سعديءَ وري ”موسيقار“ نالي ساز بنايو.

بوعلي سينا قلندر شهنائي بنائي. پوءِ چنگ ۽ بَلبلن ڪاسہ وغيره ٺهيا.

خاص هندستان ۾ پيدا ٿيل ساز هي آهن:

پهريائين پهريائين شِو مهراج هڪڙو ساز ٺاهيو، جو ”ڊورو“ سڏبو هو. پوءِ انهيءَ ڊوري مان وري ”مرڏنگ“ بنايائون ۽ مَرڏنگ مان طبلو يا ڏُڪڙ ٺاهيائون. اڄڪلهہ ڏُڪڙن جو رواج جا بجا آهي. ٻيو هندستان جو خاص ساز آهي بين، پهرئين نموني جي بين شِو مهراج ڪڍي، پوءِ ٻين نمونن جون بينون ڏار ڏار ناردني، شريمتي سرسوتي، ڪرشن، سوامي ساربِول ۽ ڪن بين ٺاهيون، پوءِ اُنهن بينن جي پُٺيان اُنهيءَ نموني تي بانسري، مُرلي، ۽ ٻيا وات سان وڄائڻ جا ساز ٺهيا.

اڪبر بادشاهہ جي ڏينهن ۾ سندس دربار جي خاص شاعر امير خسرو حڪيم دهلويءَ ستار ٺاهي وڄائي، جنهن جي وڄائڻ جو رواج هينئر ساري هندستان ۾ عام آهي. جان جي جلد جذب ڪندڙ ساز ستار جهڙو سُجهيئي ڪونہ.

مٿي جن سازن جو بيان ڪيو ويو آهي، تن کان سواءِ ٻيا ساز جي هندستان ۾ ڪم اچن ٿا، سي هي آهن:

يڪتارو، دوتارو ديسي، دوتاره مارواڙي، سُرندو، سارنگي، مُرلي، طائوس، جلترنگ ديسي، جلترنگ انگريزي، چنگ، مرچنگ، طاشہ، مرفو، جهانجهہ، کنجري، ڍولڪي، دهُل، دف، مگرمان، ڏرميا، نغارو، پيپر، ٿوٿو، نڙ، نفير يا نفيل، ناد، ٿُونڙي، بين باجو، هارمونو وغيره.

**(5 اُصول، جن تي راڳ جو مدار آهي:**

عام چوڻي آهي تہ پنهنجي اُصول ۽ ريت ڏاران ڪنهن بہ هُنر جو عدم ۽ وجود هڪجهڙو آهي، پر راڳ جنهن جو اثر انسان جي دل ۽ روح تي پوي ٿو سو تہ خاص طرح پنهنجي اصولن ۽ نهراون سان جلوه نما ٿيڻ گهرجي.

مولانا، سعدي، ’گُلستان‘ جي ٻئي باب ۾ هڪڙي هنڌ فرمايو آهي تہ:

درپرده عشق و نهاوند حجاب است،

از حُجره مطرب مکروه نہ زيبد.

يعني ’جيڪڏهن راڳڻي ڪٽي، پيروي، جهجهو تي يا آسا جهڙي مِٺي هوندي، تہ بہ بي سُري، بي تالي ڳائڻي جي واتان ڪڏهن بہ نہ وڻندي ۽ نہ مزو ڏيندي.‘

الغرض راڳ جا تمام ضروري اُصول، جن کان سواءِ راڳ ڪنهن ڪم جو نہ چئبو، سي آهن بہ: هڪڙي کي سڏين ٿا ”سُراڏيا“ ۽ ٻئي کي سڏين ٿا ”تال اڏيا“.

اڪثر هوشيار ڳائڻا فخر سان چوندا آهن تہ راڳ سکڻ رُڪ جا چڻا چٻڻا آهن، ۽ هنن کی هيئن پڻ چوڻ لاءِ بہ سيباڻتو وجهہ ملی ويو آهی تہ ٻيا سڀُ هنر قلم کان لکی نٿا سگهن، مگر اسان جي فن جو مدار اهڙين ڳالهين تي آهي، جي قلم جي قيد ۾ اچي نٿيون سگهن.

بيشڪ هِنن جون اِهی دعوائون پوريون آهن. ڇاڪاڻ جو راڳ سِکڻ ۾ جا وڏي ڏُکيائي آهي، سا رڳو مٿين ٻن اصولن جي سکڻ تائين آهي، ۽ وري انهن ٻنهی اصولن مان پهرئين اصول جو مدار آهی نڙيءَ جی آواز ڏگهی ۽ ڇوٽی ڪرڻ تی ۽ ٻئی اصول جو مدار آهی پوريءَ طرح نڙيءَ جی آوازن لاهڻ چاڙهڻ سان گڏ ڪنهن بہ ساز تی هٿ سان ڏڪ هڻڻ تی يا ٻيو ڪو ويهي ساز وڄائي تہ واڄي جي ڏڪن موجب پنهنجي آواز کي لاهڻ چاڙهڻ تي.

پوءِ راڳ جی جدا جدا حالتن مان هرهڪ حالت ۾ نڙيءَ جو آواز ڪيترو ڏگهو يا ڇوٽو، ڪيتري قدر تکڙو يا ڍِلو ۽ ڪهڙيءَ ريت سخت يا نرم ڪرڻ مناسب آهی، تنهن بابت ڪابہ صورت نهرائی لکی ڇڏڻ محال آهی ۽ پڻ ساز تی هٿن هڻڻ وقت ٻن ٻن يا ٽن ٽن ڏڪن جی وچ ۾ ڪيتري دير وجهڻ گهرجی، تنهن بابت قاعدو مقرر ڪري ڇڏڻ غيرممڪن آهی. هاڻی جنهن ڪم جی حد طرحين طرحين حالتن سببان مقرر ٿي نٿي سگهي، سو خود ڪِتاں پوريءَ طرح قلم بند ٿي سگهندو.

انهیءَ ڪري راڳ جی اِنهن ٻن ضروري اصولن بابت ڪيڏي بہ سمجهاڻی ڪڻی لکِبی، تہ بہ تيستائين سکندڙ جی دل تی اهڙو اثر نہ ڪندي، جيستائين روبرو ڪنهن اُستاد جی نڙيءَ جی آوازن کی جاچی مَشق نہ ڪندو ۽ هٿن جي اُٿل پُٿل خواه چالاڪيءَ تي پورو ڌيان ڏئي استعمال نہ ڪندو.

انهیءَ هوندي بہ ’خرخسو نہ خالی، آڏيو نہ تہ پائلی‘ واجب ڄاڻی مٿين ٻنهی اُصولن جی سمجهاڻی حتی الوسيع کولی لکان ٿو. سِکندڙان مان گهڻي قدر فائديمند ٿيندا. اهڙي اميد رکڻ غلط نٿي پانئجي.

**سُر اڏياءُ:** ’اڏيا‘ لفظ جي اصلي معنيٰ آهي اُصول يا پاڳو، سُر جي معنيٰ هتي آهي نڙيءَ جو آواز.

سُر اڏيا سيکاري ٿو تہ ڳائڻ جي بنسبت نڙيءَ جي آوازن جي ورڇ ڪيئن ڪئي وئي آهي ۽ اُهي ڪيئن ڪم ٿا اچن.

راڳ جي بُنياد وجهندڙن نڙيءَ جي آواز کي ستن پاڳن ۾ ورهايو آهي. يعني ”ها“ يا ”آ“ ڪرڻ سان نموني نموني جا ٿُلها ۽ سنها آواز نِڙيءَ

مان ڪيبا تہ ستن قسمن کان وڌيڪ آواز نِڙيءَ مان نِڪري ڪين سگهندا. انهن ستن آوازن کي سندن سنهائي ۽ ٿُلهائيءَ موجب ڌار ڌار نالا ڏنا اٿن، جيئن تہ جيڪو سنهي ۾ سنهو آواز نڙيءَ مان نڪري ٿو تنهن کي سڏيو اٿن "**کِرج**". اُن کان ٿورو ٿُلهي آواز کي **رکب**، ان کان ٿلهي کي "**گنڌار**"، اُن کان مٿي سي "**مڌم**"، اُن کان ٿُلهي کي "**پنجم**"، تِهان ٿُلهي کي "**ڌيوت**"، ۽ سڀني کان آخرين ٿُلهي کي "**نکاد**".

سکندڙن کي اِنهن ستن آوازن جو استعمال ڪرڻ سؤلو ٿئي، تنهن لاءِ هرهڪ آواز جي واسطي هڪ هڪ اکر مُقرر ڪيو اٿن:

کرج، رکب، گنڌار، مڌم، پنجم، ڌيوت ۽ نکاد،

س، ر، گ، م، پ، ڌ، ني

'نکاد' لاءِ لفظ "نون" اچڻ گهُربو هو پر اُهو ٿلهي ۾ ٿلهو آواز آهي، تنهنڪري "ن" سان "ياءِ معروف" ملائي، "ني" ڪيو اٿن. سڀني کان سنهو آواز "س" کان شروع ڪبو. هن طرح:

'س ر گ م پ ڌ ني'. انهن ستن آوازن کي ڪي ڳائڻا وري هن ريت بہ چوندا آهن:

سا ري گا ما پڌ ني- انهن آوازن کي گڏي "ست" يا "ستڪ" يعني "ستن سُرن جو ميڙ" چئبو آهي ۽ ڪنهن بہ راڳ يا راڳڻيءَ جو مٿين سُرن ۾ استعمال ٿيڻ سڏبو آهي. "**سرگم**" يا "**سارگم**".

جيڪي مکيہ راڳ يا انهن جون راڳڻيون آهن، تن مان هرهڪ جي ڳائڻ ۾ اهي ست ئي سُر ڪم ڪين ٿا اچن. ڪن ۾ ست، ڪِن ۾ ڇهہ، ڪِن ۾ پنج، سُر ڪتب اچن ٿا. سي بہ ڪن ۾ نمبر وار، ڪِن ۾ اڳي پوءِ.

هرهڪ راڳ ۽ راڳڻيءَ مان هرهڪ ۾ ڪيترا ۽ ڪهڙا سُر ڪم اچن ٿا، سی راڳن ۽ راڳڻين جی بيان لکڻ وقت چِٽائیءَ سان لکی سگهبا، پر جا ڳالهہ لِکڻ ۾ اچي نہ ٿي سگهي ۽ آهي بہ ضروري، سا هيءَ تہ فلاڻي راڳ جو سرگم آواز جی ڪهڙين لاهين چاڙهين سان ڪڍڻ ۽ ڇڏڻ گهرجي ۽ فلاڻي راڳڻيءَ جو سرگم ڪيئن لاهڻ ۽ چاڙهڻ گهرجي.

**تال اڌيا:** تال اڌيا ڏيکاري ٿو تہ ڪنهن بہ راڳ يا راڳڻیءَ کی سُر اڌيا موجب ڳائڻ وقت يا ڪو ٻيو ويهی ڳائی، ان جی آوازن جی لاهين چاڙهين موافق چپٽیءَ سان يا هڪڙي هٿ کی ٻئی هٿ تی هڻڻ سان يا آڱرين خواه هٿن کی ڪنهن ساز تی هڻڻ سان پورو تال ڪيئن وٺيو اچجی. هی ڪم آهی هٿ جو ۽ هٿ جی اُٿلائڻ پُٿلائڻ جو نمونو ۽ چالاڪی خواه ڏڪن جی وچ ۾ دير پوي ٿی، تنهن جو اندازو جيستائين جاچي نہ ڏسبو ۽ مشق نہ ڪبي، تيستائين رڳو بيان پڙهڻ سان پِڙ پوڻ محال آهي.

مهاديو سمير، جنهن هندستان جی راڳ جو بنياد وِڌو، تنهن سورهن هزار راڳڻيون ۽ ٽی سؤ سٺ تال مقرر ڪيا هئا. پر پوءِ ٻيا جی مشهور هوشيار گويا رفتہ رفتہ پيدا ٿي پيا، تن چاندي چاڙي 92 تال وجي بچايا.

آخر گندرپ نامور نائڪ، انهن 92 تالن مان انتخاب ڪري، ڇهہ تال ڪيا اصل ۽ ٻيا ٿورا ڪيا مُرڪب تال، جي اڄ ساري هندستان ۾ مُروج آهن.

اصلي ڇهہ تال هي آهن:

(1) **اوتال يا اِڪتال:** هی يڪتالو آهی يعنی ڌار ڌار هڪڙو هڪڙو ڏڪ هڪ جيتريءَ دير کان پوءِ هڻبو.

(2) **نيورو يا گت**: هڪ جيتري دير کان پوءِ هڪ ٻئی پُٺيان هڪ هڪ ڏڪ هڻبو مگر سيڪنهن ٽئين ڏڪ کان پوءِ گذريل ڏڪن جی وچواريءَ دير کان پوءِ ٿورو زياده دير وجهي، وري پهرئين دستور ٻيا ٽي ڏڪ هڻبا.

(3) **ترتيا:** هي تال گت جهڙو ئي آهي، فرق رڳو اهو آهي، جو گت جي ڏڪن کان هن جا ڏڪ ڪي ڪجهہ تکڙا

هٽبا. هنن ٽنهي تالن کي سنڌي ڳائڻا عام طرح ڏيڍو يا ٽين تار سڏيندا آهن.

(4) **روپڪ**۔ جوڙو جوڙو ڏڪن جو هڪبئي کان پوري پوري دير بعد هٽبو وڄبو.

(5) **ڏمار يا ڏمال**۔ ٽي ڏڪ هٽبا، ٻه ڏڪ لاڳيتا ۽ ٽيون ڏڪ ٿوريءَ دير بعد.

(6) **چوتال يا چؤتار**۔ چار ڏڪ هٽبا. پهريائين هڪڙو ڏڪ هٽي، پوءِ وري لاڳيتا هٽبا.

**اشارو:** مٿين ڇهن اصلي تالن مان هرهڪ لاءِ جيڪي مٿي ڏيکاريل ڏڪ مقرر ڪيا اٿن. سي خاص سکندڙ جي سهنجائيءَ ۽ تال جي اصليت معلوم ڪرڻ لاءِ آهن. پر ڪنهن به تال جي وڄائڻ وقت جيڪڏهن وڄائيندڙ کي پنهنجي هوشياري ۽ هٿ جي چالاڪي ڏيکارڻي هوندي ته مقرر ڏڪن سان گڏ نموني نموني جون ڏگنيون انترا ۽ ڏِرون رکي سگهندو، جي ڏسڻ سان تعلق رکن ٿيون.

مٿين ڇهن اصلي تالن مان ٻن يا ٽن جي ميلاپ سان جيڪي مُرڪب تال، تانسين ۽ گندرپ مقرر ڪيا آهن، تن مان مکيه هي آهن:

لهرو، ڏاڏرو، پنج تارهسواري، ڇهه تارهسواري، برهم تار، ٽٽا، رودو، تلواڙو، چاچڙيا، چنئچل، جهمڙا، نيڪو ادا وغيره.

مٿي راڳ جي ٻن ضروري اُصولن سُر اڏيا ۽ تال اڏيا جو بيان ڏنو ويو آهي. انهن ٻن کان سواءِ ٻيا به چار اُصول راڳ سان شامل ڪيا اٿن، پر اُهي نڪي انهن ٻن اصولن جهڙا ضروري آهن، نڪي سندن سِکڻ ۾ ڪا ڏکيائي آهي.

البت پوئين اصول يعني نِرت اڏيا جو سکڻ ڏکيو آهي، ڇاڪاڻ جو ان جا گهڻا جُزا آهن، ۽ هرهڪ جُزي لاءِ علحده علحده قاعدا آهن.

راڳ جا ٻيا چار اصول هي آهن:

**راڳ اڏيا**: جنهن مان خبر پوي ٿي ته مکيه راڳ ڪهڙا آهن ۽ انهن جون راڳڻيون ڪهڙيون ڪهڙيون آهن. هن اڏيا جو بيان اڳتي لکبو.

**ارٿ اڏيا**: يعني ڪوبه ماڻهو وينو راڳ ڳائيندو يا ساز وڄائيندو هُجي ته پروڙي وٺڻ ته فلاڻي راڳڻي يا فلاڻو تال وينو ڳائي يا ڳائيندڙ يا وڄائيندڙ ڪا ڀُل ڪري ته سمجهي وٺڻ. جنهن جو سُر اڏيا، تال اڏيا، ۽ راڳ اڏيا ۾ پورو استعمال هوندو، تنهن جي لاءِ ارٿ اڏيا بلڪل عيان آهي.

**ڀاءُ اڏيا**: ڀاءُ جي معنيٰ ريت يا حالت. ڀاءُ اڏيا جو مطلب آهي ته ڳائڻ وقت هٿن يا ڪُلهن يا اکين سان اشارا ڪرڻ يا چهري جو ڏيک اهڙو ڪرڻ، جنهن مان مخاطب معلوم ڪري سگهي ته راڳ ۾ ڏک جو مضمون آهي يا خوشيءَ جو فراق جي ڳالهه يا وصال جي جوش جو حال آهي يا ماٺ جو. هن اڏيا جو مدار آهي ڳائيندڙ جي دلي جوش ۽ درد تي. جيتري قدر ڳائڻو جوشيلو ۽ دردمند هوندو اوتري قدر سندس اشارا ۽ ڏهنايون، ٻُڌندڙن ۽ ڏسندڙن جي دلين تي وڏيڪ جذبو ۽ اثر ڪنديون.

(**4) نرت اڏيا**: نِرت جي معنيٰ آهي نچڻ. هي اڏيا خاص ڪري نچڻ جي تعليم ۽ ان جي قاعدن جي سکيا ٿو ڏئي. هن اڏيا کي راڳ جي نسبت غيرضروري ڄاڻي سندس بيان نٿو ڪجي. جُهونن ڳائيندڙن راڳ جون 6 رُتون مقرر ڪري هرهڪ رُت لاءِ هڪڙو هڪڙو راڳ نهرايو آهي. پهرين بهار رُت: چيٽ ۽ ويساک (مارچ ـ اپريل)، ٻي گريکم رُت (مئي ۽ جون)، ٽي برساتي رُت (جولاءِ اگسٽ)، چوٿين سرءُ رُت (سيپٽمبر، آڪٽوبر)، پنجين هيمُ رت (نومبر ڊسمبر)، ڇهين سَرت رُت (جنوري ۽ فيبروري)، انهن ڇهن رُتن جا نمبر وار هينيان ڇهه راڳ مقرر ڪيا اٿن:

(1) ڀيرو (2) هنڊول، (3) ميگهه، (4) مالڪَونس، (5) ديپڪ ۽ (6) سُراڳ.

اڳين ڳائيندڙن جو چوڻ آهي تہ هڪڙيءَ رُت جو راڳ، ٻيءَ رُت ۾ نہ ڳائجي. هرهڪ رُت ۾ نهرايل راڳ ۽ اُن مان ڦُٽل راڳڻيون استعمال ڪرڻ گهرجن. مگر شاگردن کي سکيا ڏيڻ وقت ٻي وقتي راڳڻي يا راڳ چوڻ ۾ عيب ڪونهي.

اُستادن جو هي چوڻ آهي تہ مهاراجا مهيش يعني شِو ڪيلاش پربت ۾ رهندو هو جتي ديوتائون ۽ اَپسرائون اچيو ڳائينديون ۽ نچنديون هُيون. اُنهن مان ڇهہ ديوتا اُهي هئا، جن جا نالا مٿين ڇهن راڳن تي آهن ۽ اَپسرائن جا نالا راڳڻين تي آهن. جنهن جنهن علحدي نموني سان اُهي ديوتا ۽ اُپسرائون اچي ڳائينديون هيون، تنهن نموني جي راڳ يا راڳڻين کي اُنهيءَ جو نالو ڏنو اٿن.

**راڳ ڀيرو:** هي راڳ رات جي پوئين پهر ۾ ڳائيندا آهن. ان جي ڳائڻ ۽ ٻُڌڻ سان ڏاڍي فرحت ۽ تازگي حاصل ٿي ٿئي. سيئي فڪر ۽ ڳڻتيون ترپو وجن ٿيون. دِل ۽ دماغ ۽ جگر کي تقويت ٿئي ٿي ۽ جنهن کي ڪوبہ دموي يا صفراوي، يا سوداوي مرض هوندو، تنهن کي هن راڳ جي ٻُڌڻ ڪان فائدو ٿيندو.

**راڳ مالڪوَنس:** هي راڳ رات جي پهرين ٽِن پهرن ۾ ڳائبو آهي، هن جي ٻُڌڻ ڪري اکيون ننڊاکڙيون ٿيو پون، ۽ ننڊ غلبو رکي ٿي ۽ دل کي ايتري قدر آرام اچو وڃي، جو راڳ ٻُڌندي ئي ننڊ ڪٽيو وڃي.

**راڳ هندول:** هي راڳ ڏينهن جي پوئين پهر ۾ ڳائبو آهي. هن جي ٻڌڻ وقت روُح کي اهڙي خوشي ٿئي ٿي، جو راڳ ٻُڌندڙ راڳ ٻڌڻ وقت پاڻ کي هندوري ۾ لُڏندڙ پيو سمجهندو آهي. ماليخوليا جو مرض هن راڳ جي ٻُڌڻ ڪري دفع ٿيو وڃي.

**راڳ ديپڪ:** هي راڳ ٻن پهرن جو ڳائبو آهي. هي راڳ بادي ۽ بلغمي مرضن ـ اڌ رنگ ۽ لقوي کي دفع ڪري ٿو.

هن وقت ۾ انهيءَ راڳ جو ڳائڻ هندستان جي ڳائڻن بند ڪري ڇڏيو آهي، ڇاڪاڻ جو انهيءَ راڳ جي اثر ڪان ظاهري ۽ باطني جسم جي جلي وڃڻ جو اِمڪان آهي. ۽ ائين ٿا لکن تہ جيڪڏهن ڏيئي ۾ تيل ۽ وَٽ وجهي ان جي سامهون هي راڳ ڳائبو تہ هن راڳ جي اثر ڪري اُهو ڏيو پاڻهي ٻَري پوندو. جيڪڏهن ڪو ماڻهو هن راڳ جي ٻُڌڻ ڪري جلي پوي تہ ان جو آهي ميگهہ راڳ ٻڌڻ.

**راڳ ميگهہ:** هي راڳ برساتي موسم ۾ سيڪنهن وقت ٻُڌڻ ۾ اچي ٿو. هن جي ڳائڻ ڪري مينهن وسندو آهي. گرم ۽ خشڪ مرضن، پُراڻي تَپ دل جي گرمي، خفقان، يرقان لاءِ هي راڳ مفيد آهي. هي راڳ عشق جي باهہ ۽ تؤنس کي بہ اُجهائي ٿو.

**سِرراڳ:** هي راڳ ڏينهن جو هڪ بجي ڪان ڇئين بجي تائين ڳائبو آهي، هن جي ٻُڌڻ ڪان دِل نهايت مسرور ۽ مست ٿيو وڃي.

مٿين ڇهن راڳن مان چار راڳ سمپورڻ سُر آهن، يعني سُراڏيا موجب انهن جي سرگم ڳائڻ يا آلاپڻ وقت ست ئي سُر: سا ـ رـ گ ـ مـ پ ـ ڏ ـ ني ڪم اچن ٿا. مگر بہ راڳ مالڪوَنس ۽ هنڊول ۾ پنج سُر آهن، يعني اُنهن راڳن مان هرهڪ جي سرگم ۽ آلاپ جي شروعات پنجن سُرن: سا ـ گ ـ مـ ڏ ـ ني سان ٿئي ٿي.

هاڻي هتي راڳ اڏيا ۽ سُر اڏيا کي ڪجهہ کولي بيان ڪرڻو آهي، ڇاڪاڻ جو ائين ڪرڻ ڪان سواءِ هن ٿَپ ۾ ڏيکاريل مضمون دلچسپ ۽ ڪارآمد نہ ٿيندو. انهيءَ ڪري هن ٿپ کي ٽن ڀاڱن ۾ ورهائجي ٿو جن مان پهريان بہ راڳ: راڳ اڏيا جو ڪُليل بيان ظاهر ڪندا ۽ پويون سُر اڏيا جو.

(1) راڳن جون مکيہ شاخون،

(2) مفرد ۽ مرڪب راڳڻيون

(3) راڳ ۽ راڳڻين جا سرگم.

(1) **راڳن جون مکيه شاخون:** اڳيان ڪاريگر ڳائيندڙ ائين هدايت ڪري ويا آهن ته جيڪي راڳ آهن، سي گويا مرد آهن ۽ هرهڪ راڳ سان جيڪي پنج راڳڻيون آهن، سي بمثل زالن جي آهن. پوءِ جڏهن هرهڪ راڳ پنهنجن مقرر جُزن مان ڪي جُزا پنهنجين پنهنجين راڳڻين مان ٻن يا ٽن يا چئن راڳڻين جي جُزن سان پوريءَ طرح ملائي ٿو، تڏهن هڪڙي اهڙي علحدي شاخ ٺهيو پوي، جنهن ۾ اُن مکيه راڳ ۽ مدايلن راڳڻيءَ جا جزا پوريءَ طرح پيا بکن.

اهڙي علحدي ٽيل شاخ کي سنگيت وِديا جي اصطلاح ۾ 'پتر' يا 'پارجا' ڪري سڏين ٿا، جنهن جي معنيٰ آهي پُٽ يا ڌيءَ. انهيءَ قاعدي سان هرهڪ راڳ ۽ ساڻس لاڳاپي رکندڙن پنجن راڳڻين جي جُزن جي ڌار ڌار ميلاپ ٿيڻ ڪري اٺ پتر ۽ اَٺ پارجائون پيدا ٿين ٿيون. يعني هرهڪ راڳ سان پنج راڳڻيون ۽ اَٺ پتر ۽ اَٺ پارجائون لاڳو آهن. مذائقو ڪونهي، جيڪڏهن ڪٺي ڇئجي ته هرهڪ راڳ جي پنيان پنج پُٽ، اَٺ پُٽ ۽ اٺ ڌِيئون آهن. سيڪنهن مکيه راڳ جي راڳڻين، پترن ۽ پارجائن جي آلاپ ۾ سُر جو پاڻ ۾ ويجهو لاڳاپو پيو پاسي. مگر هڪڙي راڳ جون راڳڻيون پتر ۽ پارجائون ٻئي راڳ جي راڳڻين- پترن ۽ پارجائن کان علحديون معلوم ٿين ٿيون. انهيءَ هوندي به هڪڙي راڳ جي پترن ۽ پارجائن جا ڪي جزا ٻئي راڳ جي پارجائن ۽ پترن جي ڪِن جُزن سان ملائي هڪڙيون نئين نموني جون شاخون ڪڍيون اٿن، جن کي سنگيت وديا جي اصطلاح ۾ دهنه يعني ڌُهتاڻ يا پوٽاڻ ڪري سڏين ٿا. انهن جو شمار ئي ڪونهي، ڇاڪاڻ جو اُهي اڄ ڏينهن تائين به هوشيار ۽ سمجهو ڳائڻا پيا بنائين. مگر هتي فقط اُهي مکيه دهنيون (ڌهٽيون، پوٽيون) بيان ڪبيون، جي اڳيان ڪاريگر بنائي ويا آهن.

هاڻي ڇئبو ته ڇهن راڳن سان ٽيهه راڳڻيون، اٺيتاليهه پتر ۽ اٺيتاليهه پارجائون ۽ ٽيهارو ڪن دهنيون، جملي ڏيڍ سؤ ڪن ننگ لاڳو ٿي پيا، جن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:

(1) **راڳ ڀيرو:**

**راڳڻيون:** ڀيروي، بيراڙي، سِنڌوي يا سنڌو، مڌماڌ، بنگال.

**پتر:** هرڪ، تلڪ، پُوريا، ماڌو سوهو بلنه، مڌ پنجم.

**پارجائون:** سوها، بلاولي، سورٺ، ڪنپاري، انلاهي، ڦل گوجري، پٽ چنئچلي، ڀيروي.

(2) **راڳ مالڪؤنس:**

**راڳڻيون:** توڙي، گوري، گنڪلي، ڪنباوتي، ڪگبهه.

**پتر:** مارو ميواڌ، ورينس، پربل، چندرڪ، نند، پنؤر، ڪهوڪهر (ڪوڪر).

**پارجائون:** ڌناسري، مالسري، جيت سري، سگهرائي، دُرگا، گنڌاري، پيم پلاسري، ڪاموري.

(3) **راڳ هنڊول:**

**راڳڻيون:** بلاول، رامڪلي، للت، ديوساک، پٽ منجري.

**پتر:** چندر لينپ، منگل، سوپا، انند، پنور، گوَرَ بپاس، پرڌن.

**پارجائون:** ليلاوتي، ڪيروي، چيتي، پُوربي، پاراوتي، ترون، ديوگري، سرستي.

(4) **راڳ ديپڪ:**

**راڳڻيون:** ڪاموڌ، ديسي، ڪانرو ڪيڌارو نَٽ.

**پتر:** ڪنتل، ڪمل، ڪلنگ، ڇهپڪ، ڪُنبا، رام لهل، همال.

**پارجائون:** منگل گجري، جبجاونتي، مال گوجري، پوپالي، منوهر، اهيري، يمن، حمير.

(5) **سُر راڳ:**

**راڳڻيون:** بسنت، مالسري، اساوري، ماروا، ڌناسري.

**پتر:** ملنگ، مالوا، گوند، گن، ڪُنپا، گنهبر، سنڪر، پاڳڙ.

**پارجائون:** بجنا، ڌيانچي، ڪنبها، سهٽي، سرو ڪيم، سيريڪا، سلاستي.

**(6) راڳ ميگهہ:**

**راڳڻيون:** ملار، پوپالي، گوجري، ٽنڪ، ديسڪار.

**پتر:** ڪلياڻ، جالنڌر، سارنگ، نٽ نارائڻ، سنڪراپرن، گنج ڌر، گنڌار، شهانو.

**پارجائون:** ڪنهڙنات، گادوي، ڪدم نات، بهاري، مانجهہ، برج، نٽ منجري، سڌمات.

**مکيہ دهنيون:**

ڪماچ يا ڪنيات، جوڳ، سيام، فارا، بروو، پيلو چاپا، ڏاني، ديس، زيلف، ضلا، ڪالنگرو اليا، سرپرده، سُورداسي ملار، لجها ساک، اکت سکت، ڪٽ، سيورتي، مڏ مٿن، پيتاوتي، ڪاپرگوري، چن نات، تلک ڪاموڏ، سورلي، ڏولسري، ملتاني، راج هنس، حسيني، پهاڙي، ڪوهياري، گوندڪلي، وغيره آهن، جن مان پروڙڻ گهُرجي تہ راڳ سڪڻ، رُک جا چٽا چپٽا آهن.

طالب المولىٰ

# سروري جماعت جو "ڏهر" ۽ اويسي طريقو

*نوٽ: اٽڪل 22 سال اڳ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب مون کان لفظ 'ڏهر' بابت پڇيو هو پر ڪي اهڙا سبب ٿيا، جو ڪا خاص رهاڻ ڪانہ ٿي سگهي، ۽ ڊاڪٽر صاحب کي 'ڏهر' بابت ڪجهہ ٻڌائي ڪونہ سگهيس.*

*اٽڪل 8،7 سال اڳ ڊاڪٽر صاحب خط لکي وري بہ ساڳي ڳالهہ پڇي، مون پنهنجي مختصر راءِ لکي موڪلي هئي، پر ڊاڪٽر صاحب وٽان ڪو جواب ڪونہ آيو. پر 'ڏهر' بابت وڌيڪ لکڻ جو خيال ٿيو تہ جيئن مختلف حلقن ۾ مخدوم نوح عليہ الرحمت جي جماعت سروريءَ ۾ رائج 'ڏهر' بابت مختلف قسمن جي خيالن جي اظهار ۽ جماعت سروريءَ جي "سهروردي" يا "اويسي" هجڻ بابت پيدا ٿيل مونجهارن جي وضاحت ڪري سگهجي.*

*13 مئي 1980ع تي شيخ محمد اسماعيل صاحب، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جو لکيل ڪتاب "سنڌي موسيقيءَ جي مختصر تاريخ" موڪليو ۽ ان ڏينهن ئي مطالعي بعد شدت سان ضرورت محسوس ٿي تہ جلد اهڙو مضمون لکجي تہ جيئن وضاحت ٿئي ۽ ڪا بہ غلط فهمي باقي نہ رهي. ان مضمون لاءِ حوالا گڏ ڪرڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو پر طبيعت جي ناسازيءَ سبب اهو ڪم جلد مڪمل نہ ٿي سگهيو. هن وقت بہ عبدالله ورياهہ، اسان جي هدايتن ۽ گڏ ڪيل حوالن موجب مضمون نقل ڪرڻ ۾ اسان جي مدد ڪئي آهي.*

– "طالب المولىٰ"

"ڏهر" لفظ "ڏاهر" جو مخفف (گهٽايل) آهي. 'ڏهر' جو اشتقاق (بنياد) لفظ 'ڏاهہ' آهي، جنهن جون معنائون آهن: خبر، ڏس، پتو پرولي ۽ ڳجهارت[1]. پر انهي لفظ جون معنائون 'سڌ' ۽ 'اطلاع' وغيره بہ آهن.

لفظ "ڏاهر" ۾ 'ر' نسبتي آهي، جيئن ڪنير، پتر ۽ لهر وغيره وغيره. عام ۽ خاص کي سڌ ڪري يا اطلاع ڏيئي الله ۽ ان جي آخري رسول ﷺ ڏي رجوع ڪرائڻ جو هڪ بهترين ۽ آسان ذريعو ۽ رستو آهي. "ڏهر".

[1] سنڌي لغات قديمي"، مرزا قليچ بيگ، حيدرآباد، ١٩٢٤ع، صفحو ١٥٥.

چوٽي آهي تہ "ڏاهري ٻہ آيل آهن يا 'ڏاهرن' جي اچڻ جو انتظار آهي، وغيره. يعني سُر سان ڏهر ڏيندڙ فقير چوندا آهن تہ فلاڻي ڳالھ لاءِ سموري پرڳڻي ۾ 'ڏاھ' ڏني ويئي تہ سوين ماڻهو اچي گڏ ٿيا "مدد ڪرڻ لاءِ" تہ ڪم ٿي ويو.

سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ ۾ سنڌي شاعريءَ جي جيترين ٻہ صنفن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، انهن ۾ 'ڏهر' ڪي شامل نہ ڪيو ويو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي قدامت ۽ بڻ بنياد جي باري ۾ اڄ تائين جيڪو بحث ڪيو ويو آهي، انهيءَ ۾ جديد تحقيقاتي بنيادن مطابق مذهبي پرچار وارو ڪلام يعني 'گنان' بہ ڏنا ويا آهن. جن ڪي اندازاً 1965ع کان پوءِ سنڌي شاعري جي صنف طور قبول ڪيو ويو آهي. 'گنان' فقط اسماعيلي پيرن جي تعريف جا بيت آهن، جن ڪي سنڌي ادب جي ٻئي دؤر جي شاعريءَ طور پيش ڪيو ويو آهي.[2] حالانڪ "ڏهر" بہ سنڌي شاعريءَ جي عظيم صنف آهي، جنهن ۾ خدا تعاليٰ جي تعريف، حضرت محمد ڪريمﷺ جي ساراھ ۽ حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليہ جي ساراھ جو ذڪر آهي. منهنجي ڄاڻ موجب شاعريءَ جو هي نمونو الف اشباع (مقدمہ الصوات) جي دؤر سان گڏ شرع ٿيو آهي ۽ اڄ تائين قائم ۽ دائم آهي.

"ڏهر" سنڌي شاعري جي هڪ غير عروضي صنف (نمونو) آهي، جنهن ڪي مخدوم معظم غوث الحق حضرت مخدوم نوح رحہ جي سروري جماعت جياريو اچي. اها صنف ايتري تہ مقبول هئي ۽ آهي، جو شاھ عبداللطيف ڀٽائي عليہ رحمت بہ پنهنجي شاعريءَ ۾ ان ڪي جاءِ ڏني. غير عروضي سنڌي شاعري ڪندڙ ڪي گهرجي تہ ڏهر جي صنف تي آل جال لکن.

ڏهر ۾ حمد، نعت، منقبت، اصحابہ ڪرام ۽ ٻين الله وارن جي ثنا، دين اسلام جي اصولن تي عمل ڪرڻ جون هدايتون ۽ مرشد جي تعريف

[2] ڏسو "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ"، ڇاپو ٻيو از ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، صفحہ ١٨٤-١٨٦.

تي مضمون لکيا آهن.[3] ڏهر عوام ۽ خواص ڪي سڏ ڪري يا اطلاع ڏيئي الله ۽ ان جي آخري رسول ڏي رجوع ڪرائڻ جو هڪ بهترين ۽ آسان ذريعو ۽ رستو آهي، جنهن جي وسيلي نہ صرف الله ۽ الله جي رسولﷺ پر پنهنجي مرشد جي احوال کان پڻ جماعت ڪي روشناس ڪرايو وڃي ٿو.

حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحہ جن رسول الله ﷺ جن جي سنتن پاڙڻ تي انساني وس پڄندي بيحد ڪوشش ڪندا هئا ۽ ان ۾ پاڻ وڏي ڪاميابي حاصل ڪئي هئائون.

مڪي شريف ۾ ڪعبة الله جي ويجهو ٻہ جبل هڪ صفا ۽ ٻيو مروه چڱا خاصا وڏا هئا.[4] جڏهن مڪي پاڪ تي ڪاھ ٿيندي هئي، ڪو خطرو هوندو هو يا ڪو قافلو يا قاصد ايندو هو تہ انهن جبلن مان هڪ تہ ڪوبہ شخص چڙهي بلند آواز سان ان ڳالھ جو اطلاع ڏيندو هو تہ ماڻهو هوشيار ٿي ويندا هئا. اهو طريقو اسلام اچڻ کان ٻہ گهڻو وقت اڳ رائج هو.

جڏهن حضرت محمد بن عبدالله جن نبوت ملڻ بعد ماڻهن ڪي اسلام ڏي اچڻ ۽ هن سچي مذهب ڪي اختيار ڪرڻ جي تبليغ ڪئي تہ پاڻ هڪ دفعو مڪي جي ڪوھ صفا[5] تي چڙهي ان وقت جي رواج موجب بلند آواز سان هي لفظ "يا معشر قريشي" بہ تي ڀيرا چيا ۽ قريش اچي گڏ ٿيا. پاڻ آيل ماڻهن ڪي فرمايائون تہ جيڪڏهن آئون چوان هت هن جبل جي پويان هڪ وڏو لشڪر موجود ۽ حملي ڪرڻ وارو آهي تہ اعتبار ڪندؤ؟ ان تي ماڻهن جواب ڏنو تہ، "بيشڪ، چو تہ اوهان ڪڏهن ڪوڙ نہ ڳالهايو آهي."

[3] مقدمو از طالب المولي، "رسالہ رهنمائي" منثار فقير راڄڙ، مرڪزي بزم طالب المولي، ١٩٨٤ع هالا، صفحہ ٥-٦

[4] اهي جبل وچولي درجي کان بہ گهٽ هئا، جن ڪي سعودي حڪومت اجا بہ وڌيڪ ننڍو ڪري ڇڏيو آهي.

[5] هن وقت ڪوھ صفا جو معمولي نشان باقي آهي.

تنهن تي پاڻ چيائون تہ صرف هڪ الله آهي، ان کي سجدو ڪريو ۽ آئون ان جو رسول (ﷺ) آهيان، وغيره. تنهن تي ابولهب هميشہ وانگر بڪواس ڪئي ۽ ماڻهو هليا ويا.

"ڏهر" بہ انهيءَ قسم جو يعني الله طرف سڏڻ جو هڪ طريقو آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب پنهنجي تصنيف "سنڌي موسيقي جي مختصر تاريخ" ۾ لکيو آهي تہ: "مخدوم صاحب جن جو طريقو سهروردي آهي ۽ مخدوم صاحب (هالا) جي جماعت جي اصطلاح ۾ مرشدن جي تعريف ۾ ذڪر جي سلسلي کي "ڏهر" چون. 'ڏهر ڏيڻ' معنيٰ بلند آواز ۾ هڪ خاص ڍار سان اهڙا بيت ڏيڻ، جن ۾ درگاهہ جي وڏي سرور پير يعني مخدوم نوح رح صاحب ۽ سندس درگاهہ جي صفت هجي. اهو مضمون هن درگاهہ جي مريدن لاءِ برڪت ۽ آٿت جو سهارو آهي ۽ سندن 'ڏهر ڏيڻ' جو خاص مقصد اهو ئي آهي." "ڊاڪٽر صاحب جو اهو چوڻ صحيح آهي. وري ڊاڪٽر صاحب اڳتي لکي ٿو تہ "مگر سنڌي راڳ جي روايت جي لحاظ کان ڏهر جو اصطلاح هڪ خاص اهميت رکي ٿو. چاڪاڻ تہ ملتان جي سهروردي طريقي ۾ پڻ ڏهر موجود آهي، جنهن مان ظاهر آهي تہ اهو سُر ڪنهن آڳاٽي راڳ جو يادگار آهي، جنهن جا آثار ڪنهن حد تائين ميسارجي چڪا آهن."[6]

"اسان راڳ ڏهر جي اصليت ۽ ماهيت کي سمجهڻ لاءِ مخدوم صاحب کي مريدن م رائج "ڏهر ڏيڻ" جي سلسلي کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي، انهيءَ سلسلي ۾ مختلف جاين تي ڏهر ٻڌا ۽ پڻ آڳاٽو منٺار فقير جي ميلي جو پيرو ڪيو. جو موجوده دؤر ۾ منٺار فقير جا چيل بيت خود منٺار فقير جي مزار تي توڙي ٻين اڪثر جاين تي ڏهرن طور ڏنا وڃن ٿا. انهيءَ ڳولا ۽ پُڇا مان جيڪي ڪجهہ معلوم ٿي سگهيو، تنهن جا

[6] "سنڌي موسيقي جي تاريخ" صفحو ٣٠٥ (ڇپايل شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ١٩٧٨ع.)

مختصراً هيٺيان پهلو قابل ذڪر آهن: جن شاعرن جا بيت ڏهر طور ڏنا وڃن ٿا، سي سڀ مخدوم صاحب جي درگاهہ جا مريد هئا. منٺار فقير راڄڙ جي بيتن ڪانسواءِ اسان ساهو فقير، سڏاتوري فقير مڱريي ۽ حيات فقير جت (جيڪو جاتيءَ جي پاسي جو هو) جا بيت ٻڌا. جيڪي ڏهر طور ڏنائون. مگر اهي سڀ فقير مخدوم نوح صاحب رحمة الله عليہ کان گهڻو پوءِ ٿي گذريا ۽ انهيءَ ڪري شاعرن ۽ سندن بيتن جي مطالعي مان ڏهر ڏيڻ جي تاريخي اصليت روشن ٿئي ٿي.

"مخدوم صاحب جي جماعت ۾ جيڪو ڏهر ڏيڻ جو سلسلو رائج آهي، سو اصلي طور مرشد جي تعريف ۾ ذڪر جو سلسلو آهي. مخدوم نوح صاحب رحمة الله عليہ جي درگاهہ تي هر سهائي سوار يا لکاني ۽ حج وارن مهينن ۾ ڏهر ڏيندا ۽ پڻ درگاهہ جي سلسلي ۾ ٻين ماڳن تي ڏهر ڏيندا آهن. ميلن ۾ مڪيہ جاين تي فقير اڪثر مچ جي چوڌاري گولائيءَ ۾ ويهندا ۽ هڪ خاص ڍار سان مرشد جي تعريف ۾ بلند آواز سان بيت آلاپيندا. هر بيت جي پوري ٿيڻ تي 'ذڪر جي تنوار' طور "لااله" ۽ "الاالله" 'يا الله' 'هو الله' جون ضربون هڻندا آهن. انهن 'ضربن سان ذڪر' واري تنوار مان گمان نڪري ٿو تہ غالباً ڏهر ڏيڻ جو سلسلو سماع جي ڪنهن آڳاٽي سلسلي سان وابستہ آهي، جيڪو اندازاً اٺين صدي هجريءَ ڌاري يا ان کان بہ اڳ سنڌ ۾ رائج هو.[7]

هتي ڊاڪٽر صاحب جي ڪجهہ ڳالهين سان اختلاف ڪندي چوڻو ٿو پوي تہ سنڌ ۾ سروري جماعت ڪانسواءِ ٻيءَ ڪنهن جماعت ۾ "ڏهر" جو رواج نہ آهي. ملتاني جماعت ۾ ڏهر بدران "بيت" چوندا آهن صرف مخدوم نوح رحہ جي جماعت ۾ "ڏهر" چيو وڃي ٿو جنهن ۾ حمد، نعت، منقبت، صحابہ ڪرام ۽ ٻين الله وارن جي ثنا، دين اسلام جي

[7] "سنڌي موسيقي جي تاريخ" ص- ٣٠٦.

اصولن تي عمل ڪرڻ جون هدايتون ۽ مرشد جي تعريف وغيره تي مضمون لکيا آهن. رهيو سوال ڏهر راڳ جو ته ڏهر اڳ هوئي ڪونه، پر ”ڏهر“ راڳ پيروي ۽ جوڳ ۾ آلاپيا ۽ چيا (ڳايا) ويندا آهن. سروري جماعت جو هي به دستور آهي ته شڪار يا سفر ۾ هڪ ٻئي کان رفيق پلجي جدا ٿي ويندا آهن ته پوءِ ڪلمه طيبه آلاپي ”ڏهر“ ڏنا ويندا آهن. ته پلجي ويل رفيق اهو ٻڌي، ان جو جواب ”ڏهر“ سان ڏيندو ۽ اچي هڪ ٻئي سان ملندا آهن.

ڏهر ڏيڻ جو طريقو اڄ به سروري جماعت ۾ رائج آهي. اهو طريقو ڪيترو پراڻو آهي ۽ ڪڏهن شروع ٿيو ان بابت پڇا ڪرڻ تي به معلوم نه ٿي سگهيو ته ڏهر ڏين جو طريقو ۽ ايجاد ڪنهن ۽ ڪڏهن ڪئي، پر حضرت غوث الحق مخدوم نوح عليه الرحمت جا چيل ڏهر به اسان وٽ موجود آهن، جن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ”ڏهر ڪلمي“ جو طريقو ڪيترين صديون پراڻو آهي، جن مان هڪڙو مشهور ”ڏهر“ هيٺ ڏجي ٿو:

متان ڏسي موهجين، دنيا وارو ڏڄ،
جدا ڪر جودئون، چائيءَ ڪي تي چڄ،
اڄ نه تئي سيان، سيان نه تئي اڄ،
نرمل ’نوح فقير‘ چئي، ڪر رب سان ريجهي رڄ،
منيون پيڙي پڄ، وقت وڃي تو ويسلا.

جنهن ۾ واضح نمونی سان دنيا جي فاني هجڻ، نيڪي ۽ برائيءَ جي فرق ڪي سمجهڻ ۽ بنا وقت وڃائڻ جي رب ڪي راضي ڪرڻ جي تلقين ڪيل آهي.

حيات فقير جت، جاتي ضلعي ٺٽي جو رهاڪو هو. سندس هڪ ڏهر آهي:

جي آسائي آهين، ته هلي وڃ هالين،
جي سُتيءَ جا سيڪڙو سي پين پيالين،
ڪوجهي افعالين، پير نه ڇڏي پانهنجا.

هن ڏهر ۾ مرشد جي ساراهه ۽ سندس مهربانين جو ذڪر آهي. منٺار فقير راڄڙ پٽ قبول محمد (١٢٧٥هه /1865_ ١٣٥٨هه 1938ع) ڳوٺ ڪاٺي راڄڙ، ضلعي سانگهڙ جو مشهور فقير ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. سروري جماعت ۾ سندس چيل ڏهر تمام گهڻو مشهور آهن. سندس ڏهرن جو ڪتاب ”رسالو رهنمائي“ پڻ ڇپيل آهي، سندس ڪجهه ڏهر هتي پڻ ڏجن ٿا:

چئو لااله الاالله، محمد رسول،
ائين چئي ويو چاڳلو مولا جو مقبول،
منجهان دل ’منٺار‘ چئي، ڪيو جن قبول،
مٿان تن محصول، لطف ساڻ لهي ويو.

–

سرور شاهه جي سگهه جو ليکو لکندو ڪير،
آيو جو اولياءُ وٽ، پرتئون پري پير،
سو سڀ ڪي شاهوڪار ٿيو، توڙي ڏڌ ڏقير،
جن دعا گهري هڪ دمڙي، تن کي سرور بخشيو سير،
جنهن جي فيض ۾ ناهي ڦير، چو نه مڃي ’منٺار‘ چئي.

–

سرور جي سومار تي، آيس آس ڪري،
ادب نوڙت نياز مان، پرتان پير پري،
ته من سندم ’منٺار‘ چئي، ڪنهن سوليءَ واٽ وري،
محبت شال سري، مٺي مرشد پاڪ جي.

–

سٽي منهنجا سڏڙا، سائين امين محمد ايندو،
ڪئين دلاسا دل کي، اچي ڏڍ وڏا ڏيندو،
مرڻ ويل ’منٺار‘ چئي، اچي وسيلو ٿيندو،
هيءَ نماڻي نيندو، پلئہ لائي پانهنجي.

–

ميان محمد زمان منهنجا پرين، سڻ سائل جا بہ سوال،
نرمل ناري ملڪ تي، تون رکج خان خيال،
موهر سان منٺار چئي، ڪر پلايون پال،
لائق ڀريا لال، ڪر نظر نوازڻ جي.

–

مينا ظهيرالدين ظهور ڪيو، ويٺو مسند مٿي مور،
منجھ قلب ’منٺار‘ چئي، ٿيو ذڪر جو زور،
تابش طالبن تان ويو شيطاني شور،
ويئي دلگيري دل تان، هينئڙي مٿان هور،
مليو امل اتور، پلئہ لڳندي پير جي.

–

آيو پوٽو پکن ڏٽيءَ جو نسورو ئي نُور،
آهي والد ولي جنهن جو جنهن کي حبيبي حضور،
سو غلام محمد گهوٽ ئي آهي، محمد وٽ منظور،
ڪيو دين سندو دستور، تنهن موهر ۾ ’منٺار‘ چئي.

–

بسم الله پلي ڪري آيو هي مرد موچارو،
والد ولي جنهن جو آهي پارس پاڳارو،
تنهن غلام حيدر گهوٽ هي، نوازيو سڀ نارو،
مهراڻو ’منٺار‘ چئي، ٿيو سپاڳو سارو،
لٿو مونجهارو، قلب قريشيءَ نئون ڪيو.

–

آيو سائين محمد زمان موهر ۾، پهريون دفعو پير،
سو صحيح صديقي سلڇڻو ڪٺي الله ڪيو اڪثير،
سو نرمل نوازيندو اچي، واهڻ وستيون وير،
سو آيو پلي بوڇڻاهہ تي، ڪامل قطب ڪبير،
۾ ڏئي ٿو فيض فقير، والي وريل شاھ کي.[8]

مٿي ذڪر ڪيل سڀئي ڏهر منٺار فقير پنهنجي مرشد جي شان ۾ چيا آهن، جن ۾ مختلف سروري سجاده نشينن جي ساراهہ سندن فيض ۽ مسافريءَ جو ذڪر ڏنل آهي. هن سلسلي ۾ منهنجا چيل ڏهر پڻ مثال طور ڏجن ٿا:

لاالــہ الاالله، محمد الرسول،
جهانن ۾ جميل کي، مولا ڪيو مقبول،
پيغمبر پڌرو ڪيو، الله جو اصول،
”طالب الموليٰ“ مرد ٿي، فڪر چڏ فضول،
جنهن قريشيءَ جي قلب کي، قلبئون ڪيو قبول،
سو محبتي ملول، ڪڏهن ٿيندو ڪونہ ڪو.

–

آءٌ طالب تنهنجو توڪلي، تون سخي شاھ سرور،
پنان ٿي پينار تو، تنهنجي نيڪ نظر،
سندي ڏينهن محشر، سوڪو ڪج سردار تون.

---

[8] ”رسالو رهنمائي“، منٺار فقير راڄر، مرڪزي بزم طالب الموليٰ، هالا، ١٩٨٤ع.

—

آءٌ طالب تنهنجو توڪلي، تون سخي سرور شاهه،
پنان ٿي پينار تو، تنهنجي نيڪ نگاهه،
سدا منهنجو ساهه، سڪي تنهنجي سڪ ۾.

—

آءٌ طالب تنهنجو توڪلي، تون سخي سرور پير،
يا ننگي نوح فقير، پرم رکجانءِ پال سان،
دامن لڳس تنهنجي، منا مرشد مير.[9]

مٿين سيني ڏهرن جو موضوع اهو ساڳيو آهي، جنهن جو ذڪر مٿي ڪيل آهي، يعني الله ۽ الله جي رسول ﷺ ۽ مني مرشد کان دنيا ۽ آخرت جي ڀلائيءَ جي طلب جو اظهار.

ان کان سواءِ هن وقت به نئين ٽهيءَ جي شاعرن ۾ ’ڏهر‘ لکڻ جو شوق پيدا ٿيو آهي. سروري جماعت سان تعلق رکندڙ هڪ نوجوان شاعر عبدالله خان ورياهه[10] پڻ ڪافي ڏهر چيا آهن، جن مان مثال طور به ڏهر هيٺ ڏجن ٿا:

سچو سرور نوح ٿئي، صديقي سلطان،
لاڙ وچولي، ٿر ۽ اتر ۾ اعلان،
هند توڙي سنڌ ۾، ملڪان ملڪ بيان،
آگي جا احسان، سرور ڪيو سوجهرو.

—

سرور ڪيو سوجهرو، چوڌر ٿي چانڊاڻ،

[9] مقدمو ”رسالو رهنمائي“، از طالب المولىٰ.
[10] عبدالله ورياهه پٽ تاج محمد ورياهه، ٽنڊي آدم جو رهندڙ آهي. پاڻ شاعر کان سواءِ اديب پڻ آهي. سندس تحقيقي مقالو ”سنڌي جي تاريخ سڪن جي روشنيءَ ۾“ لکيل آهي.

مرشد سندي مر سان، پريا پاڳين پاڻ،
طالب سندي طلب جي، تن ۾ رکي تاڻ،
سرور نوح سجاڻ ته سولو نڪرين سير مان.

هي ڏهر سرور نوح رحہ جن جي صفت ۾ بيان ڪيل آهن.

مٿي ذڪر ڪيل ڏهر جي نمونن کانسواءِ ٻيا به ڪيترائي ڏهر مختلف ماڻهن جا چيل آهن، پر انهن سڀني جو موضوع اهو ساڳيو آهي. ڏهر جي مطالعي مان معلوم ٿيو ته اهي نه صرف حضرت مخدوم نوح عليہ الرحمت ۽ سندن درگاهه، پر سندن سجاده نشينن جي فيض ۽ برڪت، مسافري ۽ سهائي سومار بابت پڻ وڏي تعداد ۾ چيا ويا آهن.

ڀلاري ڀٽ ڌڻي شاهه عبداللطيف عليہ الرحمة پنهنجي رسالي ۾ ’سر ڏهر‘ جي عنوان هيٺ چئن داستانن ۾ ڪافي بيت چيا آهن. ڪلياڻ آڏواڻي ڏهر جي معنيٰ سمجهائيندي لکي ٿو ته ”ٿر ۾ ٻن ڀٽن جي وچ ۾ ماٿر يا ڏاڍي مٽيءَ واري سنڌي ميدان کي ”ڏهَرُ“ چوندا آهن.[11] هن نسبت سان سنڌي، سچي، واضح ڳالهه جيڪا ڏهر جو اصل موضوع هوندي آهي، جيڪو ڪنهن به بيت ۾ سمايل هجي، ته ان کي ”ڏهر“ چئي سگهجي ٿو.

جلال ڪٽي سنڌ جو مشهور ۽ جهونو سگهڙ، جيڪو ٻارهين صدي هجريءَ جي اوائلي اڌ ۾ ٿي گذريو آهي، جنهن جي سنڌي لوڪ ادب ۾ هڪ خاص حيثيت آهي. هن پنهنجي هڪ سينگار بيت ۾ ’ڏهر‘ جو لفظ ’ڏندن‘ لاءِ استعمال ڪيو آهي. بيت هن ريت آهي:

لڪ ليٺي، ”ڏهَر ڪپور“، پروان پؤنر پونگ،
تنهن سمايا سارنگ، جلوي ساڻ ”جلال“ چئي.[12]

[11] شاهه جو رسالو ترتيب پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي، صفحو- ۴۲۷.
[12] سنڌي سينگار شاعري، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو ۱۹۸۶ع.

سينگار بيت جو هڪ ٻيو نمونو سگهڙ ڪوريءَ جو پڻ ملي ٿو. سندس نالو نہ ملي سگهيو آهي، پر هي جلال ڪانپوءِ واري دؤر جو سگهڙ آهي. هن پڻ ساڳيو ڏهر، ڏندن لاءِ ڪتب آندو آهي.

مرواريد مات ٿيا ڏسي ”ڏهر“ سندان.[13]

سگهڙ جلال ڪتي پنهنجي سينگار بيت ۾ ’ڏهر ڪپور‘ معنيٰ ’ڪافور جهڙا اڇا ڏند‘ جا لفظ استعمال ڪيا آهن.

جڏهن تہ ڪوري سگهڙ ”مرواريد“ يعني موتين کان بہ وڌ محبوب جي ڏهرن، يعني ڏندن جو ذڪر ڪيو آهي. مٿي ذڪر ڪيل ٻنهي مشهور سگهڙن جي سينگار بيت جي نمونن ۾ ”ڏهر“ جو لفظ ڏندن لاءِ ڪم آندل آهي. نہ صرف اهو پر ٻين بہ ڪيترين لکڻين جي قديم سنڌي زبان جي نمونن ۽ گفتن ۾ ”ڏهَر“ ڏندن لاءِ ڪتب آيو آهي.

جهڙيءَ طرح ٻن ڀٽن جي وچ واري اڇي، سڌي ۽ ڏاڍي مٽيءَ واري ميدان کي ”ڏهر“ چئبو آهي، ساڳيءَ طرح ٻن چپن جي وچ ۾ اڇن، اجرن ۽ سهڻن ڏندن جي قطار کي بہ ڏهر سڏيو ويو آهي ۽ سگهڙن ۽ لوڪ ادب جي ڄاڻن بہ انهيءَ معنيٰ ۾ استعمال ڪيو آهي، پر هن لفظ جي عام استعمال اُن معنيٰ ۾ باقي نہ رهيو. ان ڪري هن لفظ بابت عام ماڻهن توڙي اديبن کي ڄاڻ ملي نہ سگهي.

’ڏهر‘ جي لفظ جي معنيٰ کي ڳوليندي مختلف عربي فارسي ۽ سنڌي لغات ڏسڻ جو موقعو مليو. ممڪن آهي تہ هي لفظ اصل ۾ عربي لفظ ’دهر‘ جي تبديل ٿيل صورت هجي، جنهن جي معنيٰ ٿيندي ”زمانو“. نبي ڪريمﷺ جن جي حديث: ”لاتَسبَو الدَهَرَ فان الله هو الدَهُرَ“، يعني ’زماني کي خراب نہ چئو، ڇو تہ ان کي رب پاڪ ٿو هلائي.[14] ڏهر جي لفظي

[13] ايضاً، ص-١٥٤.
[14] لسان العرب- امام علامہ ابي الفصل جلال الدين محمد بن مڪرم ابن منظر الافريقي المصري، جلد چوٿون، دارصادر، بيروت، لبنان، ص ٢٩٢.

معنيٰ اهڙي زماني جي پڻ آهي، جنهن جو ڪوبہ ڇيڙو نہ هجي. هڪ وڏي ۽ ڊگهي عرصي کي پڻ ’دهر‘ چئبو آهي.[15] مقصد تہ ’دهر‘ جي لفظي معنيٰ زمانو، جڳ، وقت، عرصو، مدت، سمو، دنيا، سنسار ۽ جهان ٿيندي.[16] جيڪو شاھ سائينءَ جي رسالي ۾ ڏنل سر ڏهر جو اصل موضوع آهي، سر ڏهر جو هڪ بيت مثال طور هيٺ ڏجي ٿو:

ڍور نہ اڳئين ڍار، مهند ملاحن لَکيو،
موڙي ڇڙيا مڪڙا، پسي پاڻيءَ پار،
جسوڏن جيها يار، پيئڙا وير وماس ۾ .[17]

ڊاڪٽر بلوچ صاحب بہ ’ڏاھ‘ جي لفظي معنيٰ ”ڏس، پتو، اهڃاڻ، پرو، خبرچار، سڌ، سماءُ، احوال، سڻس، ڪڙڪ، چتاءُ، آگاهي، اطلاع، ڄاڻ، واقفيت، ڳجهارت، پرولي، مام، سمجهہ، عقل، هوش، فهم، ٻَڌي، ڏاهپ، سياڻپ، سچيتائي، دانائي ۽ هوشياري“ پڻ لکي آهي، جڏهن تہ ’ڏهر‘ کي سنڌي راڳڻيءَ جو هڪ قسم، تعريف جا بيت، سُريلا بيت جيڪي دعا يا ذڪر خاطر ملتان جي غوث بهاءُ الدين رحہ ۽ مخدوم نوح رحہ جا مريد وڏي آواز سان پڙهن، لکيو اٿن.[18]

مٿين سڀني ڳالهين جي آڌو اڇڻ بعد اهو معلوم ٿيو تہ ”ڏهر“ اڇي اجري، واضح ۽ سچي ڳالهہ. جيڪا زماني جي مختلف دؤرن سان تعلق رکندڙ هجي، ان جي سڌ ڏيڻ کي ڇيو وڃي ٿو. جيڪو صاحب الفيض والفتوح حضرت مخدوم نوح عليہ الرحمت جي جماعت سروريءَ ۾ مروج ڏهر جو اصل موضوع آهي.

[15] فرهنگ فارسي عميد، حسن عميد، تهران ڇاپو ڇهون، ١٣٢٥ھ، جلد اول، صفحو ١١٢٥.
[16] جامع سنڌي لغات، جلد ٽيون، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ١٤٠٤ھ- صفحو ١٢٤٩.
[17] شاھ جو رسالو پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي، سر ڏهر، داستان پهريون، بيت نمبر ڏهون، صفحو ٤٥٦.
[18] جامع سنڌي لغات، جلد ٽيون، صفحو ١٣٧ ۽ ١٣٤٨.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب اڳتي هلي بزرگ نوح هوٽياڻيءَ جي تاريخ حقيقت معلوم ڪندي هڪ ڏهر جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪو پاڻ سومر فقير ڏاهريءَ کان درگاهه حضرت نوح هوٽياڻيءَ تي ٻڌو هئائون.

اتندي پير اويس جو، نر جو نانءُ ڳنهن،
سي سدا وتن سنرا، پاپ نه پڙي تن،
الله اويسين، ڪوسو واءُ نه وارين.

بلوچ صاحب جن هن بيت بابت لکن ٿا: "پڇا تي چيائون ته هي ڪو آڳاٽو بيت آهي، جيڪو سيني به سيني هلندو اچي، پر اهو معلوم ناهي ته ڪهڙي شاعر جو چيل آهي. ظاهر آهي ته هيءُ 'سماع' جو بيت آهي، ڇاڪاڻ ته 'اتندي' مان مراد آهي 'سماع' ۾ اتندي سان ئي برڪت ۽ ڀلائيءَ لاءِ اويس پير ۽ اويسين جو نالو ڪٽڻ.'

اهو پڻ ظاهر آهي ته هيءُ بيت مخدوم صاحب جي سلسلي جي فقير جو چيل ناهي، ڇاڪاڻ ته مخدوم صاحبن جو طريقو 'اويسي' ناهي، مگر 'سهروردي' آهي. ڏهر جي هن بيت ۾ پير اويس ۽ اويسين وارا ناتا تاريخي لحاظ کان اهم آهن. اسان جي خيال ۾ سنڌ ۾ تصوف جو 'اويسي طريقو' ٿورو هليو، مگر آڳاٽو آهي.

درويش نوح هوٽياڻيءَ جي توڪل ۽ تسليم واري زندگي مان پڻ سمجهجي ٿو ته هو اويسي هو. مانجهندن جي سامهون الهندي طرف 'شاهه اويس'، جنهن جي نالي ۾ اويسي طريقي جا اهڃاڻ سمايل آهي، سو پڻ آڳاٽو ولي ٿي گذريو آهي. نسبتاً پوئين دور ۾ ڏيرا فقير درويش، جيڪي سُئي ڪندر واري مقام ۾ مدفون آهن، تن مان پڻ هڪ ٽولو اويسين جو هو. هيءُ آڳاٽي اويسي طريقي جي مضمون وارو سماع جو بيت آهي، جيڪو مسلسل روايت ذريعي 'ڏهر' طور پڙهجڻ ۾ آيو آهي، جنهن مان ظاهر آهي ته سنڌ اندر "ڏهر جي سماع" کي اويسي طريقي سان پڻ ڪا نسبت آهي ۽ ڏهر ۽ سماع جو اهو سلسلو ڪم از ڪم اٺين صدي هجريءَ تائين پهچي ٿو، ڇاڪاڻ ته درويش نوح هوٽياڻي تڏهن ٿي گذريو."[19]

هن ۾ وضاحت طلب اها ڳالهه آهي ته ڏهر ۾ اويسين جو ذڪر ڪيل آهي ۽ ڊاڪٽر صاحب جي خيال موجب اهو ڏهر سروري جماعت جي ڪنهن فقير جو چيل ان ڪري نه آهي، جو هيءُ سلسلو سهروردي آهي، اويسي ناهي ۽ سندن خيال موجب درويش نوح هوٽياڻي رحه اويسي سمجهڻ ۾ اچي ٿو.

هن سڄي ڳالهه کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته پهريائين اويسي طريقي کي سمجهجي ۽ پوءِ ثابت ڪجي ته حضرت غوث الحق مخدوم نوح عليہ الرحمة جن جو اويسي طريقي سان ڪهڙو تعلق هو ۽ درويش نوح هوٽياڻيءَ جي مخدوم نوح رحه سان تعلق تي پڻ روشني وجهجي.

'اويسي' جو لفظ حضرت اويس القرني سيد التابعين جي نالي مبارڪ سان منسوب آهي. پاڻ يمن جي علائقي قرن جا رهاڪو هئا. حضور جن جي پرپٺ اسلام قبول ڪيو هئائون، پر ملاقات جو شرف حاصل نه ڪري سگهيا. پاڻ (سنه ١٧ هجري کان پوءِ) يمن جي هڪ امدادي فوج سان مديني پاڪ ۾ آيا ۽ حضرت عمر رضي الله عنه سان سندن پهرين ملاقات ٿي. ڪجهه عرصو ڪوفي ۽ بصري ۾ گوشه نشينيءَ جي زندگي گذاريائون ۽ الله جي عبادت ۾ مشغول رهيا. جنهن کانپوءِ ڪيترن جنگين ۾ حصو ورتائون.

[19] سنڌي موسيقي جي مختصر تاريخ، صفحو ٣٠٧.

سندن لاڏاڻي بابت تاريخ جي ڪتابن ۾ مختلف روايتون ملن ٿيون. هڪڙي روايت آهي ته آذربائيجان جي هڪ معرڪي ۾ (٢٠ کان ٢٢هه) حصو وٺڻ ڪانپوءِ موٽندي رستي ۾ اوچتو بيمار ٿي وفات ڪري ويا.

(حديقه الاوليا، ٢: ٩.)

ٻي روايت موجب جنگ صفين (٣٧هه_ 657ع) ۾ حضرت علي رضه جي طرفان شريڪ ٿي ۽ شهيد ٿي ڪنهن پاسي گم ٿي ويا.

'اڪمال في اسماءِ الرجال' جي عبارت آهي ته "فُقِدَ يصفين سنه بيع وثلثين" معنيٰ "گم ٿي ويا صفين مان سنه ٣٧هه ۾."

ٽي روايت سندن دمشق ۾ وفات ۽ مقبره 'باب الجابه' ۾ دفن ٿيڻ بابت آهي.

چوٿين روايت آهي ته پاڻ مڪي شريف ۾ وفات ڪري ويا.[20]

هڪ ٻي روايت موجب، سيلاني ماڻهن کان معتبر احوال ٻڌڻ ۾ اچي ٿو ته حضرت اويس جو مقبرو ڪن مٿانهن جبلن ۾ موجود آهي، يعني سن شهر جي ويجهڙائيءَ وارن جبلن ۾، جتي هر سال ٩ ذوالحج جي رات ميلو لڳندو آهي.[21]

تاريخ مظهر شاهجهانيءَ وارو به ساڳي ڳالهه جي تصديق ڪندي لکي ٿو ته: "سن کان پنج ڪوهه پري ٺٽي جي طرف ڏانهن هڪ جبل آهي، جنهن تي حضرت خواجه اويس قرنيءَ جي مزار پئي ٻڌجي، جتي سندس والده جي مزار به آهي. هيءَ جاءِ اويس قرنيءَ جي نظرگاه به ڪونجي ٿي. صبح جي موقعي تي جبل ۽ ٻين پاسن کان هشام ماڻهن جا زيارت لاءِ هتي ايندا رهن ٿا."[22]

[20] انسائيڪلوپيڊيا (اردو) جلد ٽيون، دائره معارف اسلاميه، پنجاب يونيورسٽي لاهور، ص_ص ٥٧٠ ۽ ٥٧١.

[21] سراج العارفين.

[22] تاريخ مظهر شاهجهاني، يوسف مريڪ (ترجمو: نياز همايوني)، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ١٩٧٩ع صفحو ٢٩٩.

سنڌ ۾ اويس قرني عليه الرحمت جي روضي مبارڪ جو هجڻ ۽ ان تي سالياني ميلي لڳڻ تي وقت جي علامن اعتراض ڪيو ته حضرت اويس يمن مان هلي اچي سنڌ ۾ وصال ڪيو يا حضرت علي ڪرم الله وجه جي لشڪر ۾ شهادت پرائي اچي سن واري جبل ۾ مدفون ٿيو. اها ڳالهه مڃڻ جهڙي نه آهي، پر ڪن بدعتي قبر پرستن اها مصنوعي قبر ٺاهي آهي. انهيءَ حجت ۽ دليل سان انهن عالمن قبر تي ويندڙ ماڻهن کي روڪيو. روڪيندڙ عالمن ۾ حضرت مخدوم بلاول عليه الرحمة پڻ شامل هئا.

حڪمت الاهي حضرت مخدوم بلاول رحه کي ٿلتيءَ ۾، جتان سن وارو جبل نظر اچي ٿو، حضرت اويس قرني رحه جن پنهنجي مقرر ٿيل مقبري مان پنهنجي بزرگي ۽ ڪرامت جي قوت سان جلوه افروزي ڪري پنهنجو مشاهدو ڏيندي فرمايائون ته فقيهن جي روايت پوري آهي، پر اسين ته اڄهو پنهنجي قبر ۾ موجود وينا آهيون.[23]

ان مشاهدي بعد حضرت مخدوم بلاول رحه جن مريدن ۽ شاگردن سميت سن ۾ اچي حضرت خواجه اويس قرني رحه جي زيارت ڪئي. گهڻي زماني کان اهو مقبرو ڍهي ويو هو. جنهن کي سنڌ جي ارغون حاڪم ميرزا شاه حسن وڏي عقيدت منديءَ سان ٺهرائي، ان جي چوڌاري ديوار ڏئي چوڪنڊي قائم ڪئي ۽ ماڻهن جي سهوليت لاءِ تلاءُ ٺهرايائين.[24]

عارفن ۽ صوفين جي اصطلاح ۾ 'اويسي' ٻن قسمن جي بزرگ کي ٿو چئجي. هڪڙا جن جي بيعت جو سلسلو حضرت اويس قرني رحه جن کان هليو آهي، ٻيا اهي جيڪي حضرت اويس رحه وانگر بغير ظاهري مرشد جي منزل مقصود کي رسيا آهن.

[23] سراج العارفين جي حوالي سان هي ذڪر قلمي ڪتاب سفينة النوح ۾ ٿيل آهي، صفحو ٧٧.

[24] سفينة النوح في سڪينه الروح (قلمي) تاليف حضرت مخدوم غلام حيدر صديقي قريشي، صفحو ٧٢، (طالب المولٰي لئبرري هال نوان).

هتي هي سمجهڻ بہ ضروري آهي تہ حضرت اويس قرني رحہ جن جي سلسلي جا ڪهڙا بزرگ ٿي گذريا آهن. جن کي اويسي سلسلي جو چئي سگهجي ٿو. معلوم ٿئي ٿو تہ اهو متبرڪ سلسلو حضرت جنيد بغدادي عليه الرحمة جن کان مٿي هلي ٿو. سندس وفات ٧ رجب المرجب سنہ ٢٩٧هہ ۾ ٿي. اهو مريد هو شيخ ابو عمر اصطخريءَ جو اهو سڳورو مريد هو. شيخ ابو تراب عسڪري بن محمد بخشيءَ جو جنهن جي وفات سنہ ٢٤٥هہ ۾ ٿي. اهو مريد هو شيخ ابو علي شفيق بلخيءَ جو جنهن جي وفات ١٩٤هہ ۾ ٿي. اهو سڳورو مريد هو. حضرت سلطان ابراهيم بن ادهم جو. جنهن جي وفات ٢٨ جمادي الاول سنہ ١٦٦هہ ۾ ٿي. جيڪو مريد هو حضرت ابو موسيٰ يزيدراعي جو. اهو مريد هو حضرت ابو عمر اويس قرنيءَ رحہ جو ۽ ان سڳوري کي فيض مليو. حضرت عمر رضي الله عنه ۽ حضرت علي ڪرم الله وجہ کان.

جيڪي بہ بزرگ حضرت جنيد رحہ سان منسلڪ آهن، اهي سڀئي سڳورا ’اويسي‘ سلسلي جا اصحاب سڏائڻ جا مستحق آهن. ڇاڪاڻ تہ سندن بزرگن جو ظاهري شيخ طريقت اويسي سلسلي سان تعلق رکندڙ آهي ۽ انهن جي بيعت جو سلسلو اويس قرني رحہ کان هليو اچي. ٻيا اهي جيڪي سواءِ ڪنهن ظاهري مرشد جي حضرت اويس قرني رح جن وانگر قادر جي ڪرم سان ڪامل اولياءَ الله ٿي ويا. انهن کي ’اويسي المشرب‘ چئبو. شيخ ابوالقاسم جرجاني ۽ حضرت خواجہ ابوالحسن خرقاني- وفات ٥٤٢هہ) پڻ اهڙن اويسي المشرب اولياءَ ڪرام مان آهن.

ساڳيءَ طرح حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحہ جن جو بہ ظاهري مرشد نہ آهي، ان ڪري ڪين پڻ ”اويسي المشرب“ چيو ويندو. انهيءَ سبب جي ڪري ڪين سهرورديءَ سان گڏوگڏ اويسي پڻ سڏيو ويندو آهي.

اويسي بزرگن بنسبت چيو وڃي ٿو تہ اهي سڳورا ذڪر سان گڏ ”اويس، اويس“ جو نعرو پڻ هڻندا هئا.

ساڳيءَ طرح حضرت عوث الحق مخدوم نوح رحہ جن شروعات ۾ ”لاالله الاالله“ جي ذڪر سان گڏ ”اويس، اويس“ بہ گهڻو چوندا هئا.[25]

قطب الاقطاب حضرت مخدوم نوح رحہ جن پنهنجي اويسي شرف حاصل ڪرڻ بابت فرمائين ٿا تہ: ”جڏهن ڇوڏهن روهين جي ڄمار ۾ قرآن پاڪ پڙهندو هئس، هڪڙي ڏينهن حضرت ابوبڪر صديق رضہ تشريف فرما ٿيا ۽ فرمايائون تہ حضرت محمد ﷺ جن توهان کي سڏايو آهي. پاڻ ٻئي سڳورا مون کي پاڻ سان هڪڙي عجيب ۽ حيرتناڪ رستي تان وٺي هليا، تان جو هڪ جبل تي اچي چڙهياسون. اتي هڪڙي عاليشان جاءِ هئي، پاڻ مون کي ان ڏانهن هلڻ جو اشارو ڪيائون. جڏهن اتي پهتاسون تہ حضرت عيسيٰ عليہ السلام جن جي ڪچهري لڳي پئي هئي. مون کي سندن آڏو پيش ڪيائون. انهن اسان جي ڏاڍي عزت ڪئي. سندن هٿ ۾ هڪ ڦرهي هئي، جيڪا مون کي عنايت ڪيائون. جنهن تي ٽي سٽون لکيل هيون ۽ مون کي سبق وانگر پڙهايائون. اتي مون کي حضور ﷺ جن جو ديدار نصيب ٿيو. سندن اشاري تي ويجهو حاضر ٿي سندن قدمبوسيءَ جي سعادت حاصل ڪيم. حضور ﷺ جن گهڻيون مهربانيون ۽ لطف فرمايا. ڦرهي وٺي اهي سٽون ڏسي نئين سر سبق پڙهايو.

اتان ٿي اچي وهب الاهيءَ جو آغاز ٿيو. لدني علم جا دروازا کلي پيا. ظاهري ۽ باطني علوم جا درياهہ سيني ۾ پلٽجي پيا ۽ تعليم و تربيت جو سڏو رب تعاليٰ سان تعلق پيدا ٿي پيو ۽ سڏو سنئون ان جو مريد ٿي پيس.“

حضرت غوث الحق جن جي اهڙيءَ طرح بلاواسطہ ظاهري مرتبي ۽ مرشد جي سڏو رب تعاليٰ جي ذات اقدس کان تلقين وٺڻ ۽ فيض پرائڻ کي اويسي طريقو ٿو چئجي.[26] ڪامل عارفن اويسيت جي وائلي سجاٽپ ۽ تعريف ڪئي تہ الله تعاليٰ پنهنجي ڪنهن خاص ٻانهي کي ڪنهن ٻئي

[25] سفينة النوح في سڪينة الروح (قلمي) تاليف حضرت مخدوم غلام حيدر صديقي، قريشي، صفحو ٧٢ کان ٨٦.

[26] رسالہ فتحي، (قلمي) از مخدوم فتح محمد رحمت الله عليه (طالب المولٰي لائبريري هالا.)

جي وچ ۾ پوڻ ڪانسواءِ پنهنجي بي انتها فضل ۽ ڪرم سان صمدي تعليم سان مشرف ۽ ممتاز ڪري پاڻ تعليم ۽ تربيت عطا ڪري ۽ تلقين بخشي ته اهو شخص اويسي طريقي ۽ اويسي نسبت وارو ٿي پوندو.

حضرت مخدوم نوح عليہ الرحمت جي اويسي هجڻ جي سلسلي ۾ حضرت بهاءُ الدين گودڙيو فرمائي ٿو ته: ”ٺٽي شهر ۾ حضرت ميان محمود ڪاربي رحہ جي جاءِ تي، جيڪو حضرت مخدوم اعظم جن جو مريد پڻ هو فقيرن ۽ الله وارن جي محفل مچايو ويٺا هئا ۽ ڳالهه پئي ٿي ته فلاڻو بزرگ فلاڻي ولي الله جو عقيدتمند ۽ فلاڻو فقير فلاڻي شيخ جو مريد آهي. ٺٽي جي هڪ مشهور بزرگ مخدوم فضل الله' شيخ ابوبڪر رحہ (حضرت مخدوم نوح رحہ جي ڏوهٽي) ڪان پڇيو ته حضرت مخدوم نوح رحہ جن ڪهڙي بزرگ جا عقيدتمند ۽ مريد آهن. شيخ ابوبڪر رحہ جن جڏهن مخدوم نوح عليه الرحمة جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ته ساڳيو سوال ڪانئن معلوم ڪيائون. حضرت مخدوم اعظم جن ارشاد فرمايو ته ”اسين مخلوق مان ڪنهن جا به مريد نه آهيون، پر قادر جي ڪرم جا مريد آهيون.“

شيخ ابوبڪر اطمينان سان سچي ڳالهه مخدوم فضل الله جن کي ٻڌائي، ان چيو ته بيشڪ هو سچو شخص آهي ۽ پاڻ اويسي اولياءَ جو درجو رکن ٿا. ان بعد مخدوم فضل الله سڀ شڪ شبها ختم ڪري هر دم پنهنجن ۽ مريدن واري روش اختيار ڪئي.[27]

جنهن وقت هي واقعو رونما ٿيو هو تڏهن مخدوم اعظم حضرت غوث الحق رحمت الله عليه پورا ٽي مهينا ٺٽي شهر ۾ مقيم رهيا ۽ پنهنجي فيض ۽ برڪت سان الله وارن، نيڪ ماڻهن ۽ حاجتمندن جي رهبري ۽ سروري ڪندا رهيا.[28]

---

[27] سفينه النوح في سڪينه الروح (اردو قلمي) تاليف حضرت مخدوم غلام حيدر رح. تصحيح ۽ حاشيہ عبدالله ورياهه، طالب المولي لائبريري هالا، صفحو ٩٩.

[28] سراج العارفين، قلمي، طالب المولي لائبرريري هالا، صفحو ٩٩.

اهڙيءَ طرح حضرت مخدوم نوح رحہ اويسي ٿيا ۽ اويسي ولين جي درجو سيني اوليائن کان بلند ۽ بالاتر هوندو آهي. مٿين سمورن دليلن ۽ تاريخي حقيقتن جي جاڻ حاصل ڪرڻ بعد، ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي ان خيال جي واضح ترديد ٿي وڃي ٿي ته مخدوم صاحبن جو سلسلو اويسي نه آهي، ۽ پير اويس بابت چيل ڏهر مخدوم صاحبن جي سلسلي جي ڪنهن فقير جو چيل نه آهي، پر اهو پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته اهو ڏهر سروري جماعت جي ڪنهن فقير جو چيل آهي، جنهن ۾ پنهنجي مرشد کي اويسي پير ۽ ان جي مڃيندڙن ۽ مريدن کي اويسي سڏيو اٿس.

جيستائين درويش نوح هوٿياڻيءَ جو ذڪر آهي، جنهن جي درگاهه تي اهو 'ڏهر' ٻڌو ويو، ان جو تعلق پڻ جماعت سروريءَ سان آهي. هن بزرگ بابت جيڪي تفصيل هٿ اچي سگهيا آهن، سي هن ريت آهن:

صاحب الفيض والفتوح حضرت مخدوم نوح عليہ الرحمة جن جي والد ماجد مخدوم نعمت الله رحمة الله عليه جن جي خدمت ۾ هڪ فقير رهندو هو. هڪ ڏينهن اهو درويش ائين چئي مخدوم نعمت الله جن وٽان هليو ويو ته اوهان جي پيشانيءَ ۾ جيڪو نور هو اهو منتقل ٿي چڪو آهي، جنهن ڏينهن مخدوم نوح رحہ جن جي ولادت باسعادت ٿي ته اهو بزرگ اتي پهچي ويو ۽ مخدوم نوح رحہ جن جي بيعت ڪري مريد ٿيو.

هن واقعي جو ذڪر منٺار فقير راڄڙ پنهنجي هڪ ڏهر ۾ هن ريت ڪيو آهي:

جنهن ڏينهن پيدا پير ٿيو، سرور شاهه سردار،
تڏهن هوٿياڻيءَ حضور ۾، اچي ڪيو اظهار،
ته ان ۾ نور الله جو جو جل، جلال، جبار،
رجمون منجهه رسول جو اڙين جو آڌار،
آءٌ مريد ٿيندس نوح جو اتم ٻڌو اعتبار،

سو مون وٽ مڪمل آٽيو تہ ڪندس دلبر جو ديدار،
پوءِ آندائون اڪمل ڪي، جو ماڻهن جو مهندار،
اتي هوٿياڻيءَ هٿ ورتو، ٿي دست بيعت بردار،
تڏهن ان صادق شاهد ٿي، ڪيا چؤ قبلي چوڌار،
تہ آءٌ مريد اولياءَ جو، آهيان پهرين درجي دار،
تڏهن فيض ڏٺيءَ فرمايو، تنهن طالب سان تڪرار،
تہ نو لک ملڪ مريد ٿيا، منهنجا شاگرد بي شمار،
تنهن پڇاڻان تنهنجو، مون نام رکيو نروار،
اهڙا معجزا نوح جا، آهن لکين لک هزار،
تنهن جون تعريفون ڪيتريون، ڪندو مداحي ’منٺار‘،
آهي اور نہ ڪوئي پار، سرور سندي سگهہ جو.[29]

درويش نوح هوٿياڻيءَ بابت انهن روايتن ڪانسواءِ ڪجھ تاريخي ڪتابن ۾ پڻ حوالا ملن ٿا. انهن موجب درويش. نوح هوٿياڻي،[30] انين صدي هجريءَ جي آخر ۾ ڪيبراٽي واري ايراضيءَ ۾ هڪ نالي وارو درويش ٿي گذريو آهي، جنهن جي درگاهہ هن وقت حيدرآباد- هالا رستي تي ڪيبرن جي ڳوٺ ڪان ٻہ ميل ڪن اتر- اوڀر ۾ واقع آهي. حديقہ الاولياءَ جو مصنف لکي ٿو تہ:

”جڏهن ڄام تماچي ۽ ڄام صلاح الدين سنڌ ڀهتا ۽ ڪيبرن جي ڳوٺ ڪي ڏٺائون، جنهن ڏڳن جي گوهر پئي چاري. ان موقعي تي ڪو شخص سندس گوهر ڏانهن وڌيو. جنهن تي بزرگ چيو تہ: ”ڄام تماچيءَ جي حڪم سان منهنجي مال سان دست اندازي نہ ڪر.“ اهو ٻڌي هو نهايت عجب ۾ پيا ۽ اڳتي وڌي اچي درويش ڪان پڇيائون تہ: ”ملڪ جو والي اجا ڄام جوڻو

29 رسالو رهنمائي، منٺار فقير راڄڙ، مرڪزي بزم طالب المولي هالا، ١٩٨٤ع، صفحو ٣٨.

30 حديقة الاولياءَ ۾ ’درويش نوح ڪبير‘ لکيل آهي، پر سندس بزرگ جو نالو هوتي هو انهيءَ ڪري مقامي طرح ’نوح هوٿياڻي‘ جي نالي سان مشهور آهي.

آهي ۽ تماچي دارالخلافت دهليءَ ۾ نظربند آهي، پوءِ ڪيئن ٿو چوين تہ ’ڄام تماچي جو حڪم آهي‘ درويش چيو تہ: ”مون ڪي تماچي جي خبر ڪانهي، باقي ٻن ٽن ڏينهن ڪان وڻ ٽڻ پکي پکڻ ڪان اهائي صدا ٻڌي رهيوآهيان، تہ ڄام تماچي جو حڪم آهي.“ اها بشارت ٻڌي ڪين نهايت خوشي ٿي ۽ درويش سان پنهنجو سڄو احوال ڪيائون ۽ مقصد حاصل ٿيڻ خاطر پاڻ تي نذرانو مقرر ڪيائون.

غالباً انهيءَ موقعي موقعي تي درويش ڪين دعا ڪئي تہ فتح اوهان جي آهي. چون ٿا تہ درويش نوح ان موقعي تي هي بيت پڙهيو:

جوڻو وڃي جهوريءَ ماريو،
ڄام تماچي شهرين چاڙهيو.[31]

يعني تہ: ”ڄام جوڻي کي وڃي پورو ڪريو ۽ ڄام تماچيءَ کي ملڪ جو بادشاهہ بنايو.“

درويش نوح هوٿياڻيءَ هي دعائيہ فقرا تڏهن چيا، جڏهن ڄام تماچي سنڌ ۾ پهچي ويو هو ۽ نئي ڏانهن ويندي ڪيبرن وٽان اچي لانگهائو ٿيو. تاريخي لحاظ ڪان ڄام تماچي غالباً سلطان فيروز شاهہ جي فوت ٿيڻ (١٨ رمضان 89-1388 تي دهلي ڇڏي.[32] مقصد تہ هي واقعو بہ ان تاريخ ڪان سنت پوءِ جو آهي. مخدوم نوح عليہ الرحمة جن جي تاريخ ولادت ٢٧ رمضان المبارڪ ٩١١هہ آهي ۽ سندس دارالبقا ڏانهن روانگي ٢٧ ذوالقعد ٩٩٨هہ جو ظهور پذير ٿيو.[33] جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ بزرگ

31 حديقہ الاولياءَ (قلمي ١٢٤٠) مير علي شير قانع واري نسخي جي حاشئي تي هي بيت لکيل آهي.

32 سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد ١٩٨، صفحہ ١٨٢-١٨٣.

33 سفينہ النوح (اردو) قلمي. تاليف مخدوم غلم حيدر صديقي، تصحيح ۽ حاشيہ، عبدالله ۴- ١٥٣-١٥٤.

نوح فقير هوٿياڻي ڄام تماچيءَ جي سنڌ ڏانهن واپس ورڻ (٧٩٠ھ – 1388ع) وقت ننڍي عمر جا هئا ۽ سندن عمر مخدوم نوح عليہ الرحمة جي ولادت (٩١١ھ) وقت اٽڪل سوا سئو سالن کان مٿي هوندي. هي فقير پنهنجي وقت جو نالي وارو درويش ٿي گذريو آهي ۽ سندس ڪيئي ڪرامتون مشهور آهن. بنا ڪنهن شڪ شبهي جي پاڻ مخدوم نوح رحمت الله عليه جا سچا ۽ پلارا مريد هئا. سندن اولاد اڄ تائين بہ درگاهہ سروريءَ سان ساڳي عقيدت رکن ٿا ۽ مريد آهن.

مٿين سڀني ڳالهين سمجهڻ سان اهو ثابت ٿئي ٿو تہ مخدوم نوح عليه الرحمة جو سلسلو نہ صرف سهروردي پر 'اويسي' پڻ آهي ۽ سندن مريد هجڻ جي حيثيت ۾ درويش نوح هوٿياڻيءَ کي پڻ 'اويسي' چئي سگهجي ٿو.

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، دهلي

## ڀارت ۾ سنڌي مضمون نويسي:

**(1980 کان وٺي اڄ تائين)**

مضمون، جنهن کي انگريزيءَ ۾ Essay ۽ هنديءَ ۾ 'نِبنڌ پربنڌ' چئجي ٿو اُهو نثر جي نهايت ئي اَهم صنف آهي. سنسڪرت جي وِدوانن (عالمن) نثر کي شاعرن جي ڪسوٽي ڪري سڏيو آهي. اِنهيءَ تي هنديءَ جي مشهور مضمون نويس آچاريہ رامچندر شُڪل چيو آهي تہ جيڪڏهن نثر شاعرن جي ڪسوٽي آهي تہ پوءِ نبنڌ يا مضمون وري نثر نويسن جي ڪسوٽي آهي، ڇاڪاڻ تہ ٻوليءَ جي مڪمل طاقت جي پرک ۽ اظهار جي قوت جي شناس سڀ کان وڌيڪ مضمونن ۾ ئي ممڪن آهي. مضمونن ۾ نثر نويس تي اِها پابندي آهي تہ هو ٿوري ۾ ئي پنهنجن جذبن ۽ خيالن جو اظهار ڪري، هُن جي علم ۽ شخصيت جي جهلڪ اسان کي مضمونن جي زوردار ۽ پُرآثر ٻوليءَ، سُهڻي ۽ سليس عبارت ۾ ئي ملي ٿي.

'**مضمون**' لفظ عربي ٻوليءَ مان سنڌيءَ ۾ آيل آهي، جنهن جو بنياد آهي 'ضَمَنَ' يعني گڏ ڪرڻ يا گڏ ڪيل. مضمون هڪ اهڙي تحرير آهي، جنهن ۾ خيال گڏ ڪري ترتيب وار ڪنهن مقرر سلسلي ۾ ظاهر ڪيا وڃن ٿا.

"**جامع سنڌي لغات**" ۾ مضمون جون معنائون ڏنل آهن: 'مطلب، بيان، عبارت، مقالو تقرير، وياکياڻ، ليڪچر، ليک، آرٽيڪل، اِنشا، ايڊيٽوريل، ڳالهہ، معنيٰ مدعا، سار، تاتپرج، ڳالهہ، سخن، وچن، قول (ص. 2663).'

پرمانند ميوارام پنهنجي سنڌي- انگريزي ڊڪشنريءَ ۾ 'مضمون' لفظ جي معنيٰ ڏني آهي:

> "Contents (of writing), subject- matter, an article, essay; the sense, purport."

اُردو- هندي شبد ڪوش (مرتب، محمد مصطفيٰ خان) ۾ مضمون جي معنيٰ ڏنل آهي. ”نِبنڌ، مقاله، ليک، وشيہ، سبجيڪٽ.“

مضمون لاءِ ڪتب ايندڙ هندي لفظ ”نِبنڌ“ جي بہ اِشتقاقي معنيٰ آهي. نِ (چڱيءَ طرح)+ بَنڌ ’ٻَڌل، ترتيب ڏنل‘. مطلب تہ هيءَ هڪ اهڙي رچنا آهي، جنهن ۾ جذبن ۽ ويچارن جو سلسليوار، ڪنهن مقرر ترتيب ۾، زوردار ۽ سهڻي عبارت ۾ اظهار ڪيل آهي.

سنڌيءَ ۾ نثر جي شروعات، ٻين گهڻين ئي هاڻوڪين هندوپاڪ جي ٻولين وانگر برطانيہ حڪومت واري دؤر ۾ ٿي آهي. 1843ع ۾ سنڌ فتح ڪرڻ کان ڏهاڪو کن سال پوءِ 1853ع ۾ سنڌيءَ جي عربي- فارسي لکاوٽ کي هڪ مقرر ۽ معياري روپ ڏيئي، انگريز سرڪار، اُن ۾ درسي ڪتاب تيار ڪرائي شايع ڪرايا. اُن سان گڏوگڏ سنڌيءَ ۾ لوڪ ادب ۽ جدا جدا موضوعن تي ڪتابن شايع ڪرڻ جي بہ شروعات ٿي. اوڻويهين عيسوي صديءَ جي ٻئي اَڌ ۾ انگريزي، بنگالي، مرائي، هندي، اُردو، گجراتي ۽ سنسڪرت جي اثر هيٺ سنڌي ادب ۾ نئين سجاڳيءَ جي لهر آئي. اُنهيءَ دور جي نثر ۾ نئين سجاڳي آڻڻ لاءِ ڪتابن ۽ اخبارن توڙي رسالن ۾ شايع ٿيل مضمونن جو وڏو هٿ هو. ويهين عيسوي صديءَ جي شروعات ٿيندي ئي، 1905ع ۾ بنگال جي ورهاڱي ڪرڻ سڀان سڄي هندستان ۾ ديسي شين اپنائڻ واري هلچل، پرڏيهي شين جي اَسهڪار آندولن (تحريڪ عدم تعاون) ’لوڻ ستياگرهہ‘، ’هندخالي ڪريو‘ تحريڪ ذريعي سڄي ملڪ ۾ جيڪا قومي سجاڳيءَ جي لهر پڪڙي، تنهن نيٺ انگريزن کي مجبور ڪيو تہ هو هندستان کي آزادي ڏئي، هن ملڪ مان لڏي هليا وڃن. اِنهيءَ سموري تحريڪ ۾ نندي ڪنڊ جي جدا جدا مکيہ ٻولين ۾ جيڪو ادب شايع ٿيو، اُنهيءَ ۾ شعر سان گڏوگڏ مضمون پڻ قومي سجاڳي آڻڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. اڄوڪي دؤر ۾ پڻ هر ٻوليءَ جي ساهتيہ ۾ مضمون نويسي اظهار جي قوت ۽ ويچارن جي ڦهلاءَ جو اهم وسيلو آهي.

هن مضمون جي محدود دائري ۾ منهنجو مقصد فقط گذريل ٽيهارو کن سالن ۾ ڀارت جي سنڌي ادب ۾ مضمون نويسيءَ جي صنف جو مختصر جائزو پيش ڪرڻ آهي. اِنهيءَ ننڍي عرصي ۾ سنڌيءَ ۾ شايع ٿيل مضمونن جي ڪتابن جو تعداد هزار کان بہ مٿي آهي. اِنهيءَ کان سواءِ جدا جدا ادبي مخزنن ۾ جيڪي مضمون جدا جدا موضوعن تي شايع ٿيا آهن، اُهي تہ اِنهيءَ تعداد کان گهڻا وڌيڪ آهن. اِنهن سڀني جو هن مضمون ۾ ذڪر ڪرڻ مشڪل آهي. اِنهيءَ ڪري فقط مکيہ مکيہ رچنائن طرف هتي اِشارو ڪيو ويو آهي.

هتي ’مضمون‘ لفظ کي مون وسيع معنيٰ ۾ ڪتيو آهي. ڪهاڻي، ناول، ناٽڪ ۽ شاعريءَ جي صنفن کي ڇڏي، ٻيون جيڪي بہ سنڌيءَ ۾ غيرافسانوي (Non- fictional) رچنائون آهن، اُهي سڀيئي ’مضمون‘ اندر شامل ڪيل آهن. وڏا مقالا ۽ جدا جدا موضوعن تي لکيل ڪتاب پڻ هن لفظ جي وسيع معنيٰ جي دائري ۾ شامل آهن. سائنس، طب، ٽيڪنالاجي وغيره موضوعن تي لکيل ڪتابن کي هن مضمون جي دائري کان ٻاهر رکيو ويو آهي.

سن 1947ع ۾، هندستان پاڪستان آزاد ٿيا. اُن لاءِ اسان کي جيڪا قيمت چڪائڻي پيئي، سا هُئي ملڪ جو ورهاڱو قبول ڪرڻ، جنهن ۾ گهڻي ۾ گهڻو سنڌي جاتيءَ کي ڀوڳڻو پيو. اٽڪل ٻارهن لک کن سنڌي هندو، ملڪ جي ورهاڱي وقت پيدا ٿيل حالتن کان مجبور ٿي، پنهنجيءَ اباڻي جنم ڀومي سنڌ کي تياڳي، ڀارت ۾ لڏي آيا. اُهي هن وشال ديس جي ڀونءِ تي ڀٽڪندي ڀٽڪندي، ڪجهہ سالن ۾ جتي ڪين اَجهو ۽ روزگار نصيب ٿيو، اُتي نئين سِر ٻيهر وسي ويا. ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ، ادب ۽ تهذيب کي ڪٿي بہ پنهنجون پاڙون نہ آهن؛ انهيءَ ڪري اسان کي اُن جي حفاظت، ڦهلاءَ ۽ واڌاري لاءِ خاص جتن ڪرڻا پون ٿا. ٻئي طرف، سنڌ ۾ گهڻي تعداد ۾ مهاجرن جي ڀهچڻ ڪري، اُتي جي اصلوڪن رهاڪن سنڌين کي پنهنجيءَ

ٻوليءَ ۽ ادب جي حفاظت لاءِ ۽ پنهنجن حقن کي حاصل ڪرڻ لاءِ گهڻي جدوجهد ڪرڻي پوي ٿي.

آزاديءَ کان پوءِ ڀارت ۾ شروعاتي ٽيهارو کن سالن ۾، سنڌيءَ جا گهڻيئي پراڻي پيڙهيءَ جا بزرگ اديب هڪ ٻئي پٺيان وفات ڪري ويا. جهڙوڪ: ڄيٺمل پرسرام گلراجاڻي (1885_1948ع)، ڀيرومل مهرچند آڏواڻي (1875_1950ع)، لالچند امرڏنومل ڄڳتياڻي (1885_1954ع)، سوڀراج نرملداس 'فاني' (1883_1956ع)، ڏيارام وسڻمل ميرچنداڻي (1880_1965ع)، ساڌو ٽانوراداس ليلارام وسواڻي (1879_1966ع)، دوارڪا پرساد روچيرام شرما (1898_1968ع)، هري سندر روپچند ناراڻي (1897_1969ع)، ليکراج ڪشنچند ميرچنداڻي 'عزيز' (1897_1971ع)، ٻولچند وسومل راڄپال (1902_1971ع)، ميلارام منگترام واسواڻي (1901_1972ع)، وشڻو نينارام شرما (1885_1973ع)، چوهڙمل ڏياريومل هندوجا (1902_1973ع)، نارايڻداس رتنمل ملڪاڻي (1890_1974ع)، لالسنگهه هزاريسنگهه اَجواڻي (1899_1976ع)، هيرانند ڪرمچند (1899_1976ع)، پرڀداس برهمچاري (1904_1977ع)، جيرامداس دولترام (1891_1979ع)، فتچند منگترام واسواڻي (1894_1979ع)، منگهارام اُڌارام ملڪاڻي (1896_1980ع)، وغيره.

اِنهيءَ ڪري 1980ع کان پوءِ سنڌي ادب جا گهڙا ڀريندڙن ۾ گهڻا اديب اُهي آهن، جن جو جنم ويهين عيسوي صديءَ جي ٻئي ٽئين ڏهاڪي ۾، يا آزاديءَ کان ڪجهه سال اڳ ٿيو آهي. ڀارت ۾ جنم ورتل اُهي سنڌي ساهتڪار، جن جي عمر هاڻي ٽيهن_ چاليهن سالن جي وچ ۾ آهي، اُنهن جو تعداد آڱرين تي ڳڻڻ جيترو مس آهي. ٽيهن سالن کان گهٽ عمر جا سنڌي ساهتيڪار ته هن وقت ڳوليندي به مشڪل نظر ايندا. اِن طرح وڏي پيڙهيءَ جي سنڌي ساهتيڪارن جي هن جهان مان وڃڻ بعد پيدا ٿيل خال ڏينهون ڏينهن وڌندڙ آهي.

ڀارت ۾ لڏي اچڻ بعد، جدا جدا شهرن ۾ تر ٿانءُ ڪرڻ شرط ئي سنڌي تعليم دانن اُنهن شهرن ۾ 1948ع ڌاري سنڌي اسڪول برپا ڪيا، جتي سنڌي جهجهي تعداد ۾ اَچي رهيا هئا. ٻئي طرف سنڌي ساهتيه، سنڌي اخبارون ۽ ادبي رسالا شروع ڪري، سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب کي اوچ ڏيڻ لاءِ ڪمرڪشي. 26 جنوري 1950ع ۾ ڀارت جو آئين (Constitution) عمل ۾ اَچڻ بعد، جڏهن سنڌي سماج ڏٺو ته اُنهيءَ جي آئين شيڊيول ۾ شامل ڪيل مکيه ادبي ٻولين ۾ سنڌيءَ کي شامل نه ڪيو ويو آهي ته سنڌين کي زوردار ڌڪو رسيو. ڀارت جي جوڙجڪ ۾ سنڌيءَ کي شامل ڪرائڻ لاءِ زوردار آندولن (تحريڪ) جي شروعات ٿي. اِنهيءَ کان اڳواٽ ئي ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ لاءِ کهڙي لپي اَپنائجي، اِنهيءَ سوال تي اِختلاف شروع ٿي چڪا هئا. پر آئين ۾ سنڌيءَ کي شامل ڪيو وڃي، انهيءَ سوال تي سڀيئي سنڌي يڪراءِ هئا. ڏهين اپريل 1967ع تي ڀارت سرڪار سنڌيءَ جي جائز گهُر کي قبول ڪري، آئين شيڊيول جي ٻولين ۾ سنڌيءَ کي تسليم ڪيو. سنڌي سماج ۾ خوشيءَ جي لهر ڦهلجي ويئي، پر ڪجهه سالن بعد ئي انگريزيءَ جي اَنڌي موهه ۽ وڌندڙ آڌر سببان، سنڌي ميڊيم وارا اسڪول رفته رفته بند ٿيندا ويا. اُنهن جي جاءِ تي انگريزي ميڊيم وارا سڪول وڌڻ لڳا. انهيءَ جو نتيجو اِهو نڪتو آهي، جو تعليمي سرشتي مان سنڌي ٻولي گهڻي قدر ختم ٿي چڪي آهي. سنڌي ڄاڻندڙ پڙهندڙ طبقي جي تعداد گهٽجڻ ڪري، سنڌي اخبارون ۽ ادبي رسالا به گهڻا تڻا بند ٿي چڪا آهن. اَڄڪلهه آڱرين تي ڳڻڻ جيترا سنڌي ادبي رسالا (جيئن ته_ "**ڪونج**"، "**رچنا**"، "**سِپون**" وغيره) مس شايع ٿين ٿا. اِنهيءَ جو اثر سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي اوسر ۽ واڌاري تي پوڻ لازمي آهي.

1980ع کان وٺي گذريل ٽيهارو کن سالن ۾ سنڌي شايع ٿيل ڪتابن جا جيڪڏهن انگ اکر ڪڻا ڪجن ته هر سال سنڌيءَ ۾ ڏيڍ به سئو کن ادبي ڪتاب شايع ٿين ٿا. اُنهن ۾ به گهڻا ڪتاب اُهي آهن، جيڪي سرڪاري

سنستائن (ادارن/ تنظيمن) جي مالي مدد سان ڇپجن ٿا. اُنهن جي پڙهندڙن جو تعداد پڻ ڪجهہ سوَن تائين محدود آهي، جن ۾ گهڻا اُهي آهن، جيڪي پنجاهہ کن سالن کان وڌيءَ عمر وارا آهن. حاصل مطلب تہ سنڌي سماج جي نوجوان پيڙهي، اَڄ ڪلهہ پنهنجيءَ ٻوليءَ ۽ ادب جي وراثت کان گهني قدر ڪٽجي رهي آهي. اِنهيءَ وراثت جي حفاظت ۽ واڌاري جو هڪ ئي واحد طريقو اِهو آهي تہ نوجوان سنڌين کي پاڻ سان ڳنڍجي.

### (1) ادبي مضمونن جا مجموعا:

هن قسم جي ڪتابن ۾ مضمونن جا گهڻا مجموعا اُهي آهن، جيڪي مضمون نويسن پاڻ شايع ڪيا آهن. جدا جدا ادبي رسالن ۾، اخبارن ۾ شايع ٿيل ۽ سيمينارن ۾ پڙهيل پنهنجا مضمون ۽ مقالا اديب ڪٺا ڪري، اُنهن کي جوڳي ترتيب ۾ بيهاري، ڪتابي صورت ۾ شايع ڪن ٿا. جيئن تہ **گلن مُٺ** (1981) **مانسنگهہ** چوهڙمل، **ادبي تنقيد** (1984)، **ادبي مضمون** (1989)، **گوناگون مضمون** (1984)، ٻلديو گاجرا: **شاهہ جو رسالو** (هڪ اڀياس)، **سنڌي ساهت جي جهلڪ** (2000)، مرليڌر جيٽلي؛ **تحقيق ۽ تنقيد** (1997)، **اندلٺ** (2008)، هيرو ٺڪر: **ڀارت ۽ پاڪستان** (1997)، **سنڌ ـ رگويد کان اياز تائين** (1998ع)، **سنڌوءَ کان گنگا تائين** (2000)، رام امرلعل پنجواڻي، **تارا، نکٽ، ڪتيون** (1992)، موتيرام راموواڻي؛ **ادبي ويچار** (1990)، ڄينو لالواڻي، **ڪنور پاڙون پاتار ۾** ( ؟ ) هرومل سدارنگاڻي؛ **ادبي خوشبو** (2001)، ارجن شاد؛ **ادبي تاثرات** (1998)، **اظهار** (1996)، **ادبي ڪٿ** (2002)، **اولهہ راجستاني ۽ سنڌي ڀاشا** (2010)، ڪملاگو ڪلاڻي؛ **سيمينار** (2001)، نارايڻ ڀارتي؛ **هنج مڙيوئي هنج** (2002)، نارايڻ ڀارتي؛ **موتي چڳن هنس** (1995)، **ادبي سُرهاڻ** (2007)، ديال آشا؛ **ڳُنياس ڀنيور ۾** (2004)، جينت ريلواڻي؛ **ساهتيہ سنسار** 1ـ2 (98ـ1996)، **سنڌيت** (2007) موتيلال جوتواڻي؛ **پيهي منجهہ پاتار** (2010)، گووردڌن شرما؛ **سارنگ سار لهيج** (2006)، وينا شرنگي؛ **شاهہ جي ڪلام ۾ رس، سُر ۽ سنگيت** (1986)، **اي گت غواصن** (1998)، ڀڳوان دولتاڻي؛ **ورق جيون جا** (2009)، **تنهنجي منهنجي ڪهاڻي** (2011)، ٻلديو ٻڌراڻي؛ **ورق ۽ ويچار** (2009)، سريتا شرما؛ **ڇاڻين تہ ٻہ نہ ڇاڻ** (2000)، نند ڇڳاڻي؛ **ادبي ماڻڪ موتي** (2000)، سشيلا موٽواڻي؛ **سُر ڪوهياري، ورق ورق ويچار** (2004) ڪرشن راهي؛ (2011)، وليرام ڪشناڻي.

ڪجهہ مضمونن جا سنگرهہ (مجموعا) اهڙا آهن، جيڪي ڪنهن هڪ ليکڪ سمپادن (مرتب) ڪيا آهن، جن ۾ جدا جدا ليکڪن جي مضمونن جي چونڊ ڏنل آهي. جيئن تہ **چونڊ سنڌي مضمون** (1981)، ڪيرت ٻاٻاڻي؛ **بهترين سنڌي مضمون** (1990)، هيرو ٺڪر؛ **ٻلديو گاجرا ۽ سندس چونڊ رچنائون** (1990)، موتيرام راموواڻي؛ **ادبي ليک** (2004)، هري دلگير ـ سمپادڪ (مرتب) صاحب بنجاڻي.

بولچند وسومل راجپال 1932ع ۾ ’سنڌو‘ مخزن شروع ڪئي، جيڪا هر مهيني 1947ع تائين شايع ٿيندي رهي. اُن کي تاريخي اهميت آهي. اُن مان ادبي ۽ تحقيقي مضمون چونڊي ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيا ويا آهن: **سنڌوءَ جون لهرون** (1989)، سمپادڪ: مرليڌر جيٽلي؛ **گربخشاڻيءَ وارو شاهہ جو رسالو** پيرومل جي نظر ۾ (1992)، **سنڌ ۽ سنڌي** (1994)، پيرومل مهرچند آڏواڻي. سمپادڪ: صاحب بجاڻي. لکمي کلاڻيءَ **”رچنا“** مخزن ۾ جيڪي سمپادڪي ليک (ايڊيٽوريل) لکيا آهن، اُهي هن گڏ ڪري جدا ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيا آهن. انهن کي گهڻي ادبي اهميت آهي.

### (2) سيمينارن ۾ پڙهيل مضمونن جا مجموعا:

سنڌي ٻولي ڀارت جي آئين ۾ تسليم ٿيڻ بعد، مرڪزي ڀارت سرڪاري سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي واڌاري لاءِ سنڌي صلاحڪار ڪاميٽي مقرر ڪئي، جنهن 1975ع کان وٺي باقاعدي ڪم شروع ڪيو. شروعات ۾ انهيءَ لاءِ برپا ڪيل يونٽ سينٽرل هندي ڊائريڪٽوريٽ، رام ڪرشن پُرم

جي نگرانيءَ هيٺ سنڌيءَ جي ترقيءَ جون جدا جدا رٿائون شروع ڪيون. سن 1994ع ۾ ”راشٽريہ سنڌي ڀاشا وڪاس پريشد“ (National Council for Promotion of Sindhi Language) برپا ڪئي ويئي، جنهن 1995ع کان وٺي باقاعدي رٿائون تيار ڪري عمل ۾ آنديون. اِنهيءَ سان گڏ، جن جن پرانتن (رياستن) ۾ سنڌي گهڻي تعداد ۾ رهن ٿا، اُتي سنڌي اڪادميون برپا ڪيون ويون. اِهي پرانت آهن: گجرات، مهاراشٽر، راجسٿان، اُترپرديش، مڌيہ پرديش، ڇتيس ڳڙهہ ۽ دهلي. اِنهن سرڪاري توڙي غيرسرڪاري سنسٿائن طرفان هر سال ڀارت جي جدا جدا شهرن ۾ سيمينار رکيا ويندا آهن. اُنهن ۾ جيڪي مقالا پيش ڪيا وڃن ٿا، تن کي گهڻي ادبي اهميت آهي. اهڙن مقالن کي گڏ ڪري اڪثر ڪتابي روپ ۾ شايع ڪيو ويندو آهي. اهڙا ڪجهہ ڪتاب هن ريت آهن:

(1) **هوتچند مولچند گربخشاڻي: جيوني ۽ رچنائون** (1983)، سمپادڪ: مرليڌر جيٽلي ۽ موتيلال جوتواڻي.

(2) **بيوس جي ڪوتا- جائزو** (1985 ۾ رکيل سيمينار آديپور ۾) مقالا، 1993 ۾ شايع ٿيا. ايڊيٽر- هري دلگير.

(3) **سنڌي نثر جا ٿنڀا:** (ڪلڪتو سيمينار)، مقالا 1993ع ۾ ڇپيا. ايڊيٽر: لڪمي کلاڻي.

(4) **سنڌي ڪويتا ۾ ويدانت** (راجسٿان اڪادمي)، ايڊيٽر: نانڪرام ايسراڻي.

(5) **سنڌي اخبارنويسيءَ جا سوا سؤ سال** (دهلي سيمينار)- سمپادڪ: هيرو ٺڪر.

(6) **قلم جو سپاهي- هيرانند ڪرمچند** (سنڌي اڪادمي دهلي سيمينار)- سمپادڪ: هيرو ٺڪر.

(7) **سنڌي ادب ۾ بعد- جديديت** (NC PSL Seminar)، سمپادڪ: روي پرڪاش ٽيڪچنداڻي.

(8) **انٽرنئشنل سنڌي ساهتيہ سيمينار** (ساهتيہ اڪادمي، دهلي)، سمپادڪ: ارجن حاسد.

ڊاڪٽر ديال آشا، پروفيسر ايميرٽس مقرر ٿيڻ دؤران، سال 2000 ۾ شري لالسنگهہ اَجواڻيءَ ۽ ساڌو ٽي. ايل. واسواڻيءَ جي يوگدان (حصي) تي سيمينار رکيا هئا، جن ۾ پڙهيل مقالا بہ ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيل آهن.

سنڌي اڪاڊمي دهليءَ طرفان مارچ 1997ع ۾ دهليءَ ۾ منگهارام ملڪاڻيءَ ۽ ليکراج ڪشنچند عزيز جي جنم جا سؤ سال ملهائڻ جي موقعي تي هڪ سيمينار رکيو ويو. اُن ۾ پيش ڪيل مقالا، وينا شرنگيءَ ”**ساهہ سيباڻا سُپرين**“ عنوان سان گڏ ڪري 1998ع ۾ شايع ڪرايا. ساڳيءَ طرح، رابيدرناٿ ٽئگور جي جنم جا ڏيڍ سؤ سال ملهائڻ جي موقعي تي سنڌي اڪاڊمي دهليءَ طرفان سيمينار رکيو ويو. اُن ۾ پيش ڪيل مقالا ڇپائيءَ هيٺ آهن. ’مارئي‘ نالي سنسٿا طرفان وينا شرنگيءَ بہ انٽرنئشنل سطح جا سيمينار دهليءَ ۾ ڪيا آهن، جن ۾ پيش ڪيل پيپر پوءِ ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيل آهن.

هن ڏس ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ جي سنڌي ڊپارٽمينٽ جي يوگدان کي ڪڏهن بہ وساري نٿو سگهجي، جنهن هرسال انٽرنئشنل سطح جا سيمينار رکي، سنڌ، آميريڪا ۽ دُبئيءَ جي سنڌي اديبن کي هڪ ئي اسٽيج تي گڏ ڪيو آهي. اُنهن سيمينارن ۾ پڙهيل تحقيقي مقالا گهڻو ڪري ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيا ويا آهن. جيئن تہ:

(1) **سنڌي لوڪ ادب**، (1998)، ايڊيٽر: ٻلديو مٽلاڻي.

(2) **سنڌي ڪهاڻي**، (2000)، ايڊيٽر: منوهر مٽلاڻي.

(3) **سنڌي ٻوليءَ جا هزار سال**، (2000)، ايڊيٽر: منوهر مٽلاڻي.

(4) **شاهہ عبداللطيف ڀٽائي**، (2001)، ايڊيٽر: منوهر مٽلاڻي.

(5) **اساسي سنڌي شاعري**، (2002)، ايڊيٽر، منوهر مٽلاڻي.

(6) **برطانوي دور ۾ سنڌي نثر**، (2003)، ايڊيٽر، منوهر مٽلاڻي.

سنڌي ڊپارٽمينٽ جي پروفيسر ٻلديو ٻختراءِ مٽلاڻيءَ جدا جدا موقعن تي جيڪي بہ تحقيقي مقالا پئي لکيا آهن، اُنهن مان چونڊ مقالا هن **"ادب ۽ تحقيق"** عنوان سان 2008 ۾ شايع ڪيا آهن. هيءُ ڪتاب سنڌي تحقيق ۽ تنقيد جي کيتر ۾ گهڻي اهميت رکي ٿو.

**(3) "ڊاڪٽر آف فلاسافي" (Ph.D) ڊگريءَ لاءِ لکيل تحقيقي مقالا:**

ڀارت ۾ لڏي اچڻ بعد شروعاتي سالن ۾ سنڌي وشيہ (مضمون) جي پڙهائي ڪن يونيورسٽين ۾ بي. اي تائين جاري ڪئي ويئي. سنڌي ٻولي آئين ۾ تسليم ٿيڻ کان پوءِ اُن جي پڙهائيءَ جو بندوبست ڪن يونيورسٽين ۾ ايم. اي ۽ پي. ايچ ڊيءَ جي ڊگريءَ تائين ڪيو ويو. اِنهيءَ ۾ شڪ نہ آهي تہ اِنهيءَ کان اڳي پڻ سنڌ، سنڌي سڀيتا، سنسڪرتي، اِتهاس، سماج شاستر وغيره موضوعن تي تحقيق ڪري، ڪن شاگردن انگريزيءَ ۾ مقالا لکي، "ڊاڪٽر آف فلاسافيءَ" جي ڊگري حاصل ڪئي هئي. ڊيڪن ڪاليج پونا ۾ 1961ع ۾ سنڌي ڀاشا وگيان ڊپارٽمينٽ کوليو ويو جنهن ۾ مان اُن سال ريسرچ فيلو مقرر ٿيس ۽ **"سنڌي ڀاشا ۾ شبد رچنا"** (Morphology of Sindhi) وشيہ تي تحقيقي مقالو لکي پيش ڪيم، جنهن تي 1969ع ۾ پونا يونيورسٽيءَ Ph.D جي ڊگري عطا ڪئي. اُن بعد ستيش روهڙا، سندري تولاڻي ۽ مرلي ڀاوناڻيءَ پڻ سنڌي ٻوليءَ تي تحقيقي مقالا لکي Ph.D جون ڊگريون حاصل ڪيون. اِهي سڀ مقالا انگريزيءَ ۾ لکيل آهن. ساڳيءَ طرح ٻين ڪن يونيورسٽين ۾ ڪن شاگردن سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهتيہ سان واسطو رکندڙ وشين تي هنديءَ ۾ مقالا لکيا آهن.

دهلي يونيورسٽيءَ ۾ فيبروري 1966ع ۾ مان سنڌي ليڪچرار مقرر ٿيس تہ اِنهيءَ يونيورسٽيءَ ۾ Ph.D لاءِ داخلائون ڏيڻ لاءِ سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهتيہ کي تسليم ڪيو ويو. موتيلال جوتواڻيءَ ۽ سنتداس جهانگياڻيءَ شاهہ لطيف جي رسالي سان واسطو رکندڙ وشين تي انگريزيءَ ۾ مقالا لکي، Ph.D حاصل ڪئي. روي پرڪاش ٽيڪچنداڻيءَ، **'سنڌي ڀهاڪا: ڀاشاوگيانڪ، سماجڪ ۽ سانسڪرتڪ اڀياس'** عنوان تي تحقيق ڪري، 2003 ۾ PH.D حاصل ڪئي. اِهي ٻئي مقالا ديوناگري سنڌيءَ ۾ آهن. روي پرڪاش جي ٿيسز جو عربي- سنڌيءَ ۾ اُلٿو **سنڌي ڀهاڪا:** لسانياتي سماجي ۽ ثقافتي اڀياس جي نالي سان سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ شايع ڪيو آهي.

اِنهيءَ ۾ شڪ نہ آهي تہ بمبئي يونيورسٽي ئي واحد يونيورسٽي آهي، جتي گهڻي ۾ گهڻن شاگردن سنڌيءَ ۾ تحقيقي مقالا لکي، ڊاڪٽر آف فلاسافيءَ جي ڊگري حاصل ڪئي آهي. اِهي هن ريت آهن:

(1) **سنڌي غزل**، ارجن مير چنداڻي 'شاد': (1976)

(2) **سنڌي لوڪ گيتن جو سماجڪ پسمنظر**: نارايڻ ڀارتي: (1977)

(3) **سنڌي شعر ۾ استريءَ جو چٽ**، موتي پرڪاش: (1981)

(4) **سنڌي ناول جي اوسر**، چندولال جئسنگهاڻي: (1982)

(5) **سنڌي ناٽڪ جي اوسر** (1880_1980)، پريم پرڪاش: (1984)

(6) **سنڌي شعر ۾ قدرت جو چٽ**، ڪملا گوڪلاڻي: (1993)

(7) **شاهہ ۽ سچل جو تقابلي اڀياس**، ٻلديو مٽلاڻي: (1994)

(8) **سنڌي ٻال ساهتيہ**، هوندراج بلواڻي: (1995)

(9) **ٻنيءَ جا لوڪ گيت**، ڄيٺو لالواڻي: (1996)

(10) **گوبند مالهي- شخص ۽ ادب**، منوهر مٽلاڻي: (1998)

(11) **سامي- هڪ ويدانتي ڪوي**، وندنا راموواڻي: (2000)،

(12) **ڀارت جي سنڌي شعر ۾ ورهاڱي جي تصوير**، جڳديش لڇاڻي: (2001)

(13) **سنڌي لفظن جو تاريخي اڀياس**، پورڻما ڀيلاڻي: (2002)

(14) **ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ تبديل**، ٻوڄراج ليکواڻي: (2008)

(15) **چيئنمل پرسرام گلراجاڻيءَ جو سنڌي ادب ۾ يوگدان،** انيتا ڏوڏيجا: (2010)،

ممبئي يونيورسٽيءَ جي سنڌي ڊپارٽمينٽ مان ڏاڪو ڪن شاگردن سنڌي ساهتيه تي M. Phil ڊگريءَ لاءِ تحقيقي مقالا به لکيا آهن، جن جو هتي ذڪر نه ڪيو ويو آهي.

مهرشي ديانند يونيورسٽي اجمير مان پڻ هينين شاگردن تحقيقي مقالا لکي، Ph.D حاصل ڪئي.

1ـ **ڪشنچند بيوس ۽ اُن جا پوئٽلگ شاعر،** مينا آسواڻي: (2006)

2ـ **پوپٽي هيرانندڻيءَ جي رچنائن ۾ استري پاتر،** ورشا اوڌو داساڻي: (2008)

3ـ **هري دلگير جي ڪويتا ۾ درشن،** آشا رنگواڻي: (2011)

4ـ **سنڌي ناولن ۾ ورهاڱي جو چٽ،** هريش پدناڻي: (2011)

سشيلا موتواڻي، هاسو دادلاڻي ۽ پرميشوري پمناڻي گورنمينٽ ڪاليج اجمير ۾ سنڌيءَ جا ليڪچرار پڻ آهن، جن سنڌي ۽ هنديءَ جي مشابهتي موضوعن تي هنديءَ ۾ مقالا لکي Ph.D حاصل ڪئي آهي. سشيلا موتواڻيءَ جو تازو ديهانت ٿيو آهي. ڪشني ڦلواڻيءَ ”ڀارت ڪي سنڌي گيبه پريم اڪيان“ وشيه تي هنديءَ ۾ مقالو لکي، جوڌپور يونيورسٽيءَ مان Ph.D حاصل ڪئي آهي. انهيءَ جو سنڌي ترجمو سنڌ مان شايع ٿيل آهي، جيڪو نور احمد جهنجهيءَ ڪيو آهي.

**(4) سنڌي ساهتيڪار ۽ سندن رچنائون**

ساهتيه اڪادمي نئين دهليءَ پنهنجي “Makers of Indian Literature” (ڀارتيه ساهتيه جا اڏيندڙ) سيريز هيٺ انگريزي، هندي ۽ سنڌيءَ ۾ معلومات ڏيندڙ ننڍڙا مقالا لکائي شايع ڪيا آهن. اُنهن ۾ سنڌي ساهتيڪار به شامل آهن. سنڌيءَ ۾ شايع ٿيل هينيان مقالا آهن:

(1) لالچند آمرڏنومل جڳتياڻي، مرليڌر جيٽلي: (1985)

(2) ليکراج عزيز، اُتم: (1986)

(3) منگهارام ملڪاڻي، اُتم: (1985)

(4) چيئنمل پرسرام، ديپچندر تلوڪچند: (1986)

(5) پيرومل مهرچند، هيرو ٺڪر: (1990)

(6) ڪلياڻ آڏاڻي، اُتم: (2002)

(7) لالچند آمرڏنومل ـ شخصيت ۽ چونڊ رچنائون، مرليڌر جيٽلي: (2008)

انهيءَ طرز تي ٻين ڪن ليکڪن به سنڌي ساهتيڪارن جي شخصيت ۽ فن تي ڪتاب لکي شايع ڪيا آهن، جيئن ته: **ڊاڪٽر لکميچند پريم** (1997)، **جڳديش شهدادپوري، ڏات ڏٽي** (دهليءَ جا سنڌي ساهتيڪار)، جهمون چڳاڻي (2003)، **مهيش چندر،** شخصيت پرچو ’اسٽيج‘ طرفان (2004)، **ارجن حاسد** (هڪ اڀياس)، (1996)، **پريم پرڪاش، گوورڌن شرما (فن ۽ شخصيت)،** (2002): **هجن هوت حيات،** ڪرشن کٽواڻي، (1987)، پريم پرڪاش، **مرليڌر جيٽلي (شخصيت ۽ رچنائون)،** (2012)، روي پرڪاش ٽيڪچنداڻي، ان ڪان سواءِ جيٺي لالواڻيءَ گهڻي ڪوجنا ڪري **’شهيد هيمون ڪالاڻيءَ‘** جي جيون تي وستار سان ڪتاب لکيو آهي، جيڪو گهڻي معلومات ڏيندڙ آهي.

**(5) جيون چرتر (سوانح حيات):**

هندستان جي آزاديءَ بعد ڀارت ۾ سنتن، مهاتمائن، ڀڳتن، سک پنٿ جي گُرن، اُڏيري لال جي جنم ساکيءَ وغيره تي گهڻيئي ننڍا وڏا ڪتاب شايع ٿيا آهن. اِها روايت گذريل ٽيهارو سالن ۾ به باقاعدي قائم رهي آهي. **آمر شهيد سنت ڪنوررام** (1977)، پروفيسر ڪنيا لال تلريجا جو هن سنت جي جيون تي لکيل هڪ سنڌي گرنٿ آهي. ساڳيءَ طرح جهوليلال جي جيون تي ٽوپڻداس جيوتراماڻيءَ جو ڪتاب **”جل اوتار دريائي پنٿ“** (1980) امرلال جي جيون تي تفصيلوار معلومات ڏئي ٿو.

سنڌيءَ ۾ جيوني ساهتيہ (سوانحي ادب) لکي شايع ڪرڻ ۾ ڊاڪٽر ديال آشا مڱڻي ڪان گوءِ کٽي ويو آهي. 1980 ڪان پوءِ هن جا جيون چرترن تي لکيل ڪجھہ ڪتاب هن ريت آهن: (1) **پارت جا پڳت** (1981)؛ **سنڌ جا سنت** (1986)، سوامي شانتي پرڪاش **مهاراج جن جو جيون درشن** (1988)، **دادا جشن وساڻيءَ جو جيون درشن** (1989)، **پُريا پورب پار** (2002)، **سرڳواسي سنڌي مهاپُرشن جي جيون جي جھلڪ**؛ **سدا حيات** (2008)؛ **مِٺا ماڻھو** (2009).

گذريل ٽن ڏهاڪن ۾ شايع ٿيل ٻيا جيون چرترن جا مکيہ ڪتاب آهن:

1– **جوڳي جادوگر** (ساڌو ٽي. ايل واسواڻيءَ جو جيون)، هري ديوي: (1981)

2– **سنگيت آچاريہ ماسٽر چندر**، ارجن پمياڻي: (1989)

3– **هيرو** (هيرانند ڪرمچند)، ڪملا هيرانند: (1984)

4– **جڏهن پرين ڪري ٿو پنڌ** (دادا جشن واسواڻي)، ريٽا شهاڻي: (2008)

5– **اَوتاري ٻاٻوراما پير**، سشيلا موٽواڻي: (1981)

6– **نانڪ يوسف**، موتيرام راماواڻي: (1991)

**(6) آتم ڪٿائون:**

آتم ڪٿا لکڻ ساهت جي نهايت ئي اوکي صِنف آهي، ڇاڪاڻ تہ اُن ۾ لکندڙ کي هڪ طرف پنهنجي ساراهہ ڪرڻ کان بچڻو آهي تہ ٻئي طرف پنهنجي ماضيءَ جي جيون جي گھٽنائن کي ياد ڪري سچائيءَ سان پيش ڪرڻو آهي. اُن ۾ ليکڪ کي پنهنجن ساٿين جي گلا ڪرڻ ۽ گھٽي ساراهہ ڪرڻ کان بہ بچڻو آهي. اِن ۾ شڪ نہ آهي تہ ليکڪ جنهن ڪيتر ۾ ڪم ڪندڙ آهي، اُنهيءَ جو اِتهاس ۽ اُنهيءَ جي سچي تصوير پڻ آتم ڪٿا ۾ پاڌمرادو ظاهر ٿئي ٿي. 1972ع ۾ نارايڻداس رتنمل ملڪاڻيءَ پنهنجي آتم ڪهاڻي **"نرالي زندگي"** عنوان سان لکي شايع ڪئي هئي. اُن ۾ سندس جيون سان گڏ قومي هلچل ۽ ڪانگريس جي آزاديءَ لاءِ شروع ڪيل آندولن جي بہ تصوير ملي ٿي. 1980ع کان پوءِ سنڌيءَ ۾ شايع ٿيل مکيہ آتم ڪٿائون هن ريت آهن:

(1) **منهنجي حياتيءَ جا سونا روپا ورق** (1981)، پوپٽي هيرانداڻي. (هن تي ساهتيہ اڪاڊميءَ ليکڪا کي انعام ڏنو هو).

(2) **بکہ عشق ۽ ادب** (1984 ۾ سنڌ مان شايع ٿيل). موهن ڪلپنا.

(3) **چولو منهنجو چِڪ ۾** (1987) ۽ "گند منهنجي گوڏ ۾ (2003)، هري دلگير.

(4) **ادب ۽ اديب** (1987 کان 1991 – پنج ڀاڱا)، گوبند مالهي.

(5) **ڪجھہ ٻڌايم، ڪجھہ لڪايم** (1997–1998)، ڪيرت ٻاٻاڻي.

(6) **آتم ڪٿا جي نالي ۾** (1994)، موتيلال جوتواڻي.

(7) **آخري پنا** (1997)، هري موٽواڻي.

(8) **آتم جيوني، ناول، تواريخ** (2001–2004)، لال پشپ

(9) **مان ۽ مان** (2005)، رتنا گوديا.

(10) **ماندي ٿيءُ نہ ماروئي** (2007)، بنيتا ناگپال.

(11) **وهي کاتي جا پنا** (2006–2010 ٽن ڀاڱن ۾)، لڇمڻ ڀاٽيا ڪومل.

(12) **آکيرا آڪاس ۾** (2005)، رام بخشاڻي؛ ترجمو ڪندڙ قمرشهباز.

(13) **پرهہ ڦٽيءَ کان سانجھيءَ تائين** (2009)، مدن جماڻي.

**(7) سنڌي لوڪ ساهتيہ تي تحقيق:**

اِن ۾ شڪ نہ آهي تہ ملڪ جي ورهاڱي بعد سنڌي لوڪ ساهتيہ زباني روايتن مان گڏ ڪرڻ ۽ اُن جو تحقيقي ۽ تنقيدي نظر کان مطالعو

ڪرڻ جو ڪم جيترو سنڌ ۾ ٿيو آهي، اوترو ڀارت ۾ نہ ٿيو آهي. هِتي اِنهيءَ ڏس ۾ جن وک وڌائي آهي، اُنهن ۾ نارايڻ ڀارتيءَ جو نالو اول نمبر تي آهي. هُن ويهن کن سالن جي عمر ۾ 1952 ڌاري ڀارت جي جدا جدا پرانتن ۾ سنڌين جي ڪالونين جو دؤرو ڪري سنڌي لوڪ گيت ۽ لوڪ ڪهاڻيون وغيره گڏ ڪرڻ شروع ڪيا. پوءِ اُنهن جو تنقيدي مطالعو ڪري ننڍا ننڍا ڪتاب ڇپائڻ شروع ڪيائين. هن **"سنڌي لوڪ گيتن ۾ سماجڪ پس-منظر"** موضوع تي تحقيقي مقالو لکيو، جنهن تي بمبئي يونيورسٽيءَ کيس 1977 ۾ پي. ايڇ ڊيءَ جي ڊگري عطا ڪئي. اِهو مقالو 1991ع ۾ هُن شايع ڪيو.

گجرات راجيہ ۾ سنڌي ساهتيہ اڪاڊمي، ڊسمبر 1986ع ۾ وجود ۾ آئي. ڄيٺو لالواڻي اُنهيءَ جو وائيس چيئرمئن مقرر ٿيو. هُن پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ گجرات جي خاص طور ڪڇ ضلعي جي ٻني ڪيتر ۾ سنڌي لوڪ ساهتيہ ڪٺو ڪرڻ جون ڪوشِشون ڪيون، جنهن ۾ ڊيڪن ڪاليج پوني جو پرسوگدواڻي سندس ٻانهن ٻيلي هو. اِنهن رٿائن هيٺ ڏهاکو کن ڪتاب شايع ٿيا آهن. جيئن تہ: **سنڌي ٻوليءَ جي زيارت** (1989)؛ **ڳيچ/ ڳيجهہ** (1990)؛ **ٻنيءَ جا ٻول، جتن جا قول** (حاجي سليمان جت 1990)؛ **ڳجهارتون** (پرسو گدواڻي ۽ لالجي سوٿهڙ–1990)؛ **سوڍن جا گيت** (لالجي سوٿهڙ 1994)؛ **سوڍن جا سنڌي پچن** (سوڍا رامسنگهہ ڀڳت 1995)؛ **سنڌي اُپياشائن جا چونڊ لفظ** (پرسو گدواڻي، 1999)؛ **گيت مُتون جا** (ڪلاڌر مُتوا – 1999).

ڄيٺي لالواڻيءَ پاڻ پنهنجي ليکي بہ ٻني ڪيتر جو گهٽيئي دفعا دؤرو ڪري، اُتي جو سنڌي لوڪ ادب ڪٺو ڪري شايع ڪيو آهي. **"ٻنيءَ جا سنڌي لوڪ گيت"** وشيہ تي لکيل سندس تحقيقي مقالي تي کيس بمبئي يونيورسٽيءَ 1993 ۾ پي. ايڇ ڊيءَ جي ڊگري عطا ڪئي آهي. سنڌي لوڪ ساهتيہ تي ڄيٺي لالواڻيءَ جا ٻيا ڪجهہ ڪتاب آهن: **ٻنيءَ جو سنڌي لوڪ ادب** (1992)؛ **سنڌي پروليون** (1995)؛ **سنڌي فوڪ لور** (1998)؛ **اسانجو ورثو** (2001)؛ **سنڌي لوڪ ناٽڪ** (1996)؛ **سنڌي لوڪ رنگ** (2004).

ليلارام رُچنداڻيءَ ۽ جڳديش شهدادپوريءَ "سنڌي لوڪ وِرثو" سيريز هيٺ ڇڱائي ڪتاب شايع ڪيا آهن. جيئن تہ: **هو جمالو** (1999)، **ڪٺ پتلي** (جون 1999)؛ **روپ بسنت** (سيپٽمبر 1999)؛ **تماشا** (2000)؛ **ڀڳت** (2000)؛ **سينگاررس** (2001)؛ **سنڌي لوڪ ڪلا** (2008)؛ **سنڌي ناٽڪ ڪلا** (2000)؛ ليلارام رچنداڻيءَ جا لوڪ سنسڪرتيءَ تي ڪجهہ ڪتاب آهن: **سنڌي ڀڳت** (1993)؛ **سنڌي لوڪ ڪهاڻي** (1997)، **سنڌي لوڪ وارتائون** (1999)؛ **سنڌي لوڪ ڪٿائون** (1979).

لوڪ ساهتيہ تي ٻين کن عالمن جا ڪتاب بہ شايع ٿيل آهن. جيئن تہ: آڳاٽيون **سنڌي ٻال ڪهاڻيون** (ڪمل ڪيولراماڻي 1996)؛ **جلال ٻوبنا** (ويرو بسنتاڻي 1986)؛ **لوڪ گيتن جو گلدستو** (2002)، گوبند مالهي؛ **ڏهہ ڏيهي ڪهاڻيون–** (2006)، پريتم ورياڻي.

جينت ريلواڻيءَ جو **"سنڌ، ڪڇ، ڪاٺياواڙ جا قديمي ناتا"** (2008) هڪ تاريخي کوجنا وارو اهم مقالو آهي، جيڪو ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيو آهي.

لوڪ ساهتيہ جي هڪ اهم شاخ آهن: پهاڪا، چوڻيون ۽ اصطلاح. پوني جي بزرگ ساهتيڪار سنتداس پنهون مل ڪشناڻيءَ، ورهين کان وٺي پئي سنڌي پهاڪا ۽ اصطلاح ڪٺا ڪيا. اُنهن کي ترتيب ڏيئي مرليڌر جيٽلي **"سنڌي پهاڪا ۽ محاورا"** نالي سان ڊڪشنري 1993 ۾ شايع ڪرائي. اُن ۾ هڪ سؤ کن صفحن ۾ سنڌي پهاڪن، چوڻين ۽ محاورن تي تنقيدي مقالو بہ ڏنل آهي. اِن مان اُتساهہ حاصل ڪري روي پرڪاش ٽيڪچنداڻيءَ **"سنڌي پهاڪا– ڀاشاوگيانڪ، سماجڪ ۽ سانسڪرتڪ اپياس"** وشيہ تي تحقيقي مقالو لکي پيش ڪيو، جنهن تي دهلي يونيورسٽيءَ کيس Ph.D جي ڊگري عطا ڪئي. اِنهيءَ جو عربي– سنڌي لپيءَ

۾ اُلٿو سنڌي اڪادمي دهليءَ ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ 2010 ۾ شايع ڪيو آهي.

**(8) ڀاشا وگيان (Linguistics) ۽ سنڌي ٻوليءَ تي تحقيقي ڪتاب:**

اسڪولي شاگردن جي خيال کان سنڌي ٻوليءَ جا وياڪرڻ ته گهڻيئي شايع ٿيا آهن، پر جديد علم لسانيات جي اُصولن تي ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل ڪتاب آڱرين تي ڳڻڻ جيترا مس آهن. اهڙا ڪتاب اُنهن لکيا آهن، جن ڊيڪن ڪاليج پونا مان ڀاشاوگيان (لسانيات) ۾ تعليم حاصل ڪئي آهي. اِن ۾ شڪ نه آهي ته ادبي رسالن ۾ اِنهيءَ موضوع تي چڱائي مضمون شايع ٿيل آهن. ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيل ڪجهه رچنائون هن ريت آهن:

1- **ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لکاوٽ** (1999)، مرليڌر جيٽلي.

2- **سنڌي ڌوني وگيان** (سنڌي صوتيات) (2000)، مرليڌر جيٽلي.

3- **ڀاشا ۽ ڀاشاوگيان** (2001)، ستيش روهڙا.

هنن موضوعن تي منو گدواڻي، ليلارام رچنداڻيءَ ۽ پريتم ورياڻيءَ جا ڪجهه روايتي ڍنگ جا ڪتاب به شايع ٿيل آهن. لڇمڻ خوبچنداڻيءَ جو مضمونن جو مجموعو **"سنڌي سماج ۽ ڀاشاوگيان"** (2001) جديد علم لسانيات جي اُصولن موجب آهي. ڪنئيالال ليکواڻيءَ **"ڀارت ۾ سنڌي تعليم"** (1997) ڪتاب ۾ سنڌي تعليم جي پنتي پوندڙ حالت جو انگن- اکرن سان جائزو پيش ڪيو آهي.

**(9) يادگيريون:**

يادگيرين بابت لکيل مضمون ساهتيه جي هڪ اهم صنف آهن. جيڪي ڳالهيون اسان کي اِتهاس مان معلوم نٿيون ٿي سگهن، اُهي بزرگ ساهتيڪارن جي قلم مان لکيل سندن ماضيءَ جي يادگيرين مان معلوم ٿين ٿيون. ورهاڱي وقت سنڌ ۾ کهڙيون حالتون پيدا ٿيون، جن جي ڪري لکين هندن کي سنڌ مان لڏڻو پيو اِنهيءَ جي چٽي تصوير اسان کي بزرگ ساهتيڪارن جي لکيل يادگيرين مان ملي ٿي. اِن خيال کان پيرومل جڳتياڻيءَ ۽ هري سندر ناراڻيءَ جو ڪتاب **"سنڌ جون يادگيريون"** نهايت ئي اهم آهن. پوني جي بزرگ ساهتيڪار لوڪرام ڏوڏيجا، جا به ڪتاب "منهنجو شهر، منهنجا ماڻهو" (شڪارپور بابت) ۽ **'منهنجو وطن منهنجا ماڻهو'** (سنڌ بابت) ويهين عيسوي صديءَ جي ڀهرئين اَڌ ۾ سنڌ جي سماج جي تصوير پيش ڪن ٿا. 1980 کان پوءِ واري دؤر ۾ يادگيرين بابت شايع ٿيل ڪجهه ڪتاب آهن:

(1) **يادگيريون** (1980)، **گڏجاڻيون** (1982)، رام پرتا براءِ پنجواڻي.

(2) **سانپر جي درسنيءَ تان**، چيتن ماڙي والا.

(3) **ڪيئن وساريان ويڙهيچن** (1984)، وينا شرنگي.

(4) **زندگيءَ جا ورق** (1982)، ٻلديو گاجرا.

(5) **يادگيريون ۽ رهاڻيون** (1984)، هريرام ماڙي والا.

(6) **ڀڳونتي ناواڻي: يادگيريون** (1998)، گوبند مالهي.

(7) **سُڄاڻ جون سمرتيون** (1990)، رينا شهاڻي (منگهارام ملڪاڻيءَ بابت).

(8) **سرءِ جا پن** (1995)، نارائڻ ڀارتي.

(9) **سنڌڙيءَ جي سانپر** (1991)، شوو رامناڻي.

(10) **يادگيريون**، خاص پرچو سنڌو جوت جو (2009)، سنڌي اڪادمي، دهلي.

**(10) سفرناما:**

جدا جدا ملڪن جي سير- سفر تي ننڍا ننڍا مضمون ته گهڻيئي ملن ٿا، پر ڪتابي روپ ۾ سفرناما جيڪي 1980 کان پوءِ ڀارت ۾ شايع ٿيا آهن، تن جو ساهتيڪارن پنهنجيءَ اباڻي جنم ڀوميءَ جي ياترا جو دلچسپ

نموني ورتن ڪيو آهي. گرڌاري لال ڏوڏيجا پهريون سنڌي ساهتيڪار ٿو نظر اچي، جيڪو پنهنجي پٽ هريش سان 1979ع ۾ سنڌ ويو هو. اُنهيءَ جا انڀوُ هن **"سنڌڙي ٿي سڏي"** نالي ڪتاب ۾ لکي، 1982 ۾ شايع ڪيا هئا. اِنهيءَ ڪتاب کان پوءِ اٽڪل ٻارهن کن سنڌي اديبن کي سنڌ جي سفر جو موقعو مليو آهي، جنهن کي قلمبند ڪري هُنن ڪتاب شايع ڪيا آهن: جيئن ته:

(1) **سڪ جو سڏ** (1983)، ٿهلرام آزاد؛

(2) **سي سپ سانڍيم ساه سين** (1987)، موتي پرڪاش. اِنهيءَ ڪتاب تي کيس 1988 ۾ ساهتيه اڪاڊميءَ جو انعام حاصل ٿيو.

(3) **جُڙيل جن سان جند** (1988). هري موٽواڻي؛

(4) **سڄڻ ۽ ساٿيھ** (1992) قيمت هريسنگهاڻي؛

(5) **سنڌي ويا سنڌ ڏسڻ** (1993)، گوبند مالهي؛

(6) **جيئي اسان جي جيجل سنڌ** (1997)، مدن جماڻي؛

(7) **ڪُڇان تان ڪافِر** (1992)، وينا شرنگي،

(8) **تون سنڌ ۾ رهي پئُه** (2001)، ناڪر چاولا؛

(9) **منهنجو سوپوديرو** (2004)، هولارام شرما؛

(10) **جتي منهنجا اوٺيئڙا** (2003)، ريٽا شهاڻي؛

(11) **سنڌ جو سير** (2007)، گيانچند لالواڻي؛

(12) **مور نه وسران سنڌ** (2010)، ڄيٺو لالواڻي.

2004 ۾ شري سُريش ڪيسواڻيءَ جي اڳواڻيءَ ۾ ٽيهارو کن سنڌي ليکڪ، ڪلاڪار ۽ تعليمدان سنڌ جي سفر تي، شاه سچل امن ڪانفرنس ۾ ويا هئا. اُنهن جا تاثرات ۽ کن ٻين سنڌي ساهتيڪارن جا جذبات ڪٺا ڪري، **"سنڌو جوت"** (2007) ۾ سنڌي اڪاڊمي دهليءَ ڇپايا آهن.

ڪجهه سنڌي ترقي پسند ليکڪ روس جي ياترا تي ويا هئا، جنهن جا تاثرات هنن قلمبند ڪري ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيا آهن. جيئن ته: **نئين سپيتا جو درشن** (1980) سندري اُتمچنداڻي؛ **جيڪي ڏٺو هو مون** (1982)، ڪيرت ٻاٻاڻي.

يورپ جي ياترا بابت به ڪجهه سفرناما ملن ٿا. جيئن ته: **من جا محل ڪنڊهر** (1984)، لکمي کلاڻي؛ **منهنجي وديش ياترا** (1991)، گنگا آنند هنگوراڻي؛ **سفر در سفر** (2010)، ريٽا شهاڻي. **اڳ نه ڏٺو ڪڏهين** (2004) ۾ ٻلديو مٽلاڻيءَ آمريڪا جي سفر بابت پنهنجا تاثرات قلمبند ڪيا آهن، جتي هو ڀارتيه ساهتيه ۽ سنسڪرتيءَ تي رکيل هڪ ڪانفرنس ۾ ويو هو.

پوربي ديش جي ياترا بابت لوڪرام ڏوڏيجا جو ڪتاب **"سڪارئو سفر"** (1980) هڪ دلچسپ ۽ معلوماتي ڪتاب آهي.

### (11) طنز ۽ مزاق:

طنز ۽ مزاق سان ڀرپور رچنائون لکڻ هرهڪ ليکڪ جي وس جي ڳالهه نه آهي. اُن لاءِ ليکڪ جو سياءُ ۽ منورتي اُن قسم جي هئڻ لازمي آهي. سنڌيءَ ۾ 1980 کان پوءِ ان طرح جا ڪتاب تمام گهٽ شايع ٿيا آهن. گرڌاري لال لوڪرام ڏوڏيجا ۽ چترو ناگپال ٻئي شڪارپوري، ٻوليءَ ۽ عبارت ۾ اهڙيون رچنائون لکڻ ۾ ماهر هئا. اُنهن جا ڪجهه هن دؤر ۾ شايع ٿيل ڪتاب هن ريت آهن:

**پٽني پنهنجي، پٽ پرائو** (1983)؛ **ڪٿيون مٿيون ڪهاڻيون** (1984)؛ **منجهايو مان کي ممبئي** (1989)؛ **جي حضور** (1986)؛ **پوتاميل پنهنجن جو** (1988)، **ڏيب سئنڊلن جو** (1990) وغيره ڪتاب گرڌاريلال ڏوڏيجا جا اِن دؤر ۾ لکيل آهن.

چترو ناگپال جا ڪتاب **"تنهنجي منهنجي ڪهاڻي"** (1991) ۽ **"ڪنڊن جو مربو"** (1958). کل ڀوڳ ۽ مذاق واري عبارت جا عمدا مثال آهن.

اِنهيءَ عبارت جا مالڪ ٻيا ڪجهه سنڌي ساهتيڪار آهن:

(1) ٻلديو تاراچند گاجرا (1909_1991)، ٽيئون مل (1_2)، (1984 ۽ 1987).

(2) آسن واسواڻي مجبور (1932)، **معاف ڪندا** (1989).

(3) ٻلو چوئٿاڻي (1947)، **ڪلي ڪول ڪپاٽ** (1999_ ڪوتائون)

(4) نانڪ مدناڻي (1936_1992)، **گناهه جو ٽي نه سگهيو** (1985)، **ٻه انچ مسڪراهٽ** (1989).

(5) امل آهوجا **'زخمي'** (1963) **ٻهروپي چهرا** (1997).

(6) موتيرام رامچنداڻي (1930)، **مهڪندڙ موتي** (1992).

سندر اگناڻي طنزي ۽ مزاقيه ڪارٽون تيار ڪرڻ ۾ ماهر آهي. هن جا ڪجهه طنزي مضمون به شايع ٿيل آهن، جيڪي ڪتابي صورت ۾ آڻڻ گهرجن.

### (12) سنڌي ساهتيه جو اِتهاس:

سنڌيءَ جي بزرگ عالم منگهارام ملڪاڻيءَ، سنڌي ساهتيه جي اوسر تي سنڌ ۾ ئي تنقيدي مضمون لکڻ شروع ڪيا هئا. ڀارت ۾ اچڻ بعد هُن اُنهن مضمونن ۾ سُڌارا ۽ واڌارا ڪري **"سنڌي نثر جي تاريخ"** لکي، جيڪا بمبئيءَ مان هري موٽواڻيءَ ڊسمبر 1968 ۾ ڇپائي پڌري ڪئي. اِنهيءَ تي شري ملڪاڻيءَ کي 1969ع ۾ انعام حاصل ٿيو. اُن ڪان پوءِ به هو هرسال سنڌي ساهتيه ۾ شايع ٿيل چونڊ ڪتابن تي تنقيدي مضمون لکندو رهيو. اُهي گڏ ڪري سندس ساٿي ليکڪن ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيا. جيئن ته: **ورهاڱي ڪان پوءِ سنڌي ساهت جو جائزو** (1980)، ايڊيٽر: موهن ڪلپنا. **ڀارت ۾ سنڌي ساهت جي سمالوچنا** (1982)، ايڊيٽر: اُتم.

اِن بعد سنڌي ساهتيه جي اِتهاس تي يا اُنهيءَ جي ڪن صنفن جي اوسر تي به ڪن ليکڪن ڪتاب لکيا. جيئن ته:

(1) **سنڌي ساهتيه جو اِتهاس** (1972)، (ٻيو وڌايل ايڊيشن 2006)، مرليڌر جيٽلي.

(2) **سنڌي نظم جي تاريخ** (1988)، ليلارام رچنداڻي.

(3) **آزاديءَ ڪان پوءِ گجرات ۾ سنڌي ساهتيه** (1991)، ليلارام رچنداڻي.

(4) **آزاديءَ بعد سنڌي ساهت جو اِتهاس** (1994)، ليلارام رچنداڻي.

(5) **سنڌي ڪهاڻي** (1991)، جڳديش لڇاڻي.

(6) **سنڌي ٻال ساهتيه_ هڪ نظر** (1992)، منوهر نهالاڻي.

(7) **سنڌي ٻال ساهتيه** (1947_1992)، هوندراج بلواڻي (شايع ٿيل 2005).

(8) **سنڌي شعر جي تاريخ** (1984)، ديال آشا.

(9) **سنڌي ناٽڪ جي اوسر** (1984)، پريم پرڪاش.

(10) **سنڌي ناول جي اوسر** (1982)، چندو لال جئسنگهاڻي.

(11) **ورهاڱي بعد سنڌي شعر ۾ ڌارائون** (2010)، شريڪانت صدف.

(12) **سنڌي اخبارنويسي** (2009)، موتيرام رامچنداڻي.

(13) **سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي تاريخ** (2011)، ڪنئيالال ليکواڻي.

(14) **نئين ڪوتا_ اِرتقائي سفر** (2012)، جڳديش لڇاڻي.

(15) **نثري نظم ۽ اُن جو پس_ منظر** (2010) جڳديش لڇاڻي.

### (13) سنڌيءَ ۾ تنقيدي ڪتاب:

ڪن سنڌي ساهتيڪارن، سندن رچنائن ۽ سنڌي ساهتيه جي جدا جدا صنفن جو تنقيدي جائزو پيش ڪندڙ ڪتاب هن دؤر ۾ گهڻيئي شايع ٿيا آهن. جيئن ته:

(1) **چنڊ چاڻ** (1995)، ستيش روهڙا.

(2) **ڪوتا ڪان ڪوتا تائين** (2000)، ستيش روهڙا.

(3) **قاضي قادن جا بيت** (1983)، ليلارام رچنداڻي.

(4) **سنڌي ڀڳت** (1993)، ليلارام رچنداڻي.

(5) **سنڌي ساهت ۾ مذاق** (1982)، ليلارام رچنداڻي.

(6) **نقطه- نظر** (1992)، هيرو شيوڪاڻي.

(7) **ست سار** (1992)، **تڪ تور** (1994)، پرم ابيچنداڻي.

(8) **ڳالهه شاعريءَ جي** (2007)، واسديو موهي.

(9) **سنڌي ناول ڪنهري ۾** (2007)، هيرو شيوڪاڻي.

(10) **سنڌي ڪٿا ساهتيه** (2004)، نامديو تاراچنداڻي.

(11) **بدلجندڙ دؤر ۽ تنقيد** (2000) آنند کيماڻي.

(12) **ڪنڊن جي سڳنڌ** (2004)، آنند کيماڻي.

(13) **سنڌي ڪهاڻي** (2010)، پريم پرڪاش.

**(14) سنڌ جو اِتهاس ۽ سنسڪرتي** (Culture)•

پراچين ڀارت ۾ سنڌ جي اِتهاس تي کوجنا ڪري دوارڪا پرساد روچيرام شرما ۽ گنگارام سمراٿ سيڻي کان گهڻو لکيو آهي. اِنهيءَ ڏس ۾ منهنجي والد پنڊت ڪشنچند جيٽليءَ جون لکڻيون به ساراهه جوڳيون آهن. ديس جي آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ سنڌين جو ڪهڙو يوگدان (Contribution) آهي، اِنهيءَ تي ٻلديو تاراچند گاجرا جو ڪتاب "آزاديءَ جي يُڌ ۾ سنڌ جو ڀاڱ" (1985) قابلِ ذڪر آهي. انهيءَ جو انگريزيءَ ۾ به ايڊيشن شايع ٿيل آهي. دادا جيرامداس دولترام، چوئٿرام گدواڻي، آچاريه ڪرپالاڻي، گهنشيام شوداساڻي، وشنو شرما وغيره سنڌي اڳواڻن جي جيون ۽ ڪم تي به چڱا ئي ڪتاب شايع ٿيل آهن.

سنڌ جي تهذيب ۽ ورثي تي به ڪجهه ڪتاب شايع ٿيل آهن: جيئن ته:

(1) **اسان جو ورِثو** (1988)، قيمت هريسنگهاڻي.

(2) **سنڌ وِرثو** (1994)، روشن گولاڻي.

(3) **سنڌ، ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ جا سپيتڪ ناتا** (2008)، جينت ريلواڻي.

(4) **سنڌي ڀاشا ۽ سنسڪرتي** (2010)، پريتم ورياڻي.

(5) **اَباڻو ورِثو** (2012) بنيتا ناگپال.

(6) **سنڌي ڏِڻ** (1994)، ڪشنچند جيٽلي.

(7) **سنڌي ريتيون، رسمون ۽ رواج** (1998)، پوپٽي هيرانند اڻي.

(8) **سنڌ جا سنت ۽ مهاتمائون** (2000)، وليرام ڪشناڻي.

**(15) ادبي اُصول يا ساهت جا سڌانت ۽ ٻيا ٽيڪنيڪي موضوع•**

آزاديءَ کان پوءِ ڀارت ۾ جيڪي به مضمونن جا ڪتاب شايع ٿيا آهن، اُنهن جو جائزو وٺندي هڪدم اِها ڪوٺ محسوس ٿي ته ساهت جا سڌانت/ ادبي اصول (Principles of Literature) ۽ ٻين ڪن ٽيڪنيڪي موضوعن تي سنڌيءَ ۾ نالي ماتر ڪتاب مس شايع ٿيا آهن. سنڌيءَ ۾ ڀيا ٻيءَ ڪنهن به ٻوليءَ ۾ ايم. اي ڪندڙ شاگردن لاءِ هڪ لازمي پيپر هوندو آهي، جنهن ۾ به ڀاڱا هوندا آهن: (1) ڀارتييه ڪاويه شاستر (Indian Poetics)، جنهن ۾ ساهتيه ۾ رس، ڌوني، (ترنم) النڪارن (ضايع بدايع) ۽ چند شاستر وغيره جو ابياس شاگردن کي ڪرڻو پوندو آهي. (2) مغربي ادبي تنقيد جا اُصول (Principles of Western Literary Criticism). انهن موضوعن تي سنڌيءَ ۾ اجا تائين ڪي به تفصيلوار ڪتاب نٿا ملن. اِن ڪري اُستاد گهڻو ڪري انگريزي ۽ هندي ڪتاب پڙهي، اُنهن جي آڌار تي شاگردن کي نوٽس لکائي ڪم ٽپائيندا آهن. هن وقت سنڌيءَ ۾ اِنهن وشين تي جيڪي ڪتاب موجود آهن، اُهي فقط شروعاتي ڄاڻ ڏيندڙ آهن: جيئن ته:

1- **چند سڳنڌ** (1954)، پنج گنج (1981)، جهمٽمل ڀاوناڻي.

2- **ادبي اُصول** (1960)، منگهارام ملڪاڻي.

3ـ **ساهت جا سڌانت** (1969)، سمپادڪ، آنند ڪيماڻي.

4ـ **ساهت جي پرک** ( ؟ )، جڳديش لچاڻي.

5ـ **فن ـ شاعر** (1984)، اِندر پوڄواڻي.

6ـ **ناٽڪ ۽ رنگ منچ** (1981)، ڄيٺو لالواڻي.

7ـ **ناٽڪ ڪلا جو وڪاس** (1982)، ڄيٺو لالواڻي.

8ـ **اداڪاريءَ جو فن** (1995)، ميگهراج گرناڻي.

9ـ **فنِ تحقيق ۽ اُن جا اُصول** ( ؟ )، ترجمو ٻلديو مٽلاڻي.

ترجمي جي فن (آنواد ڪلا: Art of Translation) تي سنڌيءَ ۾ مون کي هڪ به ڪتاب نظر نه آيو آهي، جيتوڻيڪ اوڻويهين ۽ ويهين عيسوي صديءَ ۾ سنڌي ساهتيه جي اوسر ۾ انواد يا ترجمي جو مکيه حصو آهي. اهڙن ٽيڪنيڪي موضوعن تي جيڪڏهن سنڌيءَ ۾ ڪتاب لکي شايع ڪيا وڃن ته اُنهن جي ذريعي ٽيڪنيڪي شبداوليءَ (Technical Terminology) جو به وڪاس (ڦهلاءُ) ٿيندو ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ اظهار جي قوت جو به واڌارو ٿيندو.

الطاف حسين جوکيو

# وياڪرڻ جي اهم جز ’فعل‘ جو مختصر اڀياس

ڪنهن به عنوان جو ڀيهر اڀياس ڪرڻ سان ضرور ڪي نه ڪي نوان خيال ظاهر ٿين ٿا، جن پاسن ڏانهن عام خيال ويو ئي ڪونه هوندو. اهڙو خيال رکي ڪري ڪنهن به عنوان جو ڀيهر اڀياس ڪيو ويندو آهي. اڀياس جو مقصد ڇا هئڻ گهرجي؟ اڀياس جو دائرو ڪيترو آهي؟ اڀياس ۾ معيار جاچڻ جو ڪيترو عمل دخل آهي؟ اڀياس جو واسطو ’مسئلي‘ سان ڪيترو آهي؟ يعني مسئلو پنهنجي طرفان وضع ڪبو آهي يا اڀياس منجهان واضح ڪبو آهي؟ يا جنهن موضوع/ عنوان تي ڪم ڪجي ٿو سو واقعي به مسئلو/ معاملو آهي يا صرف لکڻ جي طاقت جو مظاهرو ڪرڻو آهي؟ اهڙن سوالن جي روشنيءَ ۾ ڪم ڪرڻ جي ڪافي کوٽ محسوس ڪئي وڃي ٿي.

ايم. فل/ پي. ايڇ. ڊي سطح تي ڪم ڪندڙ دوستن کي گرامر جي مڙني نُڪتن/ موضوعن مان ڪنهن به هڪ نُڪتي/ موضوع تي ڀيهر اڀياس ڪرڻ لاءِ اڳتي اچڻ جي گذارش ڪجي ٿي. وياڪرڻ جي اٺن لفظن مان ’فعل‘ جو جز ايڏو ته ڊيگهارو ۽ وسيع آهي. جو ان تي ڀيهر ڪم ڪرڻ لاءِ ڪافي وقت ۽ قوَت گهرجي؛ ليڪن مون کي صرف درسي سطح تائين صرف فعل جي وصف جو اڀياس ڪرڻو آهي، سو به ان حالت ۾ جنهن حالت ۾ طالب علمن کي پڙهَايو وڃي ٿو. جڏهن ته فعل جي قسمن مان فعل متعدي ۽ لازميءَ جو الڳ اڀياس ڪيو ويو آهي. هتي فعل جِي وصف جي اهم اختلافي پاسن کي جاچڻ ۽ کي آسان دائرا ڳولڻ پڻ مقصود آهي. عام طور فعل جي وصف هيٺينءَ ريت پڙهَائي ويندي آهي:

فعل جي وصف: ***ڪنهن جملي مان ڪم جي ڪرڻ، سهڻ، پوڻ، هئڻ ۽ ٿيڻ جي معنيٰ نڪري، ان کي فعل چئجي.***

فعل جي جزن کي فعل جي ٻن ڀاڱن سان سلهاڙيو ويندو آهي: مکيه فعل ۽ معاون فعل

1.1. **مکيه فعل جا جز:** ڪرڻ ۽ سهڻ

1.1.1. **باقاعدي فعل:** مارڻ_ ماريو، پڙهڻ_ پڙهيو،

1.1.2. **بي قاعدي فعل:** ڏسڻ_ ڏٺو، ڪائڻ_ ڪاڌو، پيئڻ_ پيتو،

1.2. **معاون فعل جا جز:** هئڻ، ٿيڻ ۽ پوَڻ

1.2.1. **آزاد معاون فعل:** هي .... آهي، ... منهنجو ٿيو،

1.2.2. **پروس معاون فعل:** لکندو آهي، پڙهندو آهي،

1.3. **مرڪب فعل:** ڏسي اچڻ، لکي وڃڻ وغيره

## 1.1. مکيه فعل (ڪرڻ ۽ سهڻ)

### 1.1.1. ۽ 1.1.2. باقاعدي/ بي قاعدي فعل

مکيه فعل جا ٻه حصا آهن، باقاعدي (Regular) ۽ بي قاعدي (Irregular). هيءَ تفريق مڙني ٻولين ۾ ٿئي ٿي، سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان چند عالمن اهڙي وضاحت ڪئي آهي:

**مرزا قليچ بيگ**، اسم مشتق واري فصل ۾ لکي ٿو ته:

> ”جيئن ته مصدر اسم آهي، پر معنيٰ فعل جي ٿو ڏئي ۽ منجهانئس ٻيا فعل ٿا نڪرن، تيئن ’اسم مشتق‘ به اهڙن ڪن اسمن کي چئبو آهي، جي مصدر مان نڪرن ٿا يا جڙن ٿا. اهي آهن: اسم فاعل، اسم مفعول ۽ اسم حاليه.“
> (قليچ، 2006: 198)
>
> مرزا صاحب امر مان جڙندڙ جيڪي صورتون ڏنيون آهن، تن کي ٻن ڀاڱن ۾ ڀڃايو ويو آهي: هڪ: باقاعدي، ٻيو: بي قاعدي،
>
> مثال هڪ هنڌ ڄاڻائي ٿو ته: ”گهڻا اسم مفعول امر وانگي بيقاعدي جڙيل آهن، جيئن ته: ... پچڻ ۽ پچڻ مان پڳل ۽ پڳو، ٻيهڻ مان ٻيٺل ۽ ٻيٺو، پرچڻ مان پرتل ۽ پرتو ... وغيره. (ص: 199)

**ڪاڪو ڀيرومل** لکي ٿو ته:

> ”**فعل باقاعدي:** مارڻ_ ماريو، هلڻ_ هليو، هن طرح جن فعلن جو اسم مفعول بلڪل قاعدي موجب جڙي ٿو، تن کي فعل باقاعدي چئبو آهي.
>
> **فعل بيقاعدي:** اچڻ_ آيو، وڃڻ_ ويو، هن طرح جن فعلن جو اسم مفعول سڌيءَ طرح نه ٿو جڙي، تن کي فعل بيقاعدي چئبو آهي. (ڀيرومل، 1985: 116_ 117)

**ابڙو عبدالرحيم ارشد** لکي ٿو ته:

> ”**باقاعدي فعل:** اهڙا فعل، جن جو اسم مفعول، امر واحد جي پويان ’يو‘ يا ’يل‘ ملائڻ سان جڙي، تن کي باقاعدي فعل چئجي. مثال: لنگهڻ مان لنگهيو، مارڻ مان ماريو، پڙهَڻ مان پڙهَيو يا پڙهَيل.
>
> **بي قاعدي فعل:** اهڙا فعل، جن جو اسم مفعول، امر واحد جي پٺيان ’يو‘ يا ’يل‘ ملائڻ سان نه جڙي، تن کي ’بي قاعدي فعل‘ چئجي. مثال: رڌڻ مان رڌو، ڪائڻ مان ڪاڌو، پيئڻ مان پيتو.“ (ابڙو، 1986: 16_ 17)

### 1.1.3. مکيه فعل جي اٿلاٿي

- هونئن ته فعل جا ٻه مکيه قسم آهن: **لازمي ۽ متعدي**، ليڪن هتي مکيه فعل مان مراد اها آهي، جنهن ۾ (فعل معاون کان سواءِ) فعل جا جز: ڪرڻ ۽ سهڻ ڪم ايندا هجن ۽ ان ۾ سڌو سنئون ڪنهن ’ڪم‘ جو اظهار هجي، اهڙي مکيه فعل کي عالمن ٻن ڀاڱن ۾ ورهايو آهي: هڪ: باقاعدي فعل، ٻيو: بيقاعدي فعل.

⬅ باقاعدي فعل جون ٻه صورتون سامهون اچن ٿيون:

- o باقاعدي فعل ان ڪري ڪوٺيو ويو آهي، جو ان جي ڦيري جي جوڙجڪ عام پڇاڙين (ڻُ، يو ۽ يل) سان ٿئي ٿي؛ جيئن: ٽوڙ- ٽوڙڻ- ٽوڙيو- ٽوڙيل، رڪُ- رڪڻ- رڪيو- رڪيَل وغيره.
- o باقاعدي فعل جي ڦيري واريون پڇاڙيون (ڻُ، يو ۽ يل)، فعل باالواسطه/ ٻٽو باالواسطه ۾ به ڪم اچن ٿيون؛ پوءِ اهو باقاعدي فعل هجي يا بيقاعدي فعل؛ جيئن:
  - فعل باالواسطه: روئاءِ* - روئائڻ- روئايو- روئايَل
  - فعل ٻٽو باالواسطه: روراءِ- رورائڻ- رورايو- رورايَل

⬅ بيقاعدي فعل جون به ٻه صورتون سامهون اچن ٿيون:

- o بيقاعدي فعل جي ڦيري وارين پڇاڙين ۾ سواءِ آخري حرف (ڻ، و ۽ ل) ۽ ماقبل آخري سُر (اَڻ، اَل) جي، باقي آوازن جي تبديلي ٿئي ٿي، جنهن سبب ان کي بيقاعدي فعل ڪوٺيو ويو آهي: جيئن: ڇڄُ- ڇجڻ- ڇڳو- ڇڳل.
- o بيقاعدي فعل جي ڦيري وارين پڇاڙين ۾ عام 'يو ۽ يل' جي بجاءِ 'او ۽ اَل' جا آواز ٿين ٿا ۽ وچ وارا آواز تبديل نه ٿا ٿين، جنهن سبب ان کي به بيقاعدي فعل ڪوٺڻ گهرجي؛ جيئن: چڻُ- چڻَڻ- چڻو- چڻل.

## 1.2 معاون فعل (هئڻ، ٿيڻ ۽ پوڻ)

معاون فعل (auxiliary/ helping/ 'to be' verb) ٻوليءَ ۾ ڪڏهن اڪيلي سِر ته ڪڏهن زمان جي واضح رهڻ ۾ ٻين فعلن کي ٽيڪ ڪرائيندا آهن، يعني معاون فعل جي حيثيت به ٻن حصن ۾ نوٽ ڪئي وئي آهي. هيٺ معاون فعل بابت عالمن جا دائرا پيش ڪجن ٿا:

* روئاءِ، "رُئاڙ" ٿيندو روئاڻ- "رئاڙڻ"، روئايو- رئاڙيو روئائيل- رئاڙيل ٿيندو (ادارو)

**مرزا قليچ بيگ** ڄاڻائي ٿو ته: "(1) گلاب هتي آهي. (2) گلاب ڪالهه هتي هو. (3) گلاب منهنجو سؤٽ ٿئي.

'آهي' ۽ 'هو' فعل 'هئڻ' مان نهيا آهن ۽ 'ٿئي' فعل 'ٿيڻ' مان نهيو آهي. هئڻ ۽ ٿيڻ فعل لازمي آهن. اهي فعل مٿين ريت ڪڏهن پاڻمرادو ڪم اچن ٿا ۽ ڪڏهن ٻين فعلن سان گڏ ڪم اچن ٿا. جيئن هيٺ ڄاڻائجي ٿو:

(1) گلاب خط لکيو. (ڪنهن گذريل وقت ۾ ڪم پوري ٿيڻ جي ڳالهه)

(2) گلاب خط لکيو آهي. ( ويجهڙائيءَ ۾ ڪم پوري ٿيڻ جي ڳالهه)

(3) گلاب خط لکيو هو. ( گهڻو اڳ، گذريل وقت ۾ ڪم پوري ٿيڻ جي ڳالهه)

(4) گلاب خط لکيو ٿي. (گذريل وقت ۾ ڪم چالو رهڻ جي ڳالهه)

هنن مثالن مان ڏسڻ ۾ ايندو ته 'هئڻ' ۽ 'ٿيڻ' جيڪي فعل لازمي آهن، سي ٻيئي فعل 'لکيو' سان گڏ ڪم آيا آهن ۽ اهڙيءَ طرح جدا جدا زمانن (وقتن) جي معنيٰ ظاهر ڪرڻ ۾ مدد ڪئي اٿن. اهڙيءَ مدد ڏيڻ ڪري انهن کي 'فعل معاون' سڏبو آهي. معاون معنيٰ مددگار." (قليچ، 2006: 33)

*مرزا قليچ بيگ صاحب معاون فعل ۾ 'هئڻ ۽ ٿيڻ' کي شامل ڪيو آهي.*

**پروفيسر پيرومل آڏواڻي** لکي ٿو ته:

> "(1) مان خط لکان ٿو. (هلندڙ وقت ۾)؛ (2) مون خط لکيو هو. (گذريل وقت ۾)؛ (3) مون کي خط لکڻو آهي. (ايندڙ وقت ۾). هتي پهرئين جملي ۾ 'لکان' سان گڏ 'ٿو' لفظ ڪم آيو آهي جو فعل 'ٿيڻ' مان نهيو آهي. ٻئي جملي ۾ لکيو سان گڏ 'هو' لفظ ڪم آيو آهي ۽ ٽئين جملي ۾ 'لکڻو' سان گڏ 'آهي' لفظ ڪم آيو آهي. 'هو' ۽ 'آهي' لفظ فعل 'هئڻ' مان نهيا آهن. اهڙيءَ طرح هئڻ ۽ ٿيڻ

جيڪي فعل لازمي آهن، سي ٻين فعلن سان گڏ جدا جدا زمانن (وقتن) جي معنيٰ ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪم اچن ٿا، تنهن ڪري انهن کي فعل معاون سڏبو آهي. معاون معنيٰ مددگار يا واهرو. فعل معاون اهو فعل آهي، جو ٻين فعلن جي زمانن جوڙڻ ۾ مدد يا واهر ڪري ٿو.“ (پيرومل، 1985: 91_ 92)

اڳتي جاڻائي ٿو ته:

”سنڌي ٻوليءَ ۾ جيڪي به فعل ڪم اچن ٿا، سي يا لازمي يا متعدي آهن. تنهنڪري اهي ئي ٻه مکيه فعل آهن. انهن کي بنيادي فعل به چئبو آهي. چاڪاڻ ته جيڪي معاون ۽ اڪرترڪ فعل آهن سي اصل فعل لازمي آهن، جيڪي بالواسطه فعل آهن سي اصل متعدي فعل آهن ۽ ٻئي لازمي توڙي متعدي فعل معروف ۽ مجهول صورت وٺن ٿا. تنهنڪري چئبو ته سيني فعلن جو بنياد اهي ئي ٻه فعل آهن.“ (پيرومل، 1985: 97)

*پيرومل صاحب پڻ معاون فعل ۾ ’هئڻ ۽ ٿيڻ‘ کي شامل ڪيو آهي.*

**آغا تاج محمد خان ۽ قاضي جان محمد** لکن ٿا ته:

”هئڻ، ٿيڻ ۽ پوَڻ فعلن جا ڌار ڌار زمان (لفظ) ڪنهن به فعل جي پٺيان آڻبا ته اصلوڪي فعل جي معنيٰ ۽ زمان ڦري ويندو. هن مان ثابت آهي ته اهي مٿيان فعل ٻين فعلن جي پٺيان اچي زمان ناهين ٿا (زمانن ٺاهڻ ۾ مدد ڪن ٿا)، تنهنڪري ڪين سڏبو ئي معاون (مددگار) فعل ڪري آهي . . . اهڙا فعل، جن جي فعل جي زمانن جوڙڻ ۾ مدد ڪن تن کي فعل معاون چوندا آهن. معاون فعل اڪثر هئڻ، ٿيڻ ۽ پوَڻ مصدر جا زمان يا لفظ آهن.“ (آغا، 1951: 124)

*آغا تاج محمد خان وري ’هئڻ، ٿيڻ ۽ پوَڻ‘ کي معاون فعل ۾ شامل ڪيو آهي.*

**ڊاڪٽر غلام علي الانا** لکي ٿو ته:

”معاون لفظ جي معنيٰ آهي مددگار. انهيءَ ڪري هن قسم واري فعل کي مددگار، مددي ۽ امدادي فعل به چوندا آهن.

فعل معاون، ڪن زمانن ٺاهڻ ۾ مدد ڪندا آهن، جيئن: زمانن واري باب ۾ معلوم ٿيندو، پر هت هن جي وضاحت ڪرڻ ضرور آهي.

واحد بخش شيخ، پنهنجي ڪتاب، ’سنڌي ٻوليءَ جو صرف ۽ نحوَ‘ جي ڀاڱي پهرئين ۾ صفحي 355 تي فعل معاون کي ’فعل ناقص‘ سڏيو آهي. شيخ صاحب ’فعل ناقص‘ جي عنوان هيٺ صفحي 355 تي لکيو آهي ته:

’اهو فعل، جو جملي جي مطلب پوري ڪرڻ لاءِ ٻين لفظن جو محتاج رهي، تنهن کي فعل ناقص يا اڻپورو چئبو آهي، مثلاً: طوبيٰ بهشت ۾ هڪ وڻ آهي.‘

شيخ صاحب وڌيڪ وضاحت ڪندي لکي ٿو ته:

’انهيءَ جملي ۾ ’آهي‘ فعل‘ جو مدار ’وڻ‘ تي آهي، چاڪاڻ ته مذڪوره لفظ جيڪڏهن جملي مان ڪڍي ڇڏجي ته فعل اڻپورو رهجي ويندو ۽ جملي جو پورو مطلب نه نڪرندو، تنهنڪري ’آهي‘ فعل‘ کي ’ناقص فعل‘ سڏجي ٿو.‘

دراصل، ’آهي‘ فعل کي ’ناقص فعل‘ سڏڻ جي بدران، ’فعل معاون‘ سڏڻ وڌيڪ درست لڳندو، جيئن شيخ واحد بخش صاحب پاڻ به پنهنجي ساڳئي ڪتاب جي

پهرئين ڀاڱي صفحي 357 تي 'آهي' فعل کي 'فعل معاون' سڏيندي، ان جي سمجهاڻي ڏئي لکي ٿو ته: " فعل معاون اهو فعل آهي، جو ٻئي فعل جي صيغن يا زمانن ناهڻ ۾ مدد ڪري ۽ اڻپوري فعل جي معنيٰ کي پورو ڪري يا ان کي اضافي معنيٰ ڏئي ٿو.' " (الانا، 2010: 142)

*ڊاڪٽر الانا صاحب جي وضاحت ۾ ڪي جز معلوم نه ٿا ٿين، البت 'فعل ناقص' تي اختلاف رکي ٿو.*

**واحد بخش شيخ** لکي ٿو ته:

"فعل معاون اهو فعل آهي جو ٻئي فعل جي صيغن يا زمانن ناهڻ ۾ مدد ڪري ۽ اڻپوري فعل جي معنيٰ کي پورو ڪري يا ان کي اضافي معنيٰ ڏئي. 'معاون' لفظ جي معنيٰ آهي 'مددگار'، انهيءَ ڪري هن فعل کي مددگار، مددي يا امدادي فعل به چئبو آهي.

عام طرح 'ٿيڻ'، 'پوڻ' هئڻ'، 'سگهڻ'، 'رهڻ' ۽ 'وڃڻ' مصدرن جا مختلف صيغا فعل معاون جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندا آهن، مثلاً:

- الله وٽ اهو ماڻهو عزيز آهي، جو پنهنجي هٿن جو پورهيو ڪري روزي ڪمائي ٿو.
- گهڻي ڪم ڪرڻ سان ماڻهو ٿڪجي پوندو آهي.
- ننڍڙو ٻار هر ڪنهن کي وڻندو آهي.
- دوست کي خط مليو هوندو.
- موت کي ڪوئي مات نه ٿو ڪري سگهي.
- ٻار کي هڪ دفعو ڪنهن بري ڪم جي عادت پئي ته هو وڏي هوندي به اهو ڪم ڪندو رهندو.
- فقير انهيءَ کي چئبو جيڪو سدائين ٻين جي اڳيان هٿ ٽنگيندو وتي.

مٿين جملن ۾ 'ٿو'، 'پوندو'، 'آهي'، 'هوندو'، 'سگهي'، 'رهندو' ۽ 'وتي' فعل معاون جا لفظ آهن.

مکيه فعل، اگرچه ذاتي طرح پوري معنيٰ ڏيئي سگهي ٿو پر انهيءَ کي به فعل معاون جي ضرورت پوندي آهي. نه ته ان جا مختلف زمان يا صيغا نه ٺهي سگهندا. (شيخ، 1986: 357_ 358)

*محترم شيخ صاحب جيڪي فعل معاون جا مثال ڏنا آهن، سي ٻوليءَ جو مزاج ۽ صيغو بيان ڪن ٿا.*

**ابڙو عبدالرحيم ارشد** لکي ٿو ته:

"معاون معنيٰ مددگار. هن کي معاون ان ڪري ڪوٺيو ٿو وڃي، ڇاڪاڻ ته هي فعل خاص ڪري فعلن جي زمانن جوڙڻ ۾ ڪتب ايندو آهي. فعل معاون ڪو جدا فعل ناهي. فعل لازميءَ مان جڏهن 'هئڻ' جي معنيٰ نڪرندي آهي، تڏهن ڪيس فعل معاون چئبو آهي. ترڪيب وقت اڪيلي حالت ۾ ڪيس 'فعل لازمي' چئبو آهي ۽ ٻيءَ صورت ۾ فعل معاون. مکيه فعل سان ملائي، يڪو فعل ڪري ڳڻبو آهي. (ابڙو 1986: 15_ 16)

**استاد نور محمد ڪوسو** لکي ٿو ته:

"معاون معنيٰ مددگار. مڪمل فعل جو اهڙو حصو جيڪو فعل جي زمان ناهڻ جو ڪم ڏئي. ان کان پوءِ ئي فاعل جي ڪم جو صحيح وقت مقرر ڪري سگهبو. هي ٽن مصدرن مان نڪرندو آهي، اهي آهن: هئڻ، ٿيڻ ۽ پوڻ، مثال:

| مصدر | حال | ماضي | مستقبل |
|---|---|---|---|
| هئڻ | آهي | هو/ هئو | هوندو |
| پوڻ | آهن | هيون | هوندا |
| ٿيڻ | آهيون | هئا | هونديون |

(ڪوسو 2005: 52)

ڪوسي صاحب جيڪي مثال ڏنا آهن، سي مڙئي فعل جي جز 'هئڻ' جا آهن. پوَڻ يا ٿيڻ جو ڪو ظاهري مثال موجود ڪونهي؛ خبر ناهي تہ ڪوسي صاحب کان ٻين جزن جي مثالن ڏيڻ ۾ نظر چڪ ٿي آهي يا انهن ئي مثالن کي ٽنهي جزن جا مثال سمجهي ٿو.

**محترم دادا سنڌيءَ** باقاعدي ۽ معاون فعل جو گڏيل چارٽ ڏنو آهي، جيڪو هيٺ ڏجي ٿو:

| 'ڪرڻ' جي معنيٰ وارا لفظ | 'پوَڻ ۽ ٿيڻ' جي معنيٰ وارا لفظ | 'هئڻ' جي معنيٰ وارا لفظ | 'سَهڻ' جي معنيٰ وارا لفظ |
| --- | --- | --- | --- |
| ڏوڙيو- ويو- ٽُنو- اٿيو- وينو- گهميو- ڦريو- چڙهيو- سمجهيو- ڏنو وغيره. | پيو- پئي- پوندو- ٿئي ٿو- ٿيو ٿي- ٿيندو وغيره. | آهي- هوندو- هيو- هجي- هو وغيره. | ڪُٺو- وڌيو- چيريو- ڏاريو- ڦاڙيو- ڪاڙهيو- ماريو- لکيو وغيره. |

(دادا، 2010: 23)

### 1.2.1. معاون فعل جي اٿلاٽي

عالمن جي ڄاڻايل وضاحتن/ دائرن موجب هيٺيان نُڪتا سامهون اچن ٿا:

- (1) معاون فعل جا ٻہ ڪارج سامهون اچن ٿا. هڪ: اڪيلي سِر ڪم اچڻ؛ ٻيو: فعل کي زمان جي واضح هجڻ ۾ ٽيڪ ڪرائڻ؛ جيئن:
  - o **آزاد معاون فعل:** گلاب هتي آهي.
  - o **پابند معاون فعل:** گلاب خط لکيو آهي.
- (2) عام طور فعل جا پنج جزا ٻڌايا ويندا آهن. ڪرڻ، سهڻ، هئڻ، ٿيڻ ۽ پوڻ؛ انهن مان 'هئڻ، ٿيڻ ۽ پوَڻ' جا جزا معاون فعل ۾ ڪم آندا ويندا آهن؛ اختلاف اهو ٿو اچي تہ ڪن عالمن ٻہ ڄاڻايا آهن تہ ڪن ٽي ڄاڻايا آهن.
- (3) شيخ صاحب 'ٿو'، 'پوندو'، 'آهي'، 'هوندو'، 'سگهي'، 'رهندو' ۽ 'وتي' کي فعل معاون جا لفظ قرار ڏئي ٿو.
- (4) پيرومل صاحب معاون فعل ۽ اڪرترڪ فعل کي فعل لازميءَ ۾ هجڻ جو اشارو ڏئي ٿو. ابڙو صاحب فعل معاون کي جدا فعل نہ ٿو چئي بلڪ فعل لازميءَ ۾ ڪم ايندڙ ڪوٺي ٿو.
- (5) واحد بخش شيخ صاحب معاون فعل کي 'فعل ناقص' پڻ ڪوٺي ٿو. 'فعل ناقص' جو اصطلاح ڪم آڻي تہ سگهجي ٿو، ان صورت ۾ جڏهن 'معاون فعل' کان سواءِ ڪنهن مکيہ فعل مان زمان واضح نہ بيهي؛ ليڪن هتي معاون فعل کي ناقص ڪوٺڻ وارو خيال ابتو ڄاڻايل آهي.

#### 1.2.1.1. معاون فعل جا ٻہ ڪارج

اصولي طور تي معاون فعل اُنهن کي چوَڻ گهرجي، جيڪي ڪنهن مکيہ فعل سان گڏجي گهربل زمان (وقت) ظاهر ڪرڻ ۾ مدد ڏين؛ اهڙي وضاحت مرزا قليچ بيگ جي حوالي مان ملي ٿي. ٻئي پاسي جن جملن ۾ مکيہ فعل کان سواءِ معاون فعل اڪيلي سِر ڪم اچن ٿا، تن کي ٻہ معاون فعل جي زمري ۾ آندو ويجي ٿو؛ اهڙي وضاحت پڻ مرزا صاحب جي حوالي مان ملي ٿي. واحد بخش شيخ صاحب جي حوالي ۾ پڻ اڪيلي سِر معاون فعل جو جملو ملي ٿو ، جنهن کي شيخ صاحب 'فعل ناقص' ڪوٺي ٿو ۽ ڏاڪٽر الانا صاحب ان کي 'فعل معاون' سڏي ٿو.

اهڙي جائزي بعد اهو نوٽ ڪيو ويو آهي تہ 'معاون فعل' جا ٻہ رخ آهن، جن جو الڳ الڳ ڪارج آهي:(1) آزاد معاون فعل، (2) پابند معاون فعل.

**آزاد معاون فعل** ان صورت ۾ ٿو چئي سگهجي، جو هي صرف اڪيلي سِر ڪم آندو ويجي ٿو ۽ جملي ۾ ڪنهن بہ ٻئي فعل يا مددي فعل

جي گهرج نہ ٿي پوي. جيئن: گلاب منهنجو دوست آهي/ اٿوَ. مون وٽ سؤ رپيا هئا. منهنجا ٽوڙي ۾ هزار رپيا ٿيا.

**پابند معاون فعل** ان صورت ۾ ٿو چئي سگهجي، جو ڪنهن جملي ۾ مکيہ فعل سان ئي درست مراد ڏئي سگهندو هجي. اهڙي جملي ۾ مکيہ فعل سواءِ پابند معاون فعل جي هجڻ سان، غلط مراد واري تصور کي بہ رد نہ ٿو ڪري سگهجي. جيئن:

| مکيہ فعل ۽ پابند معاون فعل | پابند معاون فعل کان سواءِ | صرف پابند معاون فعل |
|---|---|---|
| گلاب خط لکيو آهي. (هن جملي ۾ مکيہ فعل ۽ پابند معاون فعل سان ئي گهربل زمان ماضي قريب واضح ٿئي ٿو.) | گلاب خط لکيو. (هن جملي ۾ معاون فعل سواءِ جملو زمان ماضي مطلق/ سادو ٿي وڃي ٿو.) | گلاب خط آهي. (هن جملي ۾ مکيہ فعل کان سواءِ، ڇڙو پابند معاون فعل ڪم آڻڻ سان جملي جي حيثيت ئي ڦري وڃي ٿي.) |

**نوٽ:** آزاد ۽ پابند معاون فعل جا اصطلاح ڪنهن بہ عالم/ استاد بيان نہ ڪيا آهن. انهن جي هجڻ جو احساس اڀياس مان اخذ ٿيو آهي، ان سببان هٿرادو اصطلاح تنقيد خاطر رکيا ويا آهن.

### 1.2.1.2. معاون فعل جا جز

عام وصف موجب فعل جا پنج جز ڄاڻايا ويندا آهن. انهن مان ڪن ٻن جزن تہ ڪن ٽن جزن کي معاون فعل ۾ شامل ڪيو آهي. جنهن مان اختلاف ظاهر ٿئي ٿو:

| اهي عالم جن معاون فعل جا ٻہ جز ڄاڻايا آهن | اهي عالم جن معاون فعل جا ٽي جز ڄاڻايا آهن | اهي عالم جن معاون فعل جو هڪ جزو ڄاڻايو آهي | اهي عالم جن معاون فعل جا جزا الڳ نہ ڄاڻايا آهن |
|---|---|---|---|
| مرزا قليچ بيگ، پيرومل آڏواڻي | آغا تاج محمد، نورمحمد ڪوسو ۽ شيخ واحد بخش | ابڙو عبدالرحيم | ڊاڪٽر غلام علي الانا، دادا سنڌي |

حقيقت ۾ شيخ واحد بخش ۽ دادا سنڌيءَ معاون فعل جا جيڪي درست لفظ ڏنا آهن، تن مان اهو ئي واضح ٿئي ٿو تہ فعل جا ٽي جز '**هئڻ، ٿيڻ ۽ پوڻ**' آهن. ان کان علاوہ آغا تاج محمدءِ نور محمد ڪوسي پڻ اهي ئي ٽئي جز ڄاڻايا آهن.

### 1.2.1.3. شيخ صاحب جي ڄاڻايل معاون فعل جي لفظن جِي ڇنڊڇاڻ

عام طور معاون فعل طور جيڪي لفظ استعمال ٿيندا آهن، تن کي وڏ ۾ وڏ ٽن جزن ۾ شامل ڪيو ويندو آهي، ليڪن جڏهن واحد بخش شيخ جا ڄاڻايل لفظ: **'ٿو'، 'پوندو'، 'آهي'، 'هوندو'، 'سگهي'، 'رهندو' ۽ 'وتي'** معاون فعل سامهون رکجن ٿا تہ ڄڻ ڄاڻايل ٽن جزن کان اضافي پيا محسوس ٿين، ان لاءِ اهڙي جائزي لهڻ بعد ڪو حاصل مطلب ملي سگهي ٿو:

| هئڻ (معاون فعل جو جز) | ٿيڻ (معاون فعل جو جز) | پوڻ (معاون فعل جو جز) |
|---|---|---|
| آهي، هوندو | ٿو | پوندو |

چند لفظ تہ ڄاڻايل ٽن جزن ۾ سمائجن ٿا، ليڪن 'سگهي'، 'رهندو' ۽ 'وتي' وارا معاون فعل ڄاڻايل جزن کان ٻاهر ٿي بيهن ٿا. ان مان اهوئي اخذ ٿئي ٿو تہ اسين جيڪي ٽي معاون فعل جا جز ڄاڻايون ٿا، تن ۾ ٽي معاون فعل جا جز 'سگهڻ'، 'رهڻ' ۽ 'وتڻ' بہ شامل ڪري سگهون ٿا.

هن نُڪتي جي اڀياس مان اهو ئي معلوم ٿئي ٿو تہ: معاون فعل جا جز: **هئڻ، ٿيڻ، پوڻ، سگهڻ، رهڻ ۽ وتڻ** آهن. پر جيئن تہ عام طور وياڪرڻي وصفن ۾ اختصار کي اهميت آهي، ان لاءِ اهو ئي هجڻ گهرجي تہ ڄاڻايل ٽن معاون فعل جي جزن ۾ باقي معاون فعل جا جزا سمائي ڄاڻائڻ گهرجن. اهو ان

لاءِ بہ ضروري آهي تہ باقي معاون فعل جي لفظن جي بہ اوتري ئي اهميت آهي، جيتري مستعمَل معاون فعل جي جزن جي.

بقايا معاون فعل جي لفظن جي ورهاست:

| هئڻ (معاون فعل جو جز) | ٿيڻ (معاون فعل جو جز) | پوَڻ (معاون فعل جو جز) |
|---|---|---|
| سگهڻ | ـــ | رهڻ، وتڻ |

بقايا معاون فعل جا جز نظرانداز ڪرڻ جوڳا ناهن، تن ڪي هيٺين بنيادن تي مستعمَل جزن ۾ شامل ڪرڻ جي راءِ رکجي ٿي:

**رهڻ ۽ وتڻ:** جيئن تہ هي لفظ ڪنهن جملي ۾ لڳاتار عمل جي هجڻ جو اظهار ڪندا آهن، ان سبب ان ڪي لڳاتار عمل ڏيکاريندڙ معاون فعل جي جز: 'پوَڻ' ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو. ڪاڪي پيرومل اهڙن لفظن ڪي 'سانڏپائي ڏيکاريندڙ' مرڪب فعل ۾ شمار ڪندي لکي ٿو تہ: "لکندو پُٽڻ- جاڳندو رهڻ- رلندو وتڻ- اهڙيءَ طرح اسم حاليہ جي پٺيان پٽڻ، رهڻ، وتڻ فعل آڻبا آهن تہ اهي ڪم جي ساندهہ هلڻ جي معنيٰ ڏيکاريندا آهن. تنهن ڪري انهن ڪي 'سانڏپائي ڏيکاريندڙ' مرڪب فعل چئبو آهي." (پيرومل، 1985: 149)

**سگهڻ:** جيئن تہ هي لفظ سگهہ يا وس جي هجڻ يا هئڻ مان جڙيو آهي يعني 'هجڻ يا هئڻ' جي ويجهو آهي ۽ ان ڪري ان ڪي 'هئڻ' ۾ شامل ڪجي ٿو.

**1.2.1.4. معاون فعل ۽ اڪرترڪ فعل ۾ ويجهڙائپ**

پروفيسر پيرومل ڄاڻائي ٿو تہ: " جيڪي معاون ۽ اڪرترڪ فعل آهن، سي اصل ۾ فعل لازمي آهن." هن ڳالهہ جو انتهائي مختصر جائزو وٺڻ ضروري آهي. هيٺ چند جملا ڄاڻائجن ٿا:

| معاون فعل جا جملا (مکيہ فعل سواءِ) | اڪرترڪ فعل جا جملا |
|---|---|
| ◆ گلاب هتي آهي. | ◆ پينگهي ۾ لڏجي ٿو. |
| ◆ گلاب ڪالهہ هتي هو. | ◆ ڪم ڪبو آهي تہ ٿڪ ٿيندو آهي. |
| ◆ گلاب منهنجو سؤٹ ٿئي. | ◆ ڊوڙبو تہ پگهر ٿيندو. |

هنن مثالن مان پتو پوي ٿو تہ فعل معاون جا جيڪي بہ رخ آهن، انهن مان، مکيہ فعل سان گڏ ايندڙ کان سواءِ، جملي ۾ اڪيلي سِر ڪم ايندڙ فعل معاون وارا لفظ فعل لازميءَ ۾ ئي شمار ٿيندا.

فعل لازميءَ جي حوالي سان ابڙي عبدالرحيم لکيو آهي تہ: " فعل معاون ڪو جدا فعل ناهي. فعل لازميءَ مان جڏهن 'هئڻ' جي معنيٰ نڪرندي آهي، تڏهن ڪيس فعل معاون چئبو آهي." ڏٺو وڃي تہ ابڙي صاحب جي ڳالهہ محدود ٿي وڃي ٿي. هو چوي ٿو تہ 'فعل معاون ڪو جدا فعل ناهي' تہ پوءِ سوال ٿو اڀري تہ: *معاون فعل جڏهن اڪيلي سِر ڪم اچي تہ ان ڪي ڇا چئجي؟* ظاهر آهي تہ ان ڪي بہ لاچار فعل ۾ ئي شامل ڪبو ليڪن اها ڳالهہ ضرور ٻيهي ٿي تہ اهو فعل لازمي هوندو.

**1.2.1.5. فعل معاون يا فعل ناقص ساڳي ڳالهہ آهي؟**

ڊاڪٽر الانا صاحب پنهنجي طرفان 'معاون فعل' جو ڪو دائرو ڪونہ ڏسيو آهي، بلڪ شيخ صاحب جي ڄاڻايل فعل لازميءَ جي قسمن مان 'فعل ناقص' تي تنقيد ڪئي آهي. شيخ صاحب 'فعل ناقص' جا جيڪي مثال ڏنا آهن، سي ساڳيائي معاون فعل ۾ بہ ڄاڻايا اٿس. اصل ۾ شيخ صاحب جي وضاحتن ۾ اها ڳالهہ نوٽ ڪئي وئي آهي تہ ڪن بہ مستعمَل قسمن کان هٽي اضافي قسم ڄاڻايا اٿس، جيڪي ڪنهن نہ ڪنهن حوالي سان ڪنهن ٻئي جو حصو هوندا آهن. شيخ صاحب، اهڙي ڊيگهہ 'صفت' جي قسمن ۾ بہ ڪئي آهي، حالانڪ عام رواجي صفت جا ٽي قسم ڄاڻايا ويندا آهن، پر شيخ صاحب ان جي جڳهہ تي ست قسم ڄاڻايا آهن. (شيخ، 1986: 231)

ان صورت ۾ شيخ صاحب جي پوري ڪيل ڪم کي سُسائڻ جي حوالي سان ٻيهر ڪم ڪرڻ جي گهرج آهي؛ مبادا، ڪو اهڙو بہ قسم نڪري اچي، جنهن جي الڳ ٻوليءَ ۾ گهرج هجي. ٻي صورت ۾ سندس ڄاڻايل جواز

ڪنهن حد تي، مناسبت بہ ضرور رکندا آهن؛ ليڪن سندس ڄاڻايل ’فعل ناقص‘ جو دائرو ۽ مثال اڻ ٺهڪندڙ لڳي پيو.

شيخ صاحب ’فعل ناقص‘ لاءِ لکيو آهي تہ: ”اهو فعل جو جملي جي مطلب پوري ڪرڻ لاءِ ٻين لفظن جو محتاج رهي، تنهن کي ’فعل ناقص‘ يا اڻپورو چئبو آهي. مثلاً: ’طوبيٰ بهشت ۾ هڪ وڻ آهي.‘

مٿئين جملي ۾ ڏسبو تہ ’آهي‘ فعل جو مدار لفظ ’وڻ‘ تي آهي، ڇاڪاڻ تہ مذڪور لفظ جيڪڏهن جملي مان ڪڍي ڇڏجي تہ فعل اڻپورو رهجي ويندو ۽ جملي جو پورو مطلب نہ نڪرندو. تنهنڪري ’آهي‘ فعل کي ناقص سڏجي ٿو . . . ’ٿيڻ‘، ’پوڻ‘ ۽ ’هئڻ‘ مصدرن مان جي فعل جڙن ٿا، سي سڀ ناقص آهن.“ (شيخ، 1986: 355_ 356)

اندازو آهي تہ شيخ صاحب ’آهي‘ کي ناقص يا اڻپورو، ان خيال کان ڪوٺيو هوندو تہ هن ’معاون فعل‘ مان ڪو ’ڪرڻ وارو ڪم‘ ظاهر ڪونہ ٿو ٿئي. جڏهن تہ خيال جي ان ’پاسي‘ سان سوچڻ بعد سندس وضاحت نامناسب پئي لڳي. جڏهن ’فعل ناقص‘ مان مراد ئي ’اڻپورو‘ ڪوٺيو ويو آهي، ان صورت ۾ ’آهي‘ بجاءِ ڪنهن ’ڪم واري فعل‘ کي اڻپورو چوڻ ڪنهن حد تي ٺيڪ رهندو؛ مثال:

هو خط لکي ٿو/ رهيو آهي. (هن جملي مان جيڪڏهن لفظ ’ٿو/ آهي‘ ڪڍي ڇڏبو تہ فعل ’لکي/ لکي رهيو‘ اڻپورو چئي سگهجي ٿو.)

ٻئي پاسي خيال ڪرڻ سان لفظ ’ناقص‘ فاعل وزن تي اسم/ صفت طور ڪم ايندڙ لفظ آهي ۽ معنيٰ اٿس: ’گهٽايل_ سُسايل_ ٻگاڙيل‘. ان صورت ۾ ’آهي‘ يا ’ٿو‘ اڪيلي سِر ڪم اچڻ سبب فعل جي گهٽايل صورت هجڻ وارو تصور مڃي سگهجي ٿو، پر جيئن تہ اهڙو خيال مستعمَل ناهي، ان صورت ۾ اهڙي خيال کي اڳتي ڪرڻ جي گهرج پيش نہ ٿي اچي.

اهڙن معاون فعلن لاءِ انگريزيءَ ۾ Incomplete verbs يا Linking verbs جا اصطلاح ڪم آندا ويندا آهن، ليڪن لازمي ناهي تہ ان کي سنڌي وياڪرڻ جي مزاج سان بہ سلهاڙي سگهجي ٿو.

## 1.3. مرڪب فعل

**مرزا قليچ بيگ** لکي ٿو تہ:

” (1) هو پڙهڻ لڳو (2) مون هن کي چئي ڏنو (3) هو جاڳندو رهيو (4) توکي وڃڻو پوندو.

پهرئين جملي ۾ مصدر ’پڙهڻ‘ جي پٺيان فعل ’لڳو‘، ٻئي جملي ۾ ماضي معطوفي ’چئي‘ جي پٺيان فعل ’ڏنو‘، ٽئين جملي ۾ اسم حاليہ ’جاڳندو‘ جي پٺيان فعل ’رهيو‘ ۽ چوٿين جملي ۾ اسم استقبال ’وڃڻو‘ جي پٺيان فعل ’پوندو‘. اهڙيءَ طرح ٻہ ٽي فعل گڏ اچن، تن کي ’مرڪب فعل‘ يعني ’گڏيل فعل‘ چئبو آهي. مطلب تہ مصدر، ماضي معطوفي، اسم حاليہ ۽ اسم استقبال جي پٺيان لڳڻ، ڏيڻ، رهڻ، پوَڻ، ڇڏڻ، رکڻ ۽ وڃڻ وغيره گڏڻ سان ’مرڪب فعل‘ ٺهن ٿا.“ (قليچ، 2006: 52_ 53)

**پروفيسر پيرومل** لکي ٿو تہ:

” ’مون هن کي منهن تي چئي ڏنو‘. هتي ’چئي‘_ ماضي معطوفيءَ_ جي پٺيان فعل ’ڏنو‘ ڪم آيو آهي. ’هو خط لکڻ لڳو‘ هت ’لکڻ‘ مصدر جي پٺيان فعل ’لڳو‘ ڪم آيو آهي. ’هو سڄو ڏينهن رلندو وتي‘ هتي ’رلندو‘ اسم حاليہ جي پٺيان فعل ’وتي‘ ڪم آيو آهي. اهڙيءَ طرح جيڪي فعل گڏجي ڪم آڻبا آهن، تن کي چئبو آهي ’مرڪب فعل‘ يعني گڏيل فعل. مرڪب = گڏيل.

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪن خيالن جي ظاهر ڪرڻ لاءِ يڪا فعل ڪينهن، تنهن ڪري اهي مرڪب يا گڏيل فعل ڪم آڻجن ٿا تہ پنهنجي دل جو مطلب پوريءَ طرح ظاهر ڪري سگهجي. مٿين مثالن مان ظاهر آهي تہ ماضي معطوفي، اسم حاليہ ۽ مصدر جي پٺيان هڪ نہ

ٻئي فعل گڏڻ سان اهي مرڪب فعل جڙن ٿا." (پيرومل، 1985: 147)

**ڊاڪٽر غلام علي الانا** مرڪب فعل جي ورڇ ڪندي لکي ٿو ته:

"مرڪب فعل ڌار ڌار قسمن ۾ ورهائي سگهجن ٿا، اهي قسم آهن: (1) اسميه/ اسم وارا مرڪب فعل (2) صفت وارا مرڪب فعل (3) عطفيه مرڪب فعل (4) اسم حاليه وارا مرڪب فعل (5) مفعولي مرڪب فعل" (ص: 168)

ڊاڪٽر الانا صاحب مرڪب فعل جي ورڇ ڄاڻائيندي، ان جو جائزو پڻ پيش ڪيو آهي. اهڙي جائزي جا ٻه ٻه مثال خيال خاطر ڪڍجن ٿا:

**(1) اسميه/ اسم وارا مرڪب فعل:**

i. مرڪب فعل، اسم ۽ فعلن کي گڏي استعمال ڪرڻ سان جڙندا آهن ... اهڙا فعل، اسمن جي پٺيان 'ڪرڻ' صورت ملائڻ سان ٺهندا آهن؛ جيئن: شادي ڪرڻ، راند ڪرڻ، ننڊ ڪرڻ، ماٺ ڪرڻ، پنڌ ڪرڻ، همٿ ڪرڻ.

ii. مرڪب فعل جي صورتن اڳيان جنس يا عدد واري صيغي موجب 'جو'، 'جي'، 'جا' يا 'جون' حرف اضافت واريون صورتون ملايون ويندڙيون آهن. جيئن: انصاف ڪرڻ، ساراه ڪرڻ، وڏائي ڪرڻ، نقل ڪرڻ، سنڀال ڪرڻ، ڪوشش ڪرڻ، ترجمو ڪرڻ، خذمت ڪرڻ، خيرات ڪرڻ.

iii. مرڪب فعلن جي اڳيان حرف جر 'کي' استعمال ڪيو ويندو آهي، جيئن: سلام ڪرڻ، سڏ ڪرڻ، دعا ڪرڻ، عرض ڪرڻ، ياد ڪرڻ، دعا ڪرڻ.

iv. مرڪب فعلن جي اڳيان 'سان' حرف جر استعمال ڪبو آهي، جيئن: انجام ڪرڻ، شادي ڪرڻ، همدردي ڪرڻ، دغا ڪرڻ، گڏ پڙهَڻ.

v. مرڪب فعلن جي اڳيان 'تي' حرف جر ڪم آڻي سگهبو آهي، جيئن: ڪاه ڪرڻ، احسان ڪرڻ، ڌيان ڏيڻ، نظر ڪرڻ، نظر وجهڻ، ٽيڪ ڏيڻ، مٿو هڻڻ،

vi. مرڪب فعلن جي اڳيان 'کان' حرف جر ملائي سگهبو آهي، جيئن: پاسو ڪرڻ، سوال ڪرڻ، پري ڀڄڻ.

vii. اسمي مرڪب فعل، ٻين ڪيترن ئي مددي فعلن جي مدد سان ٺاهي سگهجن ٿا، پر اهڙن مرڪب فعلن جي اڳيان ڪنهن به حرف جر جي ملائڻ جي ضرورت ڪانه پوندي آهي، جيئن: اوٻاسي ڏيڻ، امتحان ڏيڻ، ٻک مرڻ، ٽپو ڏيڻ، ٿاٻو کائڻ، پنڌ پوڻ، ڦاسي کائڻ، ٿورا مڃڻ، چِڪ/ نچ ڏيڻ، ڌڪو کائڻ، سزا کائڻ، ساه کڻڻ، شاهدي ڏيڻ، ڏنڊ وجهڻ، ڏنڊ پڻ، ڪم اچڻ، مٿو کائڻ، موٺ کائڻ، مشابهت رکڻ، هوا کائڻ، هٿِ آڻڻ، هٿ وجهڻ.

(2) **صفتي مرڪب فعل:** هن قسم وارا مرڪب فعل 'ڪرڻ' صورت جي اڳيان صفتن ملائڻ سان ٺهندا آهن. جيئن: صفا ڪرڻ، خراب ڪرڻ، خوش ڪرڻ، راضي ڪرڻ، ناراض ڪرڻ.

مجهولي (Passive) صورتن ٺاهڻ لاءِ 'ڪرڻ' جي بدران 'ٿيڻ' صورت ملائي ويندي آهي، جيئن: صفا ٿيڻ، خوش ٿيڻ، راضي ٿيڻ، ناراض ٿيڻ.

**(3) عطفيه مرڪب فعل:**

i. هن قسم وارن مرڪب فعلن ٺاهڻ لاءِ 'ڪرڻ، پوڻ' جهڙين صورتن جي اڳيان فعلن جون اسم معطوفي (ماضي معطوفيءَ) واريون صورتون ملائڻ سان عطفيه مرڪب فعل ٺهندا آهن، پر ياد رکڻ گهرجي ته انهيءَ طريقي سان رڳو فعل لازمي ٺهي سگهندا آهن، جيئن: اچي وڃڻ، اڏامي وڃڻ، اٿي بيهڻ، ڀڄي وڃڻ، ٽڪجي پوڻ، جاڳي پوڻ، سمهي پوڻ، ٻڏي وڃڻ، ڪپي

وڃڻ، ڪِري پوڻ، لنگهي وڃڻ، مري وڃڻ، منجهي پوڻ، وسري وڃڻ، هليو وڃڻ.

ii. **عطفيہ مرڪب متعدي فعل** ٺاهڻ لاءِ ’ڏيڻ‘، ’وجهڻ‘، ’ڇڏڻ‘ ۽ اهڙيون ٻيون صورتون اسم معطوفي (ماضي معطوفي فعلن) جي پٺيان ملايون وينديون آهن.جيئن: ڀري ڏيڻ، ورهائي ڏيڻ، ڪڍي ڇڏڻ، ڀري ڇڏڻ، ڍڪي ڇڏڻ، ساڙي ڇڏڻ، ساڙي وجهڻ، ڌوئي ڇڏڻ، رکي ڇڏڻ، ڪيري ڇڏڻ، وڍي ڇڏڻ، ماري وجهڻ، ڪري ويهڻ، ڇڏي ڏيڻ، کائي ونڃڻ، پي ونڃڻ، ٺاهي ونڃڻ، سکي ونڃڻ، ٻڌي سگهڻ، سکي سگهڻ، ماري سگهڻ.

(4) **اسم حاليہ وارا مرڪب فعل:** هن قسم وارا مرڪب فعل ٺاهڻ لاءِ ’وڃڻ‘، ’رهڻ‘، ’اچڻ‘ جهڙيون صورتون ’اسم حاليہ‘ وارين صورتن جي پٺيان استعمال ڪرڻ ٺهندا، جيئن: ڊوڙندو رهڻ، ماريندو رهڻ، ڳائيندو اچڻ، پڙهندو اچڻ، ڊوڙندو وڃڻ، پڙهندو وڃڻ، ڪندو اچڻ، لکندو اچڻ.

(5) **اسم مفعول وارا مرڪب فعل:** هن قسم وارا فعل، ’ڇڏڻ‘، ’ڏيڻ‘، ’رهڻ‘، ’هجڻ‘ جهڙين صورتن جي اڳيان، بنيادي فعلن جون مفعولي صورتون ملائڻ سان ٺهندا آهن. اهي فعل متعدي صيغي ۾ ڪندا آهن، جيئن: بڪيو رهڻ، زخميو هجڻ، ڪٽو ڇڏڻ، رنو/ رنل رهڻ، رنو/ رنل ڇڏڻ ۽ بڪيو ڇڏڻ.“ (الانا، 2010: 169 _ 170)

### 1.3.1. مرڪب فعل جي اٿلاٿي

مرزا قليچ بيگ ۽ ڪاڪي ڀيرومل جي وضاحتن ۾ گهٽي قدر ساڳيائپ محسوس ٿيندي آهي؛ سواءِ تحقيق جي اهو چوَڻ ٺيڪ نہ رهندو تہ ڪهڙي بزرگ ڪنهن جو نقل ڪيو آهي. مرڪب فعل بابت ڊاڪٽر الانا صاحب جو ڪم انتهائي ساراهڻ جوڳو آهي. ٽنهي بزرگن جي وضاحتن موجب : ’مرڪب فعل‘ واري اصطلاح مان مراد ٿي ڪنهن جملي ۾ ٻتا فعل ڪم آڻڻ آهن. ٽنهي عالمن جي وصفن مان اهڙن مرڪب فعلن جون ٽي صورتون بيهن ٿيون:

1. **مکيہ فعل سان معاون فعل جو گڏ اچڻ**، جيئن: ’هو جاڳندو رهيو.‘
2. **مکيہ فعل سان گڏ ٻيو مکيہ فعل بيهڻ**، جيئن: ’مون هن کي منهن تي چئي ڏنو.‘
3. **ڪنهن اسم/ صفت سان فعل اچڻ**، جيئن: موڪل ڏيڻ، سونهن بخشڻ، توجهہ ڏيڻ، اميد رکڻ وغيره.

منهنجي راءِ مطابق پهرئين قسم کان سواءِ ٻئي ۽ ٽئين قسم جي فعل کي مرڪب فعل جي زمري ۾ آڻڻ ٺيڪ رهندو؛ ڇوتہ، پهرئين قسم ۾ معاون فعل ٿي مکيہ فعل کي واضح ڪري ٿو. جيڪڏهن اهڙي انداز کي مرڪب فعل ۾ شامل ڪبو تہ پوءِ هيٺين جملن جي فعلن کي بہ مرڪب فعل ۾ شامل ڪرڻو پوندو:

هو خط لکي ٿو۔ هو خط لکي رهيو آهي۔ هن خط لکيو آهي۔ هن خط لکيو پئي، هو خط لکندو رهيو وغيره.

مٿين هڪ جملن ۾ مکيہ فعل ’لکي‘، ’لکيو‘ يا ’لکندو‘ صرف هڪ اچي ٿو جڏهن تہ معاون فعل زمان کي واضح رهڻ ۾ مدد ڪري ٿو. ان صورت ۾ ان کي مرڪب فعل ۾ شامل ڪرڻ مناسب ناهي. ان صورت ۾ راءِ اها ٿي جڙي ٿي تہ :*معاون فعل جي مداخلت کان سواءِ اسم يا صفت سان ڪنهن فعل جو اچڻ ۽ ٻن فعلن جي گڏ اچڻ کي مرڪب فعل چوَڻ گهرجي.*

اتي معاون فعل: ’رهڻ‘ بابت سوال اهو ٿو ٿئي تہ:

- ڇا ’رهڻ‘ کي معاون فعل ۾ ٿي شامل ڪيو ويندو آهي، يا مکيہ فعل جي صورت ۾ بہ ٿي سگهي ٿو؟
- ڇا جملي: ’هو جاڳندو رهيو‘ ۾ موجود ’رهيو‘ لفظ فعل معاون آهي يا مکيہ فعل بہ ٿي سگهي ٿو؟

ٻوليءَ جي نسبت، ’رهڻ‘ لفظ جون ٻئي صورتون نوٽ ڪري سگهجن ٿيون:

- مهمان ڪافي ڏينهنِ کان رهيو وينو آهي.
- مهمان ڪافي ڏينهن کان وينو رهيو آهي.

پهرئين جملي ۾ ’رهڻ‘ ٽڪڻ (Stay) جي معنيٰ ۾ ڪم آيل آهي، ان صورت ۾ ان کي ’مکيہ فعل‘ ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو ۽ ’رهيو وينو‘ کي مرڪب فعل چئي سگهبو. جڏهن ته ٻئي جملي ۾ ’رهڻ‘ ’لڳاتار وقت‘ ظاهر ڪري ٿو، ان صورت ۾ ان کي ’معاون فعل‘ ۾ ئي شمار ڪبو.

هونئن بہ ٻوليءَ جي نسبت ساڳيا لفظ ’فعل معاون‘ ۽ ’مکيہ فعل‘ ٻنهي صورتن ۾ ڪم اچن ٿا، جيئن:

- ’اَنُ ٻوريءَ ۾ پوي/ پئي ٿو پيو.‘ يا ’ان ٻوريءَ ۾ پئجي رهيو آهي.‘
- ’اَنُ ٻوريءَ ۾ رهجي ويو آهي.‘ يا ’ان اجا رهي پيو ٿو.‘

هنن ٻنهي جملن ۾ ’پوڻ‘ ۽ ’رهڻ‘ جي حالت ’مکيہ‘ فعل واري آهي، جڏهن تہ ’ٿو پيو/ رهيو آهي‘ ۽ ’آهي/ پيو ٿو‘ معاون فعل آهن.

سنڌي ٻوليءَ جي ڪن اُپ- لهجن ۾ لفظ ’وينو‘ فعل ’وهڻ‘ مان استمراري زمانن ۾ فعل معاون طور پڻ ڪم آندو ويندو آهي، جيئن:

- هو ڪتاب پڙهي وينو. (يعني: پڙهي ٿو پيو/ پڙهي رهيو آهي)
- مان تہ اسڪول وڃان وينو. (وڃان ٿو پيو/ وڃي رهيو آهيان)

مٿيان جملا زمان حال استمراري (جاري) جا آهن، ان صورت ۾ ’پڙهي وينو‘ يا ’وڃان وينو‘ کي مرڪب فعل ۾ شامل ڪونہ ڪبو، ڇاڪاڻ تہ هتي ’وينو‘ فعل معاون طور ڪم آيو آهي. اهو ٻوليءَ جو انداز ساهتي پرڳڻي جي هڪ ڳوٺ ’جيئندو راڄپر‘ مان، استاد رانول خان راڄپر وٽان نوٽ ڪيو ويو آهي.

’مرڪب فعل‘ جي پهرئين قسم تي منهنجي تنقيدي نظر جو معيار ڪو ايڏو مضبوط ڪونهي، ليڪن ايترو ضرور آهي تہ لسانيات جا عالم ان نڪتي تي ٻيهر غور ضرور ڪندا ۽ ان معاملي تي ڪا بهتر راءِ سامهون اچي سگهندي.

مرڪب فعل بابت، ڊاڪٽر الانا صاحب جو تفصيلي ڪم بيشڪ ساراهڻ جوڳو آهي، البت، مرڪب فعل ۾ ’معاون فعل‘ جي مداخلت تي ساڻس اختلاف آهي. سادي نموني، گهٽي قدر تہ ’ڪرڻ‘، ’هجڻ‘، ’ڏيڻ‘، ’رکڻ‘، ’لڳائڻ‘، ’ٻڌائڻ‘، ’وڃڻ‘ وغيره جهڙا اضافي فعل ڳنڍي مرڪب فعل ٺاهيا ويندا آهن، چند مرڪب فعلن جي ٽيبل خيال خاطر ڏجي ٿي:

| اضافي فعل/ مصدر | مرڪب فعل جا مصدرَ |
|---|---|
| پچائڻ | ڊڪ پچائڻ- امانت پچائڻ- لڪٽي پچائڻ وغيره |
| رکڻ | ملازم رکڻ- راز رکڻ- مشابهت رکڻ- هٿ رکڻ- اک رکڻ- مان رکڻ- مانُ رکڻ- ڪک رکڻ- دل رکڻ- ياري رکڻ- سنڌو رکڻ وغيره. |
| ڪائڻ | حق ڪائڻ- ڪاوڙ ڪائڻ- سِر ڪائڻ- ٿاڦو ڪائڻ- هوا ڪائڻ- موٺ ڪائڻ وغيره. |
| ڪرڻ | تائيد ڪرڻ- پرهيز ڪرڻ- بي عزتي ڪرڻ- اوسيئڙو ڪرڻ- غفلت ڪرڻ- آگاهہ ڪرڻ- پرواهہ ڪرڻ- دعويٰ ڪرڻ- پوئواري ڪرڻ- واپس ڪرڻ- واڪاڻ ڪرڻ- خيرات ڪرڻ- ياد ڪرڻ- گلا ڪرڻ- سلام ڪرڻ- سڏ ڪرڻ وغيره. |
| لڳائڻ | اندازو لڳائڻ- باهہ لڳائڻ- دل لڳائڻ- اک لڳائڻ- وڻ لڳائڻ- |

| | |
|---|---|
| ھڻڻ | ڏکو ھڻڻ- ڏک ھڻڻ- سُئي ھڻڻ- مٿو ھڻڻ- اک ھڻڻ- |
| وٺڻ | امتحان وٺڻ- گس وٺڻ- خبر وٺڻ- خرچ وٺڻ- |
| وڃڻ | ٻڃي وڃڻ- پڃي وڃڻ- ڪپي وڃڻ، هارائجي وڃڻ- ٿي وڃڻ- پڙهي وڃڻ- اچڻ وڃڻ وغيره. |
| ڏيڻ | موڪل ڏيڻ- دڙڪا ڏيڻ- مار ڏيڻ- قرب ڏيڻ- ڏوڪڙ ڏيڻ- دل ڏيڻ- ساھ ڏيڻ- خبر ڏيڻ- ٽيڪ ڏيڻ- ڌيان ڏيڻ- ٽپو ڏيڻ- حساب ڪتاب ڏيڻ- نچ ڏيڻ- وغيره. |
| جوٽڻ | جهيڙو جوٽڻ- ڏاند/ جوٽ جوٽڻ- |
| اچڻ | ڏسي اچڻ- پڃي اچڻ- ڪائي اچڻ- ڪم اچڻ- اڳيان اچڻ- |

مٿيان مرڪب فعل جا چند مثال رکيا ويا، جن ۾ اسم/ صفت سان فعل ۽ ٻئو فعل رکيو ويو آهي. وڌيڪ هن نُڪتي تي ٻيھر سوچڻ لاءِ لسانيات جي ماهرن اڳيان عرض رکجي ٿو.

**حوالاتي ڪتاب:**


- آڏواڻي ڀيرومل مهرچند (1985) 'وڏو سنڌي وياڪرڻ'- انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو.
- آغا تاج محمد خان ۽ قاضي جان محمد (1951ع) 'گرامر' ڀاڱو ٻيو- آر. ايچ احمد اينڊ برادرس حيدرآباد.
- ابڙو عبدالرحيم ارشد (1986) 'رفيق گرامر'- انٽرنيشنل اڪيڊمي هالا.
- الانا، غلام علي، ڊاڪٽر (2010) 'سنڌي ٻوليءَ جو تشريحي گرامر'- سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد.
- سنڌي، دادا (2010) 'سنڌيڪا سنڌي گرامر'- سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي.
- ڪوسو نور محمد (2005) 'سنڌي گرامر'- روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو.
- مرزا قليچ بيگ (2006) 'سنڌي وياڪرڻ'- سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.
- واحد بخش شيخ (1986) 'سنڌي صرف و نحو'- سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.




## ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي ۾ معياري سنڌي خط (Typeface /Font)

1. خط (Typeface /Font)
2. يونيڪوڊ ۾ سنڌي اکرن جو چارٽ Code Points سميت
3. لگيچرز Ligatures
   i. 
   ii. لفظ لُلهہ جي لکڻ جو مسئلو
   iii. لفظ جهہ ۾ گهہ جو مسئلو
   iv. سنڌي ٻوليءَ لاءِ بنيادي Ligatures
4. Bearings يا Curser Point جو ستاءُ
5. اعرابون ۽ انهن جو فني ستاءُ
6. سنڌي انگ
7. فونٽ امبيڊنگ Font Embadding سرسري جائزو
8. اڀياسي حوالا

1.  خط (Typeface /Font) : ڪمپيوٽر ۾ خط (Typeface /Font) مان مراد آهي "ڪنهن ٻوليءَ لاءِ جوڙيل اکرن جي لکت جو اهڙو مڪمل چارٽ جنهن ۾ لاڳاپيل ٻوليءَ جا سيئي اکر پنهنجي سالم[۱]، شروعاتي[۲]، وچين[۳] ۽ آخري يا پڇاڙيءَ[۴] واري شڪل سميت موجود هجن ۽ اهي مڪمل طور مطلوبہ ٻوليءَ واسطي مختلف Softwares, Search Engines, Websites, Emails وغيره لاءِ ڪمپيوٽر اسڪرين تي نہ رڳو ڪتب آڻي سگهجن پر بوقتِ ضرورت اهڙي مواد کي ساڳيءَ شڪل ۾ ڇاپي سگهجي". هي بنيادي طور اکرن جي ترتيب وار شڪلين يا تصويرن جو چارٽ آهي جنهن کي ڪمپيوٽر جي گهرجن آڌار يونيڪوڊ جا اعلانيل سڃاڻپ نمبر (Code Points) ۾ نالا ڏئي ماهر اهڙي Table جوڙين ٿا، جنهن ۾ Programing ڪري هرهڪ اکر جي جاءِ ۾ شڪل متعين ڪئي ويندي آهي، ۽ پوءِ کو بہ Font Editor استعمال ڪري Font مڪمل ڪيو ويندو آهي. ڪمپوزنگ دؤران ڪمپيوٽر گهربل نمبر واري شڪل Font مان ئي ڳولي ڏيکاريندو آهي، يا ان آڌار ئي ڪمپيوٽر اهو سمجهي سگهندو آهي تہ ڪمپوزر اکر جي ڪهڙي شڪل (سالم، شروعاتي، وچين يا آخري) ٽائپ ڪئي آهي.

---

۱. الف ب جون ۵۲ نشانيون اکرن جي سالم صورت آهن. ا، ب، ج، د وغيره.
۲. لکڻ دؤران اکرن جي شروعاتي شڪل جيئن: ا، بـ، جـ، مـ وغيره.
۳. لکڻ دؤران اکرن جي وچين شڪل جيئن: ـبـ، ـجـ، ـغـ، ـمـ، وغيره.
۴. لکڻ دؤران اکرن جي پڇاڙيءَ واري شڪل جيئن: ـب، ـج، ـم وغيره

جنھن صورت ۾ ڪمپيوٽر عددي سرشتي تحت ڪم ڪندڙ مشين جو نالو آهي، جيڪو عددي جوڙ جڪ وسيلي پنھنجا ڪم سرانجام ڏي ٿو تنھنڪري لکڻ جو فن پڻ اهڙي سرشتي تي ٻڌل آهي. ان لاءِ Font ۾ شامل اکرن ۽ علامتن کي پڻ اهڙا عددي Code Points ڏنل هوندا آهن، جنھن تحت ڪمپيوٽر انھن کي ڳولي اسڪرين تي ڏيکاري ٿو. هر ٻوليءَ جا ادارا پنھنجي ٻوليءَ جي ڪمپيوٽر تي ترويج ۽ توسيع واسطي هڪ معياري ڪوڊ پيج جوڙي ان کي ڪمپيوٽر سان وابستہ بين الاقوامي ادارن کان منظور ڪرائي وٽن رجسٽر ڪرائيندا آهن. هن وقت اهڙو ڪم Unicode جو ادارو سرانجام ڏي ٿو. اهڙن رجسٽرڊ Code Points جي آڌار ڪمپيوٽر لاءِ Operating Systems، Software، Keyboard Layouts توڙي Standard Fonts جوڙيا وڃن ٿا. حرفن ۽ علامتن جا عددي Code Points ئي حقيقت ۾ انھن جي مشيني سڃاڻپ آهن. جن موجب جوڙيل Font ئي مڪمل **Standard Font** (معياري خط) سڏيو وڃي ٿو. جنھن صورت ۾ اهڙن Fonts ۾ ڪتب آيل Code Points بين الاقوامي معيار موجب جوڙيل هجن ٿا، انھيءَ ڪري ئي مختلف ڪمن لاءِ جوڙيل Softwares ۾ انھن کي بخوبي استعمال ۾ آڻي سگھجي ٿو. اهڙيءَ جوڙجڪ جي بدولت ئي ڪمپيوٽر، ڪمپوزر پاران ڪي بورڊ تي هلايل آڱرين جي جاري ڪيل احڪامن موجب اکرن کي ملائي لفظ ۽ جملا جوڙي ٿو جنھن جو بنيادي ڍانچو ئي Font سڏجي ٿو. ڇاڪاڻ تہ ڪي بورڊ فقط اکرن کي پنھنجي ڪوڊ تحت ڳولڻ جو حڪم جاري ڪندو آهي، جنھن کي Font ئي اکرن جي صورت ڏئي اسان کي اسڪرين تي ڏيکاريندو آهي. اها بيحد خوشيءَ جي ڳالھ آهي تہ سنڌي ٻولي Fonts جي معاملي ۾ آسودي آهي، هن وقت تائين 100 کان مٿي Standard Sindhi Fonts موجود آهن. جن ۾ عام، آرائشي، توڙي خطاطيءَ وارن نمونن جا Fonts شامل آهن ۽ ان کان بہ وڌيڪ اهم ڳالھ اها آهي تہ اهي هڙئي مفت ڊائون لوڊ لاءِ www.bhurgri.com توڙي مختلف websites تي موجود آهن.

2. يونيڪوڊ: دنيا جي تحريري نظام کي ڪمپيوٽر تي آڻڻ لاءِ يونيڪوڊ جو ادارو سال 2000ع ۾ وجود ۾ آيو. جيڪو ڪمپيوٽر تي دنيا جي ٻولين جي آسان استعمال لاءِ ڪوڊ پيج جوڙڻ جي ڪم سان جنبيل آهي ۽ لڳاتار دنيا جي وڏين ٻولين جي ڪوڊنگ جي پورائي کان ٿيندو ننڍين ٻولين لاءِ پڻ اهڙو ڪم جاري رکيو اچي. جنھن موجب اکرن، انگن ۽ علامتن جي شڪلين کي لاڳاپيل ٻولين جي ادارن جي سفارشن آڌار جدا جدا Code Points جاري ڪري رهيو آهي. هن وقت Unicode Standrad Version 6.2 تازو 26 سيپٽمبر 2012ع تي جاري ڪيو ويو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي لاءِ ڪم ايندڙ Standard Fonts پڻ يونيڪوڊ طرفان جاري ڪيل Code Points تحت جوڙيل آهن. جنھن صورت ۾ سنڌي الفابيٽ عربيءَ الفابيٽ جي اکرن کي ٿوري گھڻي ترميم توڙي ٽٻڪن جي واڌاري سان جوڙيل آهي، تنھنڪري سنڌي Fonts واسطي پڻ عربي اکر سڌا سنوان ساڳين Code Points سميت استعمال ۾ آڻي سنڌي ٻوليءَ جون مڪمل گھرجون پوريون ڪيون ويون آهن.

## ڪوڊ پوائنٽ چارٽ / معياري سنڌي Font جو بنيادي ڍانچو

| نمبر | سالم صورت | شروعاتي صورت | وچين صورت | آخري صورت |
|---|---|---|---|---|
| .1 | U+0627 _ ا | ساڳيو | ساڳيو | U+FE8E _ ـا |
| .2 | U+0628 _ ب | U+FE91 _ بـ | U+FE92 _ ـبـ | U+FE90 _ ـب |
| .3 | U+067B _ ٻ | U+FB54 _ ٻـ | U+FB55 _ ـٻـ | U+FB53 _ ـٻ |
| .4 | U+0680 _ ڀ | U+FB56 _ ڀـ | U+FB5D _ ـڀـ | U+FB5B _ ـڀ |
| .5 | U+062A _ ت | U+FE97 _ تـ | U+FE98 _ ـتـ | U+FE96 _ ـت |
| .6 | U+067F _ ٿ | U+FB64 _ ٿـ | U+FB65 _ ـٿـ | U+FB63 _ ـٿ |
| .7 | U+067D _ ٽ | U+FB68 _ ٽـ | U+FB69 _ ـٽـ | U+FB67 _ ـٽ |
| .8 | U+067A _ ٺ | U+FB60 _ ٺـ | U+FB61 _ ـٺـ | U+FB5F _ ـٺ |
| .9 | U+062B _ ث | U+FE9B _ ثـ | U+FE9C _ ـثـ | U+FE9A _ ـث |
| .10 | U+067E _ پ | U+ FB58 _ پـ | U+FB59 _ ـپـ | U+FB57 _ ـپ |
| .11 | U+062C _ ج | U+FE9F _ جـ | U+FEA0 _ ـجـ | U+FE9E _ ـج |
| .12 | U+0684 _ ڄ | U+FB74 _ ڄـ | U+FB75 _ ـڄـ | U+FB73 _ ـڄ |
| .13 | U+0683 _ ڃ | U+FB78 _ ڃـ | U+FB79 _ ـڃـ | U+FB77 _ ـڃ |
| .14 | U+0686 _ چ | U+FB7C _ چـ | U+FB7D _ ـچـ | U+FB7B _ ـچ |
| .15 | U+0687 _ ڇ | U+FB80 _ ڇـ | U+FB81 _ ـڇـ | U+FB7F _ ـڇ |
| .16 | U+062D _ ح | U+FEA3 _ حـ | U+FEA4 _ ـحـ | U+FEA2 _ ـح |
| .17 | U+062E _ خ | U+FEA7 _ خـ | U+FEA8 _ ـخـ | U+FEA6 _ ـخ |
| .18 | U+062F _ د | سالم | ناهي | U+FEAA _ ـد |
| .19 | U+068C _ ڌ | سالم | ناهي | U+FB85 _ ـڌ |
| .20 | U+068F _ ڏ | سالم | ناهي | U+FB87 _ ـڏ |
| .21 | U+068A _ ڊ | سالم | ناهي | U+FB89 _ ـڊ |
| .22 | U+068D _ ڍ | سالم | ناهي | U+FB83 _ ـڍ |
| .23 | U+0630 _ ذ | سالم | ناهي | U+FEAC _ ـذ |
| .24 | U+0631 _ ر | سالم | ناهي | U+FEAE _ ـر |
| .25 | U+0699 _ ڙ | سالم | ناهي | U+FB8D _ ـڙ |
| .26 | U+0632 _ ز | سالم | ناهي | U+FEB0 _ ـز |
| .27 | U+0633 _ س | U+FEB3 _ سـ | U+FEB4 _ ـسـ | U+FEB4 _ ـس |
| .28 | U+0634 _ ش | U+FE B7 _ شـ | U+FEB8 _ ـشـ | U+FEB8 _ ـش |
| .29 | U+0635 _ ص | U+FEBB _ صـ | U+FEBC _ ـصـ | U+FEBC _ ـص |
| .30 | U+0636 _ ض | U+FEBF _ ضـ | U+FEC0 _ ـضـ | U+FEC0 _ ـض |
| .31 | U+0637 _ ط | U+0637 _ طـ | U+FEC4 _ ـطـ | U+FEC2 _ ـط |
| .32 | U+0628 _ ظ | U+0638 _ ظـ | U+FEC8 _ ـظـ | U+FEC6 _ ـظ |
| .33 | U+0639 _ ع | U+FECB _ عـ | U+FECC _ ـعـ | U+FECA _ ـع |
| .34 | U+063A _ غ | U+ FECF _ غـ | U+FED0 _ ـغـ | U+FECE _ ـغ |
| .35 | U+0641 _ ف | U+FED3 _ فـ | U+FED4 _ ـفـ | U+FED2 _ ـف |
| .36 | U+06A6 _ ڦ | U+FB70 _ ڦـ | U+FB71 _ ـڦـ | U+FB6F _ ـڦ |
| .37 | U+0642 _ ق | U+FED7 _ قـ | U+FED8 _ ـقـ | U+FED6 _ ـق |
| .38 | U+06DC _ ڪ | U+FEDB _ ڪـ | U+FEDC _ ـڪـ | U+FEDA _ ـڪ |
| .39 | U+06A9 _ ک | U+FB90 _ کـ | U+FB91 _ ـکـ | U+FB8F _ ـک |
| .40 | U+06AF_ گ | U+FB94 _ گـ | U+FB95 _ ـگـ | U+FB93 _ ـگ |
| .41 | U+06B3 _ ڳ | U+FB98 _ ڳـ | U+FB99 _ ـڳـ | U+FB97 _ ـڳ |
| .42 | U+06B1 _ ڱ | U+FB9C _ ڱـ | U+FB9D _ ـڱـ | U+FB9B _ ـڱ |
| .43 | U+0644 _ ل | U+FEDF _ لـ | U+FEE0 _ ـلـ | U+FEDE _ ـل |
| .44 | U+0645 _ م | U+FEE3 _ مـ | U+FEE4 _ ـمـ | U+FEE2 _ ـم |
| .45 | U+0646 _ ن | U+FEE7 _ نـ | U+FEE8 _ ـنـ | U+FEE6 _ ـن |
| .46 | U+06BB _ ڻ | U+FBA2 _ ڻـ | U+FBA3 _ ـڻـ | U+FBA1 _ ـڻ |
| .47 | U+0648 _ و | سالم | ناهي | U+FEEE _ ـو |
| .48 | U+0647 _ ه | U+FBA8 _ هـ | U+FBA9 _ ـهـ | U+0627 _ ـہ |
| .49 | U+06BE _ ھ | U+FBAC _ ھـ | U+FBAD _ ـھـ | U+FBAB _ ـھ |
| .50 | U+06C1 _ ہ | U+FBA8 _ هـ | U+FDA9 _ ـهـ | U+FBA7 _ ـہ |
| .51 | U+0621 _ ء | U+FE8B _ ئـ | U+FE8C _ ـئـ | U+FE8A _ ـئ |
| .52 | U+064A _ ي | U+FEF3 _ يـ | U+FEF4 _ ـيـ | U+FEF0 _ ـي |

3. <u>لگيچرز Ligatures</u>: Fonts ۾ Ligatures لفظن جي مقرر شڪلين ڪي ساڳي حالت ۾ ڏيکارڻ توڙي اعرابي چُڪن کان بچڻ واسطي استعمال ٿيندڙ طريقو آهي، جنهن موجب Font Table جوڙڻ وقت مذڪوره لفظ يا لفظن جي سڀني اکرن بشمول وٿيءَ (Space) جا سلسليوار ڪوڊ لکي ڪين Font ۾ موجود ڪيل Ligature سان جوڙيو ويندو آهي، پوءِ جڏهن مذڪوره اکر يا ڪي بورڊ شارٽ ڪي دٻائبي آهي تہ Font مان گهربل لگيچر نمودار ٿيندو آهي سنڌي Fonts ۾ پڻ اهڙا Ligatures استعمال ٿيل آهن جيئن: ﷽، ﷲ، مُحَمَّد ﷺ وغيره.

ڪمپيوٽر تي لکجندڙ سڀني ٻولين جي ڪن خاص لفظن جي فني گهرجن جي پورائي لاءِ Ligatures کان ئي ڪم ورتو وڃي ٿو. بلڪل ائين ئي اسان جي سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطيءَ واسطي پڻ اهڙين Ligatures جي ضرورت آهي پر ان طرف ڪو خاص توجهہ ڏسڻ ۾ نہ آيو آهي، جنهنڪري اسان جي Fonts ۾ Ligatures نہ جي برابر نظر اچن. جڏهن تہ هي بيحد ڪارائتي شيءِ آهي جنهن ڪي استعمال سان بيحد پيچيده لفظن کي ساڳيءَ صورت ۾ ڏيکارڻ ممڪن ٿيندو آهي، انهي جي بدولت ئي آئون خطاطي نموني وارو Font سُوڪڙي جوڙڻ ۾ ڪامياب ٿيس. جنهن ۾ خطاطيءَ جي فني گهرجن جي پورائي لاءِ مون 163 Ligatures جوڙي استعمال ڪيا آهن جيڪي Font جون بنيادي ضرورتون پوريون ڪري رهيا آهن. البت سنڌي Fonts ۾ موجود Ligatures سان وابستہ ڪجهہ بنيادي مسئلا آهن جن جي نشاندهي ڪري سندن حل واسطي ڪجهہ تجويزون هيٺ ڏجن ٿيون:

i. ﷽: جنهن صورت ۾ اسان وٽ بسم الله جو استعمال تمام گهڻو ٿئي ٿو انڪري ان جي ٽائپنگ دؤران اعرابي چُڪن جو امڪان سدائين رهي ٿو جنهن جي حل واسطي Unicode طرفان ان جو Ligature ڪوڊ FDFD منظور ڪيل آهي، جيڪو هن وقت انهيءَ ڪوڊ سان فقط سنڌيءَ جي معياري فونٽ Mb Sookhri ۾ موجود آهي، جڏهن تہ ان کان اڳ فقط چند Fonts (لطيفي، خورشيد، شبير، پرين، سپرين، سنڌڙي، هالائي، احمد سومرو وغيره) ۾ بسم الله پراڻي ڪوڊ FDE1 سان موجود آهي. پر اهو ڪوڊ هاڻ Unicode Standard 6.2 جي Arabic Presentaion Forms-A ۾ منسوخ ڪري نئون ڪوڊ FDFD جاري ڪيو ويو آهي. انڪري جيڪڏهن ڪمپوزنگ ۾ پراڻي Code Point واري ﷽ استعمال ڪبي تہ ان کي فقط مقامي Font ۾ ڏسي سگهبو پر بين الاقوامي Fonts ۾ ان کي ڏسڻ ممڪن ئي نہ هوندو جو انهن ۾ اهو Code Point هوندو ئي ڪونہ. جنهن جو حل فقط اهو ٿو ٿئي تہ فوري طور Fonts ۾ موجود ﷽ جي Ligature واري پراڻي ڪوڊ پوائنٽ کي تبديل ڪري Fonts جي اپڊيٽ جاري ڪئي وڃي.

ii. <u>لفظ لُلهہ جي لکڻ جو مسئلو</u>: معياري سنڌي Fonts ۾ لفظ لُلهہ Ligature Code FDE2 طور لفظ الف کانسواءِ الله (ﷲ) جي لاءِ استعمال ڪيل آهي، تنهنڪري اهو لفظ سڌو سنئون لکي ئي نٿو سگهجي ڇو تہ سڌو سنئون لکڻ سان اهو Font ۾ موجود پنهنجي Ligature ﷲ ڏيکاري ٿو ڇاڪاڻ تہ عربي لفظ ﷲ بہ ساڳين اکرن تي ٻڌل آهي. گويا اسين سنڌي لفظ لُلهہ جيڪو لفظ چرئي جي انتهائي ڊگري جي اظهار طور ساٽس گڏي ڳالهائيندا توڙي لکندا آهيون (چريو لُلهہ) سو جڳاڙ کانسواءِ سڌو سنئون

نٿا لکي سگھون. توڙي جو لفظ لُلَهہ جو استعمال لکڻ دؤران تمام گھٽ ٿئي ٿو پر ٻوليءَ ۾ سندس اهميت کي محسوس ڪندي لکت جي نظام ۾ ان جو بندوبست رکڻ بيحد ضروري بلڪ لازم آهي. ڇاڪاڻ تہ لکڻ ۾ اسين ڪنهن کي پابند نٿا ڪري سگھون تہ هو پنهنجي لکت واسطي ڪهڙا لفظ استعمال ڪري يا وري ڪن فني مجبورين جي ڪري ڄڃاڙي طريقي سان مطلوبہ لفظ لکي. جڏهن تہ يونيڪوڊ جي تازي ورشن اچڻ سان اهو مسئلو خود بخود حل ٿي ويو آهي، ڇاڪاڻ تہ ان (Unicode Standrad Version 6.2) جي Arabic Presentation Forms-A تحت هاڻ اهو ڪوڊ منسوخ ڪري نيئن ڪوڊ FDF2 ۾ تبديل ڪيو ويو آهي جيڪو مڪمل لفظ الله جي لاءِ مخصوص ڪيو ويو آهي. تنهنڪري هاڻي اسانکي رڳو Font Tables ۾ ڪوڊ توڙي بنيادي جوڙجڪ ۾ گھربل تبديلون آڻي Fonts جو نئون Updated Version شايع ڪرڻ گھرجي تہ جئين مذڪوره مسئلو حل ٿي وڃي ۽ اهو لفظ ڄڃاڙ ڪانسواءِ ئي لکي سگھجي جيڪو بين الاقوامي معياري Fonts ۾ پڻ ساڳي حالت ۾ ڏسي سگھجي.

iii. <u>جھہ ۽ گھہ جو مسئلو:</u> معياري سنڌي Fonts ۾ جھہ ۽ گھہ لفظن جي صورتخطيءَ ۾ دو چشمي ھ "ھہ" استعمال ٿئي ٿي ۽ "ج" يا "گ" سان "ھ" جي گڏجڻ سان اهي اکر جڙن ٿا. Mb Sindhi 2010 Keyboard Layout ۾ انهن جي لاءِ جدا جدا Keys جھہ جي لاءِ Shift+J ۽ گھہ لاءِ Shift+G موجود آهن. "ھ" جي اهڙي وچ واري شڪل ھڪ بہ ڇڏي لڳ ڀڳ سڀني سنڌي Fonts ۾ موجود آهي. پر اهڙي مقرر شڪل نہ رکڻ جي ڪري وچ واري "ھ" دو چشمي "ھ (ھہ)" سدائين ساڳي ڪتب اچي ٿي يا وري جن Fonts ۾ اها دو چشمي ھ (ھہ) ڪانهي انهن ۾ ڪيل ڪمپوزنگ ۾ بہ لفظن جون شڪليون صورتخطيءَ جي لحاظ کان ساڳيون ٿيو وڃن. جڏهن تہ انهن جي پڙهڻي يا اچار الڳ آهن جيئن: گھر، گھرو، جھار، جھاز، گهُہ، گِهہ، جھڙ، جھڙو وغيره. اهڙن لفظن ۾ جھہ ۽ گھہ جي استعمال وارن لفظن ۾ "ھ" جي شڪل جدا ۽ "ج" ۽ "گ" وارن اکر جي "ھ" جدا شڪل جي رکي ان مسئلي کي حل ڪرڻ گھرجي جنهن سان صورتخطيءَ ۾ اهڙن لفظن ورچ کي واضح ڪري سگھجي ٿو.

ان ڪاڻ اسان جي ٻوليءَ جي ماهرن کي گھرجي تہ ان طرف ڌيان ڏئي يڪ راءِ ڪو فيصلو ڪري اهڙيون سفارشن جوڙين جن جي بنياد تي مقامي طور Fonts ۾ تبديلون ڪري مسئلو حل ڪرڻ گھرجي ۽ مطمئن ٿيڻ بعد Unicode سان لهہ وچڙ ۾ اچي گھرجن پٽاندڙ "گھہ" ۽ "جھہ" جو جدا جدا Ligature ڪوڊ منظور ڪرائڻ گھرجي يا وري ڪيل ويچار بعد طئہ ٿيندڙ حڪمت عملي تي ڪم ڪري مسئلي کي حل ڪري سگھجي ٿو. البت ٻوليءَ جي لکت سان وابستہ اهڙن ظاهري ننڍڙين پر بيحد اهم ڳالهين کي هرگز نظر انداز نہ ڪرڻ گھرجي.

iv. <u>سنڌي ٻوليءَ لاءِ بنيادي Ligatures:</u> هونءَ تہ سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪي خاص Ligatures گھربل ناهن ۽ ٻولي سولي سلوڻي نموني لکي پئي سگھجي، پر ان هوندي بہ ان کي وڌيڪ بهتر ۽ سهڻو بڻائڻ لاءِ گھرجي تہ ڪي Ligatures متعارف ڪرائجن. جيئن: "ڀلي ڪري آيا"، "سدائين گڏ" وغيره کي بيحد عمده لکت سان Fonts ۾ شامل ڪجي.

جيئن تہ اهڙن اصطلاحن جي ٻوليءَ ۾ اهميت تمام وڏي آهي تنهنڪري ضروري آهي تہ لکت ۾ پڻ انهن کي نمايان رکيو وڃي.

4. <u>Bearings يا Curser Point جو سٽاءُ:</u> ڪو بہ Font جوڙڻ وقت، جوڙيندڙن لاءِ سڀ کان اهم ۽ توجهہ طلب ڪم آهي، Bearings يا Curser Point جي سيٽنگ جنهن جو تعلق Font ۾ شامل هر هڪ ياتيءَ (انگ، اکر، علامت وغيره) جي اڳياڙي ۽ پڇاڙيءَ جي بيهڪ واري حد مقرر ڪرڻ آهي. معلوم هجي تہ Font ۾ Curser جي اهميت اکر جي شروعات کي نہ بلڪ سِٽ تي ان (اکر) جي ٻئي اکر سان جڙندڙ جاءِ کي آهي، پوءِ پلي اها اکر جي سالم صورت چو نہ هجي. ڇاڪاڻ تہ اڪثر سالم صورتون لفظ جي شروع وچ ۽ آخر ۾ استعمال ٿين ٿيون. پر گهڻن Fonts جي جائزي مان معلوم ٿئي ٿو تہ ان طرف ڪو خاص توجهہ نہ ڏنو ويو آهي. جنهن جي ڪري آ، و، ر، ز ۽ ڙ جي پڇاڙي ۽ ڪ، گ، ڳ، ڱ جي اڳياڙي کان ڪرسر گهٽو پري رکيل آهي. انڪري اهي اکر جڏهن پاڻ ۾ جڙي لفظ جوڙين ٿا تہ ان جي ڏيک ۾ Space (وٿي) محسوس ٿيندي آهي. پر جيڪر مٿين اکرن جي لکتي شروعات کي ڇڏي ڪري سندن سِٽ تي بيهڪ کي نظر ۾ رکي ڪرسر سيٽ ڪيو وڃي تہ هوند ٿوري پورهئي سان اها وٿي ختم ٿي ويندي ۽ لفظ پنهنجي خوبصورتي نہ وڃائيندو. مون پنهنجي Fonts ۾ ان جو خاص خيال رکيو آهي ۽ MB Khursheed ۾ پڻ اهڙي سٽاءَ جو ڏيک ملي ٿو جڏهن تہ ٻين Fonts ۾ البت اهڙي سيٽنگ جي اڃا ضرورت آهي.

مختلف لفظن جي Fonts ۾ پيٽ جن ۾ بيجا وٿي محسوس ٿئي ٿي

| MB | MB | MB | MB | MB |
|---|---|---|---|---|

| Sookhri | Halai | Khursheed | Lateefi | Bhitai Sattar |
|---|---|---|---|---|
| رک | رک | رک | رک | رک |
| وک | وک | وک | وک | وک |
| راڳ | راڳ | راڳ | راڳ | رڳ |
| جاڳ | جاڳ | جاڳ | جاڳ | جاڳ |
| آکيرو | آکيرو | آکيرو | آکيرو | آکيرو |

ڪرسر جو رواجي سِٽاءُ



ڪرسر جو گهربل سِٽاءُ



5. <u>اعرابون ۽ انهن جو فني سٽاءُ:</u> توڙي جو سنڌي جي لکت ۾ اعرابون تمام گهٽ ڪتب آنديون وڃن ٿيون بلڪ انتهائي اڻٽر حالتن ۾ اعرب لڳائي وڃي ٿي، پر تنهن هوندي بہ ٿُلهي ليکي ڪا بہ لکت اهڙي ڪانہ هوندي جنهن ۾ اعراب ڪتب نہ اچي، انڪري Font ۾ پڻ اعرابن جي اهميت کي نظر انداز نٿو ڪري سگهجي. جيتوڻيڪ سيئي اعرابون معياري سنڌي Fonts ۾ موجود آهن، پر انهن جي بيهڪ درست سٽاءَ

سان ڪيل ناهي جنهن ڪري اعرابون درست جاءِ تي نہ بلڪ آسپاس اچن ٿيون جنهن ڪري لکت ۾ سونهن بجاءِ بُسائپ پيدا ٿئي ٿي.

اهو ان ڪري جو Font جوڙيندڙ Font Table ۾ اعرابن جي سٽاءَ کي نظر انداز ڪن ٿا ۽ انهن کي Font Editor ۾ سيٽ ڪرڻ واسطي ڇڏي ڏين ٿا، يا وري Font مٿان Font جوڙيو وڃي ٿو يعني Font Table جوڙڻ بجاءِ ڪنهن بہ Font کي ڪٽي ڪنهن Font Editor ۾ ان جا بنيادي اکر ميساري ساڳين جاين تي نوان اکر رکي Font جو نالو تبديل ڪري جاري ڪيو ويندو آهي. جنهن صورت ۾ هر هڪ Font جي اکرن جو قد بت پنهنجي فني گهرجن مطابق هڪ ٻئي کان ننڍو وڏو ٿيندو آهي،تنهنڪري اعرابن جي گهرج بہ قد بت سارو ئي ٿيندي آهي. انڪري ائين ٿي نٿو سگهي تہ هرهڪ Font ۾ اعرابن جو سٽاءُ ساڳيو ڪم اچي، تنهنڪري ئي اعرابون پنهنجي اصل جاءِ تي ناهن ايندين چاهي ڪيتري بہ ڪوشش ڇو نہ ڪئي وڃي. تنهنڪري ضروري آهي تہ Font Table ۾ ئي اعرابن جي سٽاءَ کي حل ڪجي ۽ پوءِ ڪوبہ Font Editor استعمال ڪري Font کي حتمي شڪل ڏجي.

6. <u>سنڌي انگ:</u> جيئن تہ هاڻ سنڌي لکت لاءِ انگريزي انگن جو رواج عام ٿي ويو آهي ۽ سنڌي انگ ڪي ورلي لکت ۾ ڪتب آندا وڃن ٿا، پر انهن جي سڃاڻپ کي زنده رکڻ انتهائي ضروري آهي، ڇاڪاڻ تہ اسانجي پراڻن درسي توڙي ادبي ڪتابن ۾ اهي انگ استعمال ٿيل آهن. سنڌي Fonts ۾ لکت واسطي سنڌي انگ طور عربي جا انگ ئي موجود آهن، پر انهن جي استعمال لاءِ MB Sindhi 2010 جي Keyboard Layout ۾ ڪي خاص بٽڻ رکيل ناهن، انڪري اهي سڌو سنئون لکي نٿا سگهجن. البت Insert Symbols مان اهي استعمال ۾ آڻي سگهجن ٿا، پر ضروري آهي تہ ڪي بورڊ جي ايندڙ ورشن ۾ انگن کي بورڊ جي مٿين لائين ۾ رکيو وڃي ۽ نمبرن واري ڪي پيڊ تي انگريزي انگ هجن تہ جيئن بوقت ضرورت انهن کي سولائيءَ سان استعمال ۾ آڻي سگهجي. البت سنڌي لکت لاءِ سنڌي انگن جون شڪليون ترتيب وار يونيڪوڊ جي عربي انگن مان ۱،۲،۳، ۶،۷،۸،۹ جڏهن تہ ۴ ۽ ۵ وري يونيڪوڊ جي Extended ڪوڊ پوائنٽ مان استعمال ۾ آڻي اهڙي گهرج پوري ڪري سگهجي ٿي. جنهن کان پوءِ ترتيب وار سنڌي انگ درست شڪل سان نظر ايندا جيئن: ۱، ۲، ۳، ۴، ۵، ۶، ۷، ۸، ۹ جن کي ڪنهن بہ عددي ڪم لاءِ استعمال ڪرڻ ائين ممڪن هوندو جيئن انگريزيءَ جا انگ ڪم اچن ٿا.

7. <u>فونٽ امبيڊنگ Font Embadding جو سرسري جائزو:</u>

"مائڪرو سافٽ آفيس ۾ هي فيچر موجود آهي جيڪو فائل جي ڏي وٺ دوران Font جي مسئلي جو مڪمل حل آهي. ڇاڪاڻ تہ هن وسيلي فائل ۾ استعمال ٿيل Font جـــا سيٽـــي پاتي فائل سان گڏجي وڃن ٿا ۽ جڏهن اسين اهڙي Font Embadded فائل جي ڏي وٺ ڪريون ٿا تہ ان کي ڏسڻ لاءِ ٻئي سسٽم ۾ ساڳين Fonts جي ضرورت نٿي پوي، ڇاڪاڻ جو فائل ۾ Embadd ڪيل اکر فائل کي ساڳي حالت ۾ ڏيکارڻ توڙي ڇاپڻ جي صلاحيت رکندا آهن".

ڪمپيوٽر تي ڪو بہ مواد ڪنهن هڪ يا وڌيڪ Fonts کي استعمال

كندي كمپوز كيو ويندو آهي، فائل جي كمپوزنگ ۾ ستاءَ مكمل ٿيڻ تي اهو متاستا جي قابل ٿئي ٿو ۽ اهڙي ڏي وٽ كان پوءِ Font جي غير موجودگي جي كري اهو فائل ٻئي كمپيوٽر تي ساڳي حالت ۾ ڏسڻ ۾ نہ ايندو نہ رڳو اهو پر ساڳيو مواد پنهنجي ترتيب توڙي فني ستاءُ ئي وڃائي ويهندو ۽ خاص كري ڇپائيءَ ۾ تہ اهو رٿيل صفحن توڙي جاين تي ئي ناهي رهندو ۽ كي اكر خاص كري "ه" تہ اصل شكل ۾ ئي نظر كانہ ايندي آهي، جنهن جو حل Font Embadding وسيلي ممكن آهي. انهي طريقي سان نہ رڳو Office فائيل پر مكمل Website ۾ پڻ Font Embadding كري فونٽس جي مسئلي كي حل كري سگهجي ٿو. جنهن كي Internet Explorer ۽ ٻيا Browsers پڻ Support كن ٿا. انكري جيسيتائين سنڌي ٻوليءَ جون سيئي گهرجون يونيكوڊ تحت پوريون ٿين تيسيتائين اسانكي گهرجي تہ Font Embadding استعمال كريون جنهن جو طريقو هيٺيئن ريت آهي:

1. كمپوز ٿيل فائل Save يا Save As كريو
2. Tools جي بٽڻ تي كلك
3. Save Options تي كلك
4. Embad fonts in the file جي ريڊيو بٽڻ تي Check Mark
4. Save
5. Ok

## 8. اپياسي حوالا:


.01 www.bhurgri.com

.02 Unicode Standrad Version 6.2

.03 Arabic Presentation Forms-A

.04 Arabic Presentation Forms-B

.05 www.high-logic.comFont Creator Help &

.06 Microsoft Computer Dictionary

# سنڌي ٻوليءَ جي موجوده صورتحال

ڪنهن ٻوليءَ کي قومي ٻولي بنائڻ جي اهميت ۽ افاديت ان ڳالهه ۾ آهي تہ ان ٻوليءَ ۾ تعليم جا جوڳا انتظام ڪيا وڃن ۽ ان جي ترقيءَ جي لاءِ قومي سطح تي اُپاءَ وٺي سموريون سهوليتون مهيا ڪيون وڃن. انگريز سرڪار سنڌي ٻوليءَ کي سنڌ جي سرڪاري زبان بنائڻ جو فيصلو ڪيو تہ ان تي اهم قدم کنيا:

1ـ 1853ع ۾ سنڌي ٻوليءَ جي موجوده صورتخطي ٺهرائي وئي،

2ـ سنڌي ڪتابن جي لکڻ ۽ ڇپائڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو،

3ـ تعليم جو هڪ باقاعدي نظام لاڳو ڪري، سڄيءَ سنڌ ۾ اسڪول قائم ڪيا ويا.

ان ساڳئي سال ۾ ’باب نامو‘ (ٻاراڻو درسي ڪتاب)، پهريون، ٻيو ٽيون ۽ چوٿون درسي ڪتاب لکرائي ڇپايا ويا. 1871ع تائين سنڌي ٻوليءَ ۾ گرامر، ڊڪشنريون، لغت، انگلنڊ، هندستان، سنڌ ۽ دنيا جون تاريخون، جاگرافي، انگي حساب، ڏيهي حساب، الجبرا، جاميٽري، علم هيئت (Astronomy)، سرشتي اپياس، انڊين پينل ڪوڊ، يوناني طب، علم بدن ۽ علم صحت، علم منطق، معاشرتي علم، ڊرائنگ جا ڪتاب تيار ٿي ڇپجي ويا. سنڌ ۾ پرنٽنگ پريسن کلڻ کان پوءِ ڪتابن ۽ رسالن جي ڇپائيءَ جو ڪم ايتري تيزيءَ سان هلڻ لڳو جو ادب توڙي ٻين علمن جي مختلف شاخن جا هزارين ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۾ شايع ٿيندا رهيا. هفتيوار ۽ روزانہ اخبارون بہ نڪرڻ لڳيون. ٿوري عرصي اندر ايتري تڪڙي ترقيءَ سبب سنڌي ٻولي هندستان جي شاهوڪار ۽ ترقي يافتہ زبان ليکجڻ لڳي. پوءِ اوچتو ورهاڱي سنڌ کي زلزلي وانگر ڌوڏي ڇڏيو. سنڌي ٻوليءَ جي ترقي رڪجي وئي. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ اهي ڳالهيون بہ ٻُڌڻيون پيون تہ ”هاڻي سنڌي ٻوليءَ کي ڪفن ڏئي دفن ڪريو“. ورهاڱي سبب سنڌي ٻوليءَ کي اهڙو ڪاپاري ڌڪ لڳو جنهن جا نتيجا اڄ اسين ڏسي رهيا آهيون. سنڌي ٻولي سائنس جي ٻولي بنجڻ کان محروم رهجي وئي. سنڌي ٻوليءَ ۾ اعليٰ تعليم جو خواب اڌورو رهجي ويو. اها هاڻي رڳو شاعري، افسانوي ادب ۽ مقالن لکڻ تائين محدود ٿي رهجي وئي آهي. دنيا جي بهترين ادب جي ترجمي جو ڪم جيڪو ورهاڱي کان اڳ زور شور سان ٿي رهيو هو، سو بہ ذري گهٽ ختم ٿي ويو آهي.

ايڏي وڏي زلزلي کان پوءِ بہ سنڌ ۾ تعليم ڪجهہ سالن تائين پنهنجي معيار کي قائم رکندي آئي. سنڌ جا وڏا عالم اديب، تعليمي ماهر، وڪيل، مختلف کاتن جا ڪامورا، ڊاڪٽر ۽ انجنيئر ڳوٺن جي پرائمري ۽ ننڍن شهرن جي هاءِ اسڪولن مان بنيادي تعليم حاصل ڪري ٻاهر نڪتا. تڏهن سنڌ ۾ تعليم جو بنياد ايترو مضبوط هو، جو هنن کي ملڪ اندر توڙي ٻاهر اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ ۾ ڪا ڏکيائي پيش نہ آئي- ۽ هنن پنهنجي معياري تعليم سبب عملي زندگيءَ ۾ شاندار ڪارڪردگي ڏيکاريندي وڏو نالو ڪمايو. شروع واري زماني ۾ پاڪستان جي ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾ سنڌ جي تعليم گهڻو وڌيڪ بهتر هئي. هاڻي اهائي سنڌ تعليم ۾ ٻين صوبن کان پوئتي پيل آهي. اسان وٽ تعليم جو بنياد يعني اسان جا پرائمري اسڪول ڳوٺن ۾ ڀوتارن جا ڀانڊا ۽ اوطاقون بنجي ويا آهن، جيڪڏهن ڪٿي ڪليل بہ آهن تہ انهن ۾ پڙهائيءَ جو معيار ايترو ڪريل آهي، جو ٻارن کي سنڌي پوريءَ طرح پڙهڻ ۽ لکڻ ڪانہ ٿي اچي. پوءِ بہ هنن کي پاس ڪري مٿين ڪلاسن ۾ موڪلي، جاهلن جي هڪ فوج تيار ڪئي پئي وڃي. سفارشي ۽ نااهل ماستر گهڻو ڪري گهر ويٺي پگهار کنيو پيا ڏنڊا ڪندا وتن.

نہ رڳو ڳوٺن ۾، پر شهرن ۾ بہ قائم ٿيل سرڪاري پرائمري ۽ سيڪنڊري اسڪولن ۾ تعليمي زوال اچڻ سبب سرنديءَ وارا ماڻهو پنهنجن ٻارن کي انگلش ميڊيم جي خانگي اسڪولن ۾ پڙهائي رهيا آهن. هاڻي

صورتحال اها آهي تہ سرڪاري اسڪولن مان جڏهن ٻار پڙهي نڪرن ٿا، تہ انهن کي انگريزي تہ ٺهيو، سنڌي بہ پوري پڙهڻ لکڻ نٿي اچي. ٻئي طرف انگلش ميڊيم اسڪولن ۾ ٻارن کي سنڌي مرڳو پڙهائي ڪانہ ٿي وڃي. انهن ٻارن سان ٻي جٺ ھيءَ آهي تہ اهي جيڪا سنڌي ڳالهائين ٿا، سا انگريزي ۽ اردوءَ جي هڪ عجيب گڏيل ڪچڙي آهي.

ٻوليءَ جي ترقي ۽ واڌ ويجهہ جو بنياد تعليم تي آهي. تعليم کان سواءِ ڪابہ ٻولي فقط ڳالهائڻ يعني spoken language جي حد تي وڃي پهچندي. سنڌ ۾ تعليم جا جهڙا حال آهن تہ سنڌي ٻوليءَ سان بہ ايئن ٿيندي نظر اچي رهيو آهي. سنڌي ٻوليءَ کي جيڪڏهن ورهاڱي ٿيڻ کان سُتت پوءِ 'قومي ٻولي' بنايو وڃي ها تہ هن وقت صورتحال ٻي هجي ها. 64 سالن جي ايتري ساريءَ دير کان پوءِ جڏهن سنڌ ۾ تعليم جي ٻيڙي ٻڏي چڪي آهي، تڏهن ان کي 'قومي ٻولي' بنائڻ سان ڪهڙو فرق پوندو؟ سنڌي قومي ٻولي ٿئي اسان جون اکيون ٺڏيون، باقي اها ٻي ڳالهہ آهي تہ موجوده حالتن ۾ قومي ٻولي بنجڻ سان سنڌي ٻوليءَ کي پَرَ ڪونہ لڳي ويندا، جو اها اُڏامڻ لڳندي. مفاهمت ۽ مصلحتن جي ور چڙهيل هن دور ۾ سنڌ ۾ سنڌي ماڻهن کي سندن حق ملندا، سا اميد رکڻ اجائي آهي. سنڌي ادبي بورڊ جهڙو ادارو گذريل ڇهن مهينن کان چيئرمئن ۽ سيڪريٽري کان سواءِ هلي رهيو آهي. سنڌ يونيورسٽي ڏري گهٽ ٻن مهينن کان بند آهي. هاڻي تہ سنڌ جون ٻيون يونيورسٽيون بہ بند ٿي ويون آهن. سنڌ جي امڪاني ورهاڱي خلاف سنڌ اسيمبليءَ ۾ پيش ڪيل ٺهراءَ کي حيلن بهانن ۽ ڊرامن ڪرڻ وسيلي ختم ڪيو ويو آهي. اهو سڀ ڏسندي بہ جيڪڏهن اسين سمجهون تہ حڪومت سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻولي بنائيندي، تہ اها سان جي حد درجي جي سادگي آهي.

سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجي ڌرتي آهي، سنڌ جا ڳوٺ، وستيون ۽ واهڻ آهن، سنڌي ڳالهائيندڙ عوام آهي، ان ڪري اسان وٽ سنڌي ٻوليءَ جي وجود کي خطرو ڪونهي. پر خطرو ان ڳالهہ جو آهي تہ اها رڳو ڳالهائڻ جي حد تائين رهجي نہ وڃي. ان ڪري جيڪڏهن سنڌ ۾ تعليم جو نظام نہ سڌرندو، خاص طور سنڌي ٻوليءَ جو بنياد پرائمري اسڪول باقاعدي فعال ۽ بهتر نہ ٿيندا ۽ سڄي سنڌ ۾ قائم ٿيل انگلش ميڊيم اسڪولن ۾ سنڌي لازمي طور ۽ صحيح طريقي سان پڙهائي نہ ويندي، تہ قومي ٻوليءَ جي ليبل لڳڻ سان ڇا ٿيندو؟ حڪومت تہ پنهنجي اقتدار کي هر حالت ۾ بچائڻ جي ڪوشش ۾ پوري آهي، پر سنڌ جي سول سوسائٽي، سنڌ جون سياسي ۽ قوم پرست جماعتون توڙي ادبي تنظيمون سنڌ ۾ تعليم جي تباهيءَ کي ڏسندي وائسندي بہ لاتعلق ٻڌيل آهن. ان کان وڏيڪ بدنصيبي، بيحسي ۽ المئي واري ڳالهہ ٻي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي!

سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻولي بنائڻ جي اهميت ۽ افاديت تڏهن اجاگر ٿيندي، جڏهن سنڌ ۾ تعليمي نظام کي پٽڙيءَ تي آندو ويندو. سنڌ ۾ سنڌي ماڻهن جي ٻوليءَ جو مستقبل ۽ خود سندن بقا فقط ان ڳالهہ ۾ آهي.

(اٿارتيءَ جي هڪ سيمينار ۾ پڙهيل)

# سنڌي لوڪ گيتن ۾ سماجڪ زندگي

لوڪ گيتَ ٻار ۽ زالُون رَچين ۽ ڳائين ٿا. اِنهن گيتن ۾ اُهي پنهنجي من جا اُمنگ، ارمان، خوشيون ۽ غم اوتين ٿا.

سماج عورت جي چوڌاري ئي ڦري ٿو، اُن ڪري لوڪ گيت سماج کان الڳ ڪري نہ ٿا سگهجن، بلڪ ائين چئجي تہ لوڪ گيتن ۾ ئي لوڪن جي سماجي جيون جو عڪس ملي ٿو.

سنڌيءَ ۾ ٻارن جا گيت آهن ۽ سنڌن راندين ۾ راندين وارا گيت آهن. تمام ننڍڙا ٻار ڳائين ٿا:

پئسو لڌم پٽ تان،
پئسي ورتم گاهہ:
گاهہ ڏنم ڳانءِ کي،
ڳانءِ ڏنو کير،
کير ڏنم اَمان کي،
اَمان ڏنو لولو،
لولو ڏنم ڪانوَ کي،
ڪانوَ ڏنو کنڀُ،
کنڀُ ڏنم راجا کي،
راجا ڏنو گهوڙو....

هن گيت مان خبر پوي ٿي تہ پُراڻي زماني ۾ 'Barter System' هلندو هو، يعني چيزن جي خريد فروخت پئسي سان ڪين هلندي هئي، مگر هڪ شيءِ ڏئي ٻي ورتي ويندي هئي. ان ڪري ٻارن کي پڻ خبر هئي تہ هڪ شيءِ ڏيڻ سان ٻي شيءِ ملندي. ٻيو تہ سماجي ڍانچو ان ريت جُڙيل هو، جو عام ماڻهن جي پهچ راجا تائين هئي، هڪ ٻار پڻ سمجهي ٿو تہ مان راجا وٽ پهچي سگهندس ۽ کيس سندس دل پسند شيءِ ڏئي ڪانئس پنهنجي دل پسند چيز گهُري سگهندس.

ننڍڙيون ٻارڙيون گول گول ڦري ڳائينديون هيون:

ڳُل ڦيري......
ٻاٻيءَ پُٽُ ميٺَ ۾!
ڄائو آهي ڄيٺ ۾،
مڱيو آهي مانگهہ ۾،
پرڻيو آهي پوهہ ۾!

چوڪرين کي ننڍي هوُندي ئي ٻُڌايو ويندو هو تہ، گڏيل ڪُٽنب ۾ رهبو يعني تن ڏينهن ۾ گهر ۾ پرڻيل ٻائر رهندا هئا. ٻار کي معلوم هوندو هو تہ ٻار ماءُ جي پيٽ ۾ هوندو آهي. شاديون گرميءَ ۾ ڪين ٿينديون هيون، مگر سياري ۾ پوهہ جي مهيني ۾ ٿينديون هيون.

ان طرح ٻارن جي گيتن ۾ سماجي زندگيءَ جون ڪئين جهلڪون سمايون پيون هونديون آهن، پر ٻارن جي گيتن جي ڀيٽ ۾ زالن واتان ڳايل گيتن مان زندگي وڌيڪ جهلڪ پسائي ٿي. مثلاً: شاديءَ وقت ڳاتل لاڏن ۾ سنڌ جي ماڻهن جي ڪم ۽ ڌنڌي جي ڄاڻ پوي ٿي. زال چوي ٿي تہ:

سکر مان سونارو گهُرائيندس،
لاڙڪاڻي مان پاٿولي،
شڪارپور مان حلوائي،

شاديءَ ۾ خيرپور مان ڪٽ ايندي،

۽ هوشيارپور جا هنڊَ ايندا،

ملتان کان مُنديون گهرائيندس!

هيٺيون گيت:

**گهوٽ ماءُ جي پڙي ۾ پوپري تي نچي!**

هن گيت ۾ ٻارهن ٻڪرارن، تيرهن تپيدارن، چوڏهن چوڪيدارن، پندرهن پوليسوارن، سورهن صوبيدارن، سترهن سردارن، ارڙهن اوٺارن، جو ذڪر ڪري نه رڳو ماڻهن جي جدا جدا ڪمن ۽ ڌنڌن جي ڄاڻ ڏني وڃي ٿي، مگر هڪ خاص شهر ۾ هڪ خاص ڪم ۾ اُتي جا ماڻهو مهارت رکن ٿا، اهو پڻ ٻُڌايو سمجهايو وڃي ٿو.

سنڌي شاديءَ وقت چرچو مسخري ڪن ٿا، ان ڳالهه جي پڻ لوڪ گيتن مان خبر پوي ٿي.

گهوٽ ماءُ، گهوٽ پيءُ، يا گهوٽ جي ياجائيءَ کي چيڙايو وڃي ٿو:

سَهرا ڙي سهرا!

تنهنجي مُڇ ۾ ماڪوڙا،

تنهنجي ڪنن ۾ ڪوڙ ڀئڙا!

سس ڙي سس،

تون ته ديڳڙي جي رس،

تون ته ٻاتيءَ جي ڪس،

تون ته ڪاري جهڙي مس!

ڏير ڙي ڏير،

تون ته ڪانين جا ڍير،

تون ته مکين جا ميڙ،

تون ته نانگ جا پيرَ!

ڏيرياڻي ڙي ڏيرياڻي،

تون ته قوم جي ويرياڻي،

توکي ڏيءَ ڄمندي ڪاٺي،

سا پي ڪين کي اگهاڻي!

ان طرح چوڪري وارن وٽان اَهنر ايندو ته اُن کي به چيڙائڻ جو رواج آهي:

هن اَهنر کي ٽوپي به ڪينهي،

مٿو ڪُتيندو ٿو وتي وتي،

هن اهنر کي نوٽ به ڪينهن،

ٺڪريون ميڙيندو ٿو وتي وتي!

اڙي هن اهنر کي ڪوٽ به ڪينهي،

اَڳڙيون ميڙيندو ٿو وتي وتي!

هن اَهنر کي بوُٽ به ڪينهي،

پير ساڙيندو ٿو وتي وتي!

هاڻوڪي زماني ۾ چوڪريءَ جي ساهُرن سان اهڙي قسم جا چرچا نه ٿا ڪري سگهجن. ان مان ثابت ٿو ٿئي ته اسان جي ڀيٽ ۾ اڳيان ماڻهو گهڻو تندرست من رکندا هئا. چوڪريءَ جي ساهرن کي چيڙايو ويندو هو ته هوُ شاديءَ کي ڪل چرچي جو موقعو ڄاڻي دل ۾ نه ڪندا هُئا، بلڪ اهڙي مذاق جي آجيان ڪندا هئا.

شاديءَ جهڙي لوڪ گيتن ۾ ڇوڪريءَ جي مٽين جو ذڪر اچي ٿو:

ڪنگٽيون گهڙائي تُون آڻي ڏي،
ملتان ڪان منديون گهرائي تون آڻي ڏي!

يا

بينسر جوڙائج نهري،
ٻانهين آڻج عاج جي!

يا

والا جوڙائج سونا،
نت گهڙائج نهري!

يا

چوُڙا گهڙائي لاڏل پاڻ آيو،

يا

اسان جي لاڏيءَ کي ڏُهري سُهندي،
قلين جوڙ ٻڻايو.....!

اهڙن زيورن پائڻ جو رواج هو، جو جهڙوڪ: ڪڙيون، جهُومڪ، پازيب، ٻانهن پٽو وغيره. ان جو مطلب ته اُن زماني جو هرهڪ مٽيو لوڪ گيتن مان ظاهر ٿيندو هو.

ڇوڪري شاديءَ بعد مڙس تي رعب جمائي ڪيس مائٽن ڪان جُدا هئڻ تي زور پريندي آهي.اِهو سماجي پهلو پڻ لوڪ گيتن مان ظاهر ٿئي ٿو:

لاڏا لاڏي گهر آڻي. متان ماءُ کي پُلائين،
ڏسي سالا ساليون، متان پاءُ پينر پلائين!
لاڏي لُڏي ڪندءِ ماڻا.....!

شاديءَ بعد ڇوڪري سس سهري ڪان موڪل وٺي پيڪين ويندي آهي:

وَجان پنهنجي وِير سان، ڪنڌ ڪاوان ڪير سان!

يعني ڇوڪريءَ جو ڀاءُ ڪيس پيڪين گهران وٺڻ ٿو اَچي.

ڇوڪري موڪلائي ٿي ته ساهرا ڪيس آسيس ڪن ٿا:

وَج ڙي وَج،
تنهنجي پُنيان جيترا وڻ،
اوترا پُٽڙا ڄڻيندي وڃُ!

ڪن خاص موقعن تي ماسيون، ماميون ۽ نانيون پڻ ياد ڪيون وينديون هيون، جيئن اوراڻن مان ظاهر ٿئي ٿو. ڇنڊو وجهي ٻالڪ جي ناناڻن گهرن ۾ منا لولا موڪلبا آهن ۽ ”نانيون ماميون سدا نوان وڳا پهريندون“ يعني اُنهن کي ڪپڙي جا وڳا پڻ ڏنا ويندا هئا.

لوڪ گيتن مان سنڌين جي راندين جي ڄاڻ به پوي ٿي. اُهي ماضيءَ ۾ چوُپڙ راند شوق سان ڪندا هئا، ۽ ڇوڪريون ۽ زالون ٽيڙي راند رمنديون هُيون.

مان سهيلين سان ڪلي
ٽيڙو ڪيئن رَمان؟
جڏهين پريتم تون هُجين پرديس ۾،
چوپڙ راند ڪيئن رمان؟

راند ۾ سونين سارين ۽ رُوپن ڊارن جو ذڪر ٿيل آهي. سنڌي واپار ڪندا هئا، ان ڪري آسودا هئا. ان طرح لوڪ گيتن مان سنڌين جي آسودگي ليئا پائي ٿي:

راند رمڻ وقت:

سونيون ساريون، روپا ڏارا،
منهنجي تڏي آٽجانۡ،
تنهنکي سون ۾ مڙهائجانءِ!

کير، مينهُن، ڏڌ ۽ مکڻ جو تہ ذکر اچي ٿو، پر سون ۽ هيرن جو پڻ. ٻار کي ماتا جو چندو وجهڻ وقت هارين جي ڏڳن لاءِ ٿي چوي:

هاري بہ آسودا،
سونيون پنجاريون تن کي ڳچيءَ ۾،
موتئي ٻجڙا چٽين!

ويڙهو رفيق

## گذريل 50 سالن ۾ گجرات ۾ سنڌي لوڪ ادب جو جائزو:

موضوع جي تهہ ۾ وڃڻ کان اڳ ڏسون تہ لوڪ ادب جي کهڙي وصف آهي. لوڪ جي معنيٰ آهي عام ماڻهو. شري واديو شرڻ اگروال جي لفظن ۾ لوڪ گويا اسان جي زندگيءَ جو مهاساگر آهي. لوڪ ادب ۾ اسان جي زندگيءَ جو حال، ماضي ۽ مستقبل ٽيئي زمان سمايل آهن. لوڪ ادب جي معنيٰ عام جو ادب. جنم کان وٺي موت تائين لوڪ ادب ڪنهن نہ ڪنهن نموني اسان جي جيون سان واسطو رکي ٿو. مثال: جنم، ڇٽي، مُنڊڻ، جٽيو، مڱڻو، شادي انتم سنسڪار، انهن موقعن سان واسطو رکندڙ ريتون رسمون ۽ گيت وغيره لوڪ ۾ سمايل آهن. ڪنهن بہ جاتيءَ يا قوم جي سنسڪرتيءَ جو لوڪ ادب آئينو آهي، تنهن کان سواءِ انساني اُمنگن ۽ جذبن جو اظهار لوڪ گيتن جهڙوڪ، لاڏن، اوراٽن، لولين، ڀڳتن وغيره ذريعي ٿئي ٿو.

لوڪ ادب صرف لکيل نہ هوندو آهي، پر اهو هڪ پيڙهيءَ کان ٻي پيڙهيءَ تائين ڪٿائن ۽ گيتن ذريعي ڦهلجندو آهي. لوڪ ادب، زمان مڪان جي ٻنڌڻن کان گهڻو گهڻو پري آهي. لوڪ ادب لازوال آهي، اُهو پاڻيءَ جي وهڪري يعني ڌارا وانگر آهي، ڪنهن بہ قوم جي ريتن رسمن، اُٿڻي، ويهڻي، هلت چلت، رنج راحت، عقل ۽ چترائيءَ جو آئينو لوڪ ادب ۾ آهي. لوڪ ساهتيہ ۾ ڪنهن بہ ملڪ جي زمين جي مٽيءَ جي مهڪ سمايل هوندي آهي.

سنڌي لوڪ ادب ڪهاڻين، قصن، ڏند ڪٿائن، لوڪ گيتن، پرولين، پهاڪن، چوڻين، ٻال گيتن ۽ ڀڳت وغيره ۾ سمايل آهي. سنڌي لوڪ ادب کي سهيڙي قلمبند ڪري ڪتابي روپ ۾ ڇپڻ جو ڪم گهڻي

ڀاڱي سنڌ -پاڪستان ۾ ٿيو آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي نگرانيءَ هيٺ سنڌي لوڪ ساهتيه جا 40 ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ ڇپايا آهن.)

ڀارت ۾ سيني کان اڳ لوڪ ساهتيه ۾ گهڻي ۾ گهڻو ڪم ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتيءَ ڪيو آهي.

ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي "هو جمالو" ۽ "سنڌي لوڪ ڪلا" ڪتاب ڇپايو ۽ ان بعد "سنڌي لوڪ گيتن جو سماجڪ پس منظر" موضوع تي ٿيسز لکي Ph.D ڪئي.. هن هندواسي ۽ ٻين اخبارن ۾ ڪيترا ليک لکيا آهن ۽ لوڪ ساهتيه، لوڪ ڪهاڻين ۽ لوڪ گيتن تي گهڻي ۾ گهڻو ڪم ڪيو آهي. ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي 1960ع ۾ پهاڪا چوڻيون گڏ ڪرڻ جو ڪم ڪيو ۽ هندواسيءَ ۾ ڪيترا ليک ڇپايا. ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ ٻني (ڪڇ) ۾ وڃي اُتان جي لوڪ ساهتيه ۽ لوڪ جيون جو اڀياس ڪري پنج، ڇهه ڪتاب لکيا آهن. پرسي گدواڻيءَ کان پريرڻا حاصل ڪري ڄيٺو لالواڻي پڻ لوڪ ادب جي کوجنا ۾ ٽپي پيو. سنڌيءَ جي ڪيترن نامور ليکڪن جهڙوڪ: رام پنجواڻي، ليلا رام رچنداڻي، گنگا رام سمراٽ، ڪيرت ٻاٻاڻي، هري دلگير، منو تولارام گدواڻي، پروفيسر شيوارام نرسنگهاڻي، ڄڳديش لچاڻي، جيوت گوگيا، ليکراج هنس ۽ ٻين ڪافي ڪم ڪيو آهي.

ان کانسواءِ گجرات جي ڪيترن اديبن جهڙوڪ ليلارام رُچنداڻي، ستراමداس سائل، رامدس لڪاڻي، ڄيٺي لالواڻي، جينت ريلواڻي، هوندراج بلواڻي پڻ لوڪ ساهتيه جي الڳ الڳ صنفن تي قلم آزمائي ڪئي آهي.

سنڌي لوڪ ادب جي ترقيءَ ۾ گجرات جو وڏو ڪردار پئي رهيو آهي. گجرات سنڌي ساهتيه اڪاڊميءَ جو لوڪ ادب جي ترقيءَ ۾اهم رول پئي رهيو آهي. گجرات سنڌي ساهتيه اڪاڊميءَ طرفان سنڌي ڪڇي لوڪ ساهتيه تي ٻنيءَ ۾ سيمينار سڏايو ويو جتي سنڌي لوڪ گيتن، لوڪ ڪهاڻين، لوڪ چوڻين ۽ لوڪ ناٽڪن تي جدا جدا عالمن پيپر پڙهيا. گجرات سنڌي ساهتيه اڪادمي، چوٿين پنجين جولاءِ 1987 ۾ پرسي گدواڻيءَ جي رهنمائيءَ ۾ هڪ سيمينار سڏايو. ان کان سواءِ لوڪ ساهتيه ڪٺي ڪرڻ، ترتيب ۽ ڇپائيءَ جي ڪوشش عمل ۾ آندي ويئي. ان يوجنا (رٿا) هيٺ ڪيترا ڪتاب ڇپياويا، جهڙوڪ: پرسي گدواڻيءَ جو 1989 ۾ 'سنڌي ٻوليءَ جي زيارت'، 'ٻنيءَ جا ٻول'، 'جتن جا قول' (ليکڪ حاجي سليمان سنڌي) گجهارتون (ڊاڪٽر پرسو گدواڻي) ڳيچ (پرسو گدواڻي)، ٻنيءَ ۾ سوڍن جا گيت، سنڌي ڀڄن (ليکڪ سوڍا رام سنگهه ڀڳت). آديپور ڪڇ ۾ تازو سنڌالاجيءَ ۾ سنڌي لوڪ ساهتيه جو الڳ شعبو کوليو ويو جتي، لوڪ ادب جي ترقيءَ لاءِ ڪجهه اسڪيمون عمل ۾ آنديون ويون آهن. گجرات اڪاڊميءَ طرفان ڪڇ، سوراشٽر ۽ راجستان جو دورو پڻ ڪيو ويو ۽ ٽڙيل پکڙيل سنڌي لوڪ ادب کي گڏ ڪري ڄيٺي لالواڻيءَ جي ڪوشش سان سنڌي لوڪ ساهتيه صلاحڪار ڪاميٽي برپا ڪري، سنڌي لوڪ ادب ڇپائڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو. 1992 ۾ ڄيٺي لالواڻيءَ جو پهريون ڪتاب "ٻنيءَ جو سنڌي لوڪ ادب" ڇپيو. هن ڪتاب ۾ ادب ۾ ٿيل تحقيق تي سرسري نظر وجهڻ کان پوءِ ٻنيءَ جي پرولين، ڳجهارتن، ڏٺن ۽ ڏورن جي اڳڪٿين جي ڄاڻ ملي ٿي، ڄيٺي جي هن ڪتاب جي خاص خوبي آهي ته لوڪ ڪهاڻيون، اُهي آهن اوڏوءِ هوٿل پري ۽ سهجان پري. "سنڌي پروليون". هي ڪتاب 1995 ۾ ڄيٺي لالواڻيءَ ڇپايو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ پرولين جو وڏو ڀنڊار آهي، جيڪو هڪ پيڙهي کان ٻي پيڙهيءَ تائين صدين کان هلندو ٿو اچي، پر ڄيٺي لالواڻيءَ جو لکيل ڪتاب ڀارت ۾ سنڌي پرولين تي ڇپيل هي پهريون وڏو مجموعو آهي. ليکڪ، ڪڇ ۽ راجستان جو دورو ڪري اُتان جي روايتي پرولين کي به هن ڪتاب ۾ محفوظ ڪيو آهي.

”سنڌي لوڪ ناٽڪ“: جنوري 1996ع ۾ ڄيٺي لالواڻيءَ هيءُ ڪتاب ڇپائي لوڪ ناٽڪ، سانگ، ڪٺ پتلين جي کيل ۽ ڀڳت تي تفصيلوار ڇنڊڇاڻ ڪئي آهي.

”سنڌي فوڪ لور“، 1998ع ۾ شايع ٿيل ڪتاب ۾ ڄيٺي لالواڻيءَ الڳ الڳ موضوعن جو اونهو اڀياس ڪري هڪ دستاويزي ڪتاب پيش ڪيو آهي. ليکڪ سنڌي لوڪ ادب جي اڀياس ۽ تحقيق لاءِ گجرات، ڪڇ ۽ سوراشٽر جو دورو ڪري ڪافي ذخيرو هٿ ڪيو آهي. ٻارهن بابن ۾ ڦهليل هيءُ ڪتاب ڄيٺي جي اڪٿ محنت، اورچائي ۽ اڀياس جي ساک ڀري ٿو. ٻارهن موضوعن تي ليکڪ قلم آزمائي ڪئي آهي. لوڪ ادب جي الڳ الڳ صنفن، جهڙوڪ: لوڪ گيتن، لوڪ ڳوڙهين، لوڪ ڪهاڻين، لوڪ پهاڪن ۽ پرولين جو جائزو ورتو ويو آهي.

بقول هيري ٺڪر جي ”سنڌي فوڪ لور“ ڪتاب هڪ قابل احترام ڪاوش ۽ اهميت ڀريو دستاويز آهي، جنهن جو مُلهه فقط اُهي ئي ڪري سگهندا، جن جو لوڪ ادب جو اونهو اڀياس ڪيل هوندو.

”ٻنيءَ جا سنڌي لوڪ گيت“ هن موضوع تي ڄيٺي لالواڻيءَ ٿيسز لکي، ممبئي يونيورسٽيءَ مان، ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتيءَ جي رهنمائيءَ ۾ پي. ايڇ. ڊي حاصل ڪئي.

ڪتاب جي پس منظر ۾ ليکڪ لکي ٿو تہ ”لوڪ گيت انساني من جا سهج اُڏما آهن. انساني هردي ۾ ڀاونائون ۽ احساس لڳ ڀڳ ساڳيا آهن، ان ڪري لوڪ گيت سڄي دنيا جي وشال ڀاوَ (جذبن) جي ملڪيت آهن. لوڪ گيتن کي ديش، پرانت، جاتي، طبقي، ڀاشا وغيره جي ننڍن حصن ۾ ورهائڻ ٺيڪ نہ آهي.

ٻني ايراضيءَ ۾ رهندڙ سنڌي جاتين ۾جيڪي لوڪ گيت، لوڪ پسند آهن ۽ جدا جدا موقعن تي محفلن ۽ ڪچهرين ۾ ڳايا وڃن ٿا، اُهي گيت، ٻنيءَ جا سنڌي لوڪ گيت آهن.

ڪتاب ڪل ملائي ساڍن ٽن سئو صفحن ۽ ستن بابن جي ڦهلاوَ ۾ لکيل آهي، هر هڪ باب ۾ تفصيلوار ۽ ڇنڊڇاڻ ڪري گوناگون موضوعن تي قلم هلايو ويو آهي، ڪڇ جي جاگرافيءَ کان وٺي اُن جي تاريخي ۽ ثقافتي پهلوئن کي ليکڪ اُجاگر ڪيو آهي، سنڌي لوڪ ادب، لوڪ گيتن، ڏند ڪٿائن، اُٺان جي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، اُٿڻي وهڻي، ٻوليءَ وغيره بابت ليکڪ اونهائيءَ ۽ باريڪيءَ سان اڀياس ڪري پاٺڪن کي جائزو وٺايو آهي.

ڄيٺي جو هيءُ دستاويزي ڪتاب پڙهندي پڙهندي پاٺڪ عميق ۾ ٽٻيون هڻي رهيو آهي.

”سنڌي لوڪ رنگ“ (2009): ليکڪ ڄيٺي لالواڻيءَ هن ڪتاب ۾ سنڌي قوم جي ريتن، رسمن، ٺُڪن، ڏڻ وارن، ويسن وڳن بابت گهرائيءَ سان لکيو آهي، هن ڪتاب مان سنڌيت جو هُڳاءُ اچي ٿو. مان هتي سنڌي سماج جي تصوير جي هڪ جهلڪ، لوڪ وهنوار يعني ڪيڪار ۽ موڪلاڻيءَ جو نمونو پيش ڪريان ٿو:

”آڌرڀاءُ، مهمانوازي اسان سنڌين جو هڪ خاص گڻ آهي، اُٿڻي، ويهڻي، موڪلاڻي اسان جي ڪلچر جو هڪ اهم حصو آهي. سنڌي سڄڻ جڏهن پاڻ ۾ گڏجندا آهن تہ ڀاڪر ڀري هڪ ٻئي کي چوندا آهن: ”سائين! خوش، چاڪ، پرسن...“ اُن کان پوءِ ويهندا ۽ پوءِ حال احوال شروع ٿيندو، رام رام چئي چوندا.

”خوش آهيو؟“

”ديا آهي!“

”چاڪ پرسن ؟“

”ٻاجهہ آهي“

”راضي آنند؟“

”ڪرپا آهي“

"ٻار ٻچا، اوڙو پاڙو، ڍور ڍڳا، ديوان دڙا، ڪامورا ڪڙا؟"
سپ آنند.....

ڪيڏو نہ آنند، ڪيڏي نہ پنهنجائپ ۽ قرب آهي. سنڌين جي لوڪ رنگ ۾.

سنڌيءَ ۾ ٻال لوڪ ساهتيہ ۾ ايترو خاطر خواهہ ڪم نہ ٿيو آهي. گجراتي، مراٺي، هندي، بنگالي ۽ ٻين ٻولين ۾ ٻال لوڪ ساهتيہ تي گهڻو ئي ڪم ٿيو آهي.

گجرات ۾ هوندراج بلواڻي، ڪمل پياسي ۽ ٻين ٻال لوڪ - ساهتيہ تي وس آهر ڪم ڪيو آهي. هوندراج بلواڻيءَ ٻال لوڪ ساهتيہ جي ڏس ۾ ڪافي ڪوششون ڪيون آهن. "سنڌي ٻاراڻيون ٻوليون"، 'ٻارن جا لوڪ گيت' ۽ 'ٻارن جون لوڪ رانديون'. هن جا تي قابل ذڪر ڪتاب آهن. ان ڪانسواءِ بلواڻيءَ ٻال رسالن ۽ هندواسيءَ ۾ پڻ ڪيترا ليک لکيا آهن. 'ٻارن جا لوڪ گيت' نالي ڪتاب هوندراج بلواڻيءَ 1986ع ۾ ڇپايو هو. ڪتاب جي مهاڳ ۾ گنگا رام سمراٽ لکي ٿو تہ لوڪ ساهتيہ جنهن ۾ گيت، ڪٿا، نرتيہ شامل آهن، اُهي ڪنهن بہ پراچين جاتيءَ جي رهڻي ڪهڻيءَ جي ضمانت آهن ۽ اڪثر ان طرح لوڪ گيت يا لوڪ ڪٿائون پر سڌ آهن. ٻارن جا لوڪ گيت نئون نالو آهي، جيڪو هوندراج بلواڻيءَ گهڙي ورتو آهي. باقي ٻال لوڪ گيتن جو وجود ڪونهي. لوڪ ساهتيہ ۾ اُن جو ذڪر نہ آهي، تہ بہ هوندراج بلواڻيءَ هڪ الڳ صنف پيش ڪئي آهي. ان ڪري جو ٻال ساهتيہ سندس رُچيءَ (پسند) جي چيز آهي... ڪيئن بہ هيءَ هڪ نئين چيز آهي، سنو سنگره (مجموعو) آهي، سنو اضافو پڻ.

اهي ٻارن جا لوڪ گيت پڙهڻ بعد پنهنجي ٻال اوسٿا، پنهنجي ماضيءَ ڏانهن ليئو پائڻ سياويڪ آهي. ياد ٿا اچن اُهي ڏينهن، ڪيئن نہ پاڙي اوڙي جا ٻار ڇوڪرا ڇوڪريون شام جو يا رات جي پهرين پهر رسوئي ڪائڻ کان اڳ گڏجي رانديون ڪندي ڪندي اهي لوڪ گيت ڳائيندا هئاسين. هن مجموعي ۾ گڏ ڪيل ٻال لوڪ گيت ڪنهن بہ زمان مڪان ڏانهن ڪو بہ اشارو نہ ٿا ڪن. اهي سالن کان پرچلت (هلندڙ) آهن ۽ اسان جي ڳوٺاڻي ۽ ڪئمپن واري جيون جو عڪس پسائين ٿا ۽ ٻارن جي نردوش ۽ معصوم ڀاوناٺن جو اظهار ڪن ٿا.

1992 ۾ ٻارن جون 'لوڪ رانديون' نالي ڪتاب هوندراج بلواڻيءَ ڇپايو. بہ اکر لکندي ليکڪ چوي ٿو "سنڌي لوڪ رانديون ڏيري ڏيري ختم ٿي رهيون آهن. انهن کي محفوظ رکڻ جي سخت ضرورت آهي. ٻارن لاءِ راند ايترو ضروري آهي، جيترو کاڌو کائڻ ۽ ساهہ کڻڻ. راند ڪرڻ سان ٻارن جو شريرڪ (جسماني) ۽ مانسڪ (ذهني) وڪاس ٿئي ٿو. ٻارن ۾ سموهہ ڀاونا (موهہ جو جذبو) انتظام ۽ هڪ ٻئي لاءِ پيار جي ڀاونا ٿئي ٿي."

بلواڻيءَ هن ڪتاب ۾ راندين جي قسمن جو ذڪر ڪيو آهي هڪڙيون گهر ۽ پاڙي ۾، ٻيون گهر کان ٻاهر ميدانن ۾ ٽيندڙ رانديون، ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جون الڳ الڳ رانديون ۽ ننڍين ٻارن جون رانديون جهڙوڪ: ڪڪڙو ڪو لولي لاوان، مڇي ماني ڪير کائي ويو پيرڙو پنڊڙو ارچڪ مرچڪ وغيره. بلواڻيءَ ڪافي جاکوڙ ڪري ٻارن جون لوڪ رانديون گڏ ڪري هي مجموعو ڇپائي، اسان کي لوڪ جيون جو جائزو وٺايو آهي. 'ساڌو راجا ۽ راجا جي ٽوپي لوڪ ڪٿا'.

اڳ ۾ ذڪر ڪيو اٿم تہ گجرات جي سنڌي ساهتيہ اڪادميءَ سنڌي لوڪ ساهتيہ جي وڪاس، کوج ۽ ڇپائيءَ لاءِ ڪيتريون يوجنائون رکيون ۽ ڪڇ ۽ آديپور ۾ ڪيترا ادبي سيمينار رکيا ۽ ڪيترن اديبن کي مالي مدد ڪري ٻنيءَ جو لوڪ ادب سهيڙي ڇپائي پڌرو ڪيو. گجرات سنڌي اڪادمي گانڌي نگر، جيڪي قابل ذڪر ڪتاب ڇپايا آهن. انهن جو ذڪر هتي ڪريون ٿا.

ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ ائين ڪٽي چئجي تہ پنهنجي زندگيءَ جو ڳپل حصو سنڌي لوڪ ادب جي کوجنا ۽ سهيڙ ۾ صرف ڪري ڇڏيو. لوڪ

ادب جي کوجنا جي شوق ۾ پونو چڙهي، هن ڪڇ ۾ ٻنيءَ جا وڻ وسايا. اُتان جي لوڪن وچ ۾ رهندي، لوڪ جيون کي اپنائي، کوجنا ڪري ڪيترا ماڻڪ موتي گڏ ڪيا. ڪنهن ٺيڪ چيو آهي تہ پارت پاڪ اپکنڊ ۾ ڊاڪٽر پرسو گدواڻي شايد پهريون عالم آهي جنهن ڪڇ ۾ وسيل جتن، سوڍن، ميگهواڙن، سمن، سومرن جي وچ ۾ وڃي رهي ڪيترا ڪتاب ڇپايا آهن. انهن مان ڳيجهہ "ڳيچ" هن جو يادگار ڪتاب آهي، جيڪو مارچ 1990 ۾ گجرات سنڌي ساهتيہ اڪادميءَ ڇپائي پڌرو ڪيو. ڳيجهہ خوشيءَ جي اظهار جا گيت آهن. ڳيجهہ لفظ جو اشتقاق وڃي ٿو سنسڪرت جي لفظ گيت سان لڳي. گيت مان سنڌ جي ڏاتڪي اُپپاشا ۾ ٿي پيو ڳيت ۽ ڪن اُپپاشائن ۾ ڳيت مان ٿي پيو ڳيچ ۽ اُن ڳيچ مان جتن جي اُپپاشا ۾ ٿي پيو 'ڳيجهہ'. ڳيجهہ يا ڳيچ جي اصلي رچناڪار جي ڪا بہ ڄاڻ نہ آهي. نڪاح يا ڟهر جي موقعي تي مسلمان اڪثر هي گيت ڳائيندا آهن. مثال:

منهنجي ادل تان گهورون گهوريان،
اديون ادل تان گهورون گهوريان،

گهورون گهوريان، ماڻڪ ورهايان.
يا ميندي ادل جي ڪاڪن آندي،

ان ڪانسواءِ ٻنيءَ جي سازن تي پڻ گيت لکيل آهن ۽ ڪيترا لاڏا بہ ڳايا ويا آهن.

ليڪڪ هن مجموعي ۾ پنجاهہ ڳيچ گڏ ڪيا آهن جيڪي الڳ الڳ موضوعن تي لکيل آهن.

ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ ڪافي محنت مشقت ڪري ٻنيءَ جو لوڪ ادب، اڪادميءَ جي مدد سان ڇپايو. قابل ذڪر ڪتاب آهن. "ٻنيءَ جا ٻول، جتن جا قول"، "سنڌي ٻوليءَ جي زيارت" ۽ "ڳجهارتون."

ورهاڱي بعد سنڌي لوڪ پارت جي الڳ الڳ شهرن ۾ ٽڙي پکڙي ويا آهن. ٽڙيل پکڙيل هندن جي لوڪ گيتن کي گڏ ڪري، سهيڙي ڇپايو ڊاڪٽر نارائڻ پارتيءَ گجرات اڪادميءَ جي مالي مدد سان. "سنڌي لوڪ گيت" نالي هيءُ ڪتاب 1992ع ۾ ڇپجي ظاهر ٿيو آهي. ڊاڪٽر نارائڻ پارتيءَ ڪافي محنت ۽ جاکوڙ ڪري سٺتيهہ (37) لوڪ گيت هن مجموعي ۾ شامل ڪيا آهن. هو جمالو، مان سرتيون سڏايان، شرنائيءَ جا سُر، مينديءَ رتڙا هٿ، اُڏري هل ڪونج، سارنگ سار لهيج، آءُ ڪانگا ڪر ڳالهہ..." قابل ذڪر گيت آهن. هي لوڪ گيت اڄ بہ شاديءَ ۽ خوشيءَ جي موقعن تي ڳايا وڃن ٿا. سنڌي ڪلاڪارن پڻ هنن لوڪ گيتن کي ڳائي ڪافي مقبول ڪيو آهي.

ٻني (ڪڇ) ۾ جت، سوڍا، سما، سومرا، ٿيٻا وغيره جدا جدا جاتيون وسن ٿيون. سوڍن جي اُپپاشا سوڍڪي آهي، سوڍن جا گيت اڄ بہ ٻنيءَ ۾ سوڍڪي پاشا ۾ ڳايا وڃن ٿا. "سوڍن جا گيت"، پيرڏان سنگهہ، سهيڙيا آهن. ۽ ترتيب ڏني آهي. لالجي همٿوجي سوٿهڙ. ڇپايو آهي سنڌي ساهتيہ اڪادمي گانڌي نگر سال 1994ع ۾. هن مجموعي ۾ اسيءَ کان مٿي گيت شامل ڪيا ويا آهن. هي گيت سوڍن جي لوڪ جيون، پرمپرائن (روايتن) ۽ لوڪ مڃتائن جي ساک ڏين ٿا.

اهڙو ئي هڪ ٻيو ڪتاب آهي، "سوڍن جا سنڌي ڀڄن"، جيڪو سوڍي رامسنگهہ ڀڳت سال 1995 ۾ ڇپايو آهي.

گجرات ۾ سنڌي لوڪ ساهتيہ تي کوجنا جو ڪم ڪندڙن مان جس جو پاڳي برک ليکڪ ۽ محقق ليلارام رچنداڻي بہ هو. هن صاحب الڳ الڳ رسالن ۽ اخبارن ۾ لوڪ ادب سان واسطو رکندڙ ڪيترا ليک مضمون لکيا. "لوڪ ڪٿائون" نالي مجموعو 1992ع ۾ ظاهر ڪري ليلارام ڪافي شهرت حاصل ڪئي. هن 1992 ۾ "سنڌي لوڪ ڪهاڻي" ڪتاب ڇپايو. رچنداڻيءَ جنهن ڳالهہ ڏانهن سڀني جو ڌيان ڇڪايو، اُها هئي ڀڳت. هتي هند ۾ ڀڳت جي بڻ، بنياد بابت وڌ ۾ وڌ ڄاڻ ليلارام ڏني. ڀڳت جو پهريون ذڪر شاهہ لطيف جي زماني کان ملي ٿو. اُن وقت ڀڳت مدن، جيڪو شاهہ

لطيف جو دوست هو، جنهن جي پيءُ جو نالو ڏنجي تولاڻي هو. اهو ناميارو ڀڳت مڃيو ويجي ٿو. شاهه لطيف جو جنم 1687 ۾ ٿيو پر مدن جو جنم هن کان اڳ 1646 ۾ ٿيو. مدن صوفين ۽ سنتن ۾ ڦرندو هو. شاهه لطيف کي ڏاهپ جا گفتا ٻڌائيندو هو. پروفيسر کنعيالال تلريجا جي ڪتاب ”شداڻي پرڪاش“ ۾ ڀڳت تخت نالي جو ذڪر اچي ٿو. تخت لعل، بزار ۾ ڀڳت وجهندو هو. هن سنت تلسيداس نالي هڪ راڳيندڙ کان راڳ وديا پرائي تخت لعل کان پوءِ سندس پٽ تنسک رام هڪ سٺو گايڪ ۽ ڀڳت ثابت ٿيو. چيو ويجي ٿو ته تخت لعل جو لاڏاڻو پنجاب جي امرتسر شهر ۾ ٿيو، جتي هن سڄي رات ڀڳت وجهندي صبح جو ئي ڀڳت ڪندي پرلوڪ پڌاريو. ڪن ماڻهن هن کي هردوار ۾ پڻ ڀڳت ڪندي ڏٺو. چيو ويجي ٿو ته 18 صدي جي آخر ۾ ۽ 19 صدي جي شروعات ۾ سنڌ جا ڀڳت سنڌ کان ٻاهر به ڀڳت وجهڻ ويندا هئا. ديهه چڏڻ کان اڳ ڀڳت تنسک رام پنهنجي ڀڳت جو ورثو ڀڳت ڪوتارام کي ڏنو. 19 صديءَ جي شروع ۾ سنڌ ۾ هڪ ٻيو ناميارو ڀڳت پيدا ٿيو جنهن جو نالو هو ڪنوررام. هو چير پائي نچندو هو ته يڪتارو به وڄائيندو هو. ان کان پوءِ ڏيلو پاشو ڀڳت ۽ ڀڳت سترامداس جا نالا مشهور ٿيا. پر سنڌ ۾ جنهن ڀڳت پنهنجو نالو مشهور ڪيو ۽ هند سنڌ ۾ مشهور ٿيو اهو هو ڀڳت ڪنور رام. ليلارام پنهنجي ڪتاب ”سنڌي ڀڳت“ ۾ ڪن ڀڳتن جي جوڙين جو ذڪر ڪيو آهي: سي آهن ڏيلو پاشو، رامو گجو، ناري ٽيڪو، نريا سنگهه، گووند وڌو، ڪشن دوارو، سڳنو وشنو وغيره. انهن جوڙين کانسواءِ به ليلارام ٻين ڪيترن ڀڳتن جو ذڪر ڪيو آهي. هن پنهنجي ڪتاب ۾ سي ارجن، گرڌاري، مگن، سندر ميراثي کانسواءِ پاونگر جي ڀڳت پريتم جو به ذڪر ڪيو آهي. ليلارام جو سنڌي ڀڳت بابت ڪتاب لاشڪ هڪ انوکي پيٽ آهي.

ليلارام رچنداڻي ۽ جڳديش شهدادپوريءَ جي گڏيل ڪوشش سان 1997ع ۾ شروع ٿيو. ”سنڌي لوڪ ورثو“ نالي ٻماهي ڪتابي سلسلو: ”لوڪ ورثي“ ۾ لوڪ ادب، جهڙوڪ: لوڪ ڪهاڻين، لوڪ ناٽڪن، سانگ، تماشي، ڪنپتلين، لوڪ نرتيه، لوڪ گيتن، پرولين، ڳجهارتن وغيره سان واسطو رکندڙ ليک ۽ مضمون ڇپجندا هئا. جدا جدا ليکڪن جو مواد هوندو هو.

ڳيت ”متون جا“ نالي، ڪلاڌر متوا جو ڪتاب، گجرات سنڌي ساهتيه اڪادميءَ 1999ع ۾ ڇپايو. اڪادميءَ 1986ع کان ڄيٺي لالواڻيءَ جي نائب صدر پڻي ۽ ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ جي سرپرستيءَ ۽ رهنمائيءَ ۾ ڪڇ جو لوڪ ادب سهيڙي، ڪنو ڪري ڇپائڻ جو ڪم شروع ڪيو. ان سلسلي جي هڪ اهم ڪڙي ڪلاڌر متوا جو ”ڳيت“ (مترن جا) نالي ڪتاب آهي. شادين جي موقعن تي متون جون مايون گيت ڳائينديون آهن، اهي ڳيت متوا سماج جي عڪاسي ڪن ٿا. ڪلاڌر متوا جي هيءَ سٺي دين آهي.

ٻني (ڪڇ) ۾ پرسي گدواڻي ۽ ڄيٺي لالواڻيءَ وانگر جنهن ليکڪ اُتي وچي اُتان جي لوڪ ساهتيه کي سهيڙڻ، ڪٺي ڪرڻ ۽ ڇپائڻ ۾ وڏ ۾ وڏ نور نچويو آهي، اُهو ليکڪ ٻيو ڪو نه، پر جينت ريلواڻي هو. جينت سڄي زندگي لوڪ ادب جي کوج ۾ لڳائي ڇڏي. سنڌي، هندي ۽ گجراتي اخبارن، رسالن، جهڙوڪ: ’جنستا‘، ’ڪڇ مترا‘، ’لوڪ ستا‘، ’ساڌنا‘، ’ٻال سنديش‘، ’اجڪل‘ ۽ ’نوتن راشٽر‘ ۾ لوڪ ادب تي ليک ڇپايا. ”سنڌ ڪڇ ڪاٺياواڙ جا سپيتڪ ناتا“، نالي ڪتاب، جينت ريلواڻيءَ کي لوڪ ساهتيه جي کيتر ۾ لاثاني بڻائي ڇڏيو.

2008ع ۾ ڇپايل هي ڪتاب جينت ريلواڻيءَ جي سنڌ، ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ جي قديم تاريخ بابت نهايت اڻلڀ ۽ تحقيقي کوجنا تي آڌارت هڪ ناياب سوغات آهي، هن ڪتاب ۾ ذڪر ڪيل ڪيترا ليک وقت به وقت سنڌي، گجراتي ۽ هندي اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيا آهن ۽ ڪيترا آڪاشواڻي ۽ دور درشن تان پڻ نشر ٿيا آهن.

ليڪ هن ڪتاب ۾ ويدن واري زماني کان وٺي ويهين صديءَ تائين اتهاس جي جدا جدا دورن ۾ سنڌ، ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ راجستان جي پاڻ ۾ سيپيتڪ ناتن کي ترتيب وار ۽ سهڻي نموني پيش ڪيو آهي.

ليڪ پراچين (قديم) ۽ مڌيہ ڪال (وچئين دور) جي جدا جدا جاتين، قبيلن ۽ سنتن درويشن جو ذڪر ڪيو آهي، نہ صرف ايترو پر لوڪ ساهتيہ جي کيتر ۾ سنڌ ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ جي لاڳاپن جو پڻ تفصيلوار احوال ڏيئي ليڪ ڪتل ڪڙين کي جوڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

ڪتاب جي مهاڳ ۾ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي لکي ٿو "مون کي پورو وشواس آهي تہ جينت ريلواڻيءَ جي هن تحقيقي مقالي مان پريرڻا حاصل ڪري، ڪي سڄاڻ سنڌي پاٺڪ ان وشيہ تي وڌيڪ ۽ وڌيڪ کوجنا ڪندا."

ڊاڪٽر ڄينو لالواڻي لکي ٿو "جينت ادب جي ساگر ۾ ٻيهي، ٽٻيون هڻي بيشمار قيمتي موتي ڳولي، سنڌ جي اتهاس جي هڪ سندر مالها جوڙي آهي."

هن مقالي ۾ ذڪر ڪيل ليکڪن ڪانسواءِ وقت بہ وقت ٻين (گجرات جي) ليکڪن پڻ لوڪ ادب تي ڪوششون ڪيون آهن. انهن مان قابل ذڪر آهن: رامداس لکاڻي، سترامداس سائل، ڪمل پياسي، ڪشنچند خوبچنداڻي ۽ ٻيا.

مون وٽ آهر هن مقالي سان نباهڻ لاءِ ڪوشش ڪئي آهي ۽ ليکڪن جا لکيل ڪتاب ۽ ٻيو مواد هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ممڪن آهي ڪي ڪڙيون ڪٽل بہ هجن، مان ڪاميابيءَ لاءِ ڪا بہ هام ڀري نٿو سگهان.

شڪرگذار آهيان انهن دوستن جو، جن مون کي ڪتاب ۽ مواد ميسر ڪرڻ ۾مدد ڪئي ۽ بس..........

چڊ گرين ووڊ

# سنڌو تهذيب جو اقتصادي نظام

(Economics of the Indus Valley Civilization)

سنڌوماٿريءَ جي سڀيتا اٽڪل 2300 ق. م ۾ موجوده پاڪستان ۽ اتر اوڀر ڀارت جي هماليہ جبلن جي پاڙ ۾ سنڌو، راوي ۽ ستلج ندين جي ڪنارن سان لڳو لڳ ٻن تمام وڏين شهري ايراضين ۾ اڀري اسري. جيتوڻيڪ اهي ٻئي شهر ڪوٽاين ڪان پوءِ دنيا اڳيان اچي چڪا آهن، پر اجا بہ انهن ٻن شهرن: موهن جي دڙي ۽ هڙپا جي ثقافت جي باري ۾ ڪيترين ئي ڳالهيون اڻ ڄاتل آهن. سنڌو لوڪن پٿرن تي لکتون کوٽي ڪونہ لکيون ۽ نہ ئي پنهنجن مُردن سان گڏ پائپرس جا ويڙها قبرن ۾ پوريا؛ اسان کي صرف سندن لکڻ جي عمل جي باري ۾ اها خبر آهي تہ هنن مهرن تي اُڪريل لکتون ڇڏيون آهن، سنڌو مهرن تي لکيل لکتن کي پڙهڻ جون ڪيترين ڪوششون ٿي چڪيون آهن، پر اجا ڪابہ ڪوشش ڪامياب ڪانہ ٿي آهي؛ هڪ خيال اهو بہ پيش ٿي چڪو آهي تہ اهي مهرون واپاري معاملن ۾ اهم نشانن طور استعمال ٿينديون هيون ۽ انهن ۾ ڪن خانداني نالن جي نمائندگي بہ ٿي سگهي ٿي. اسان کي هن سڀيتا جي باري ۾ جيڪي ڪجهہ معلوم آهي، اهو ان علائقي جي آرڪيالاجيڪل کوٽاين مان معلوم ٿيو آهي. (بشم 1963: 14)

علم بشريات وارن کي بيشڪ خبر آهي تہ تاريخ ۾ ان قديم دور جي لحاظ کان اهي شهر تمام گهڻا ترقي يافتہ هئا ۽ انهن شهرن جي بناوت ايتري تہ اڳتي وڌيل ۽ سڌريل هئي، جو انهن کي اوڻيهين صديءَ جي آخر تائين بہ يورپ جو ڪو شهر پهچي ڪونہ سگهيو هو. (هائينز 1997: 68) سنڌو سڀيتا جي ترقي يافتہ عمارت سازيءَ جي فن پٺيان جيڪو جينيس ذهن هو

انهيءَ هن سپيتا کي ڪاميابيءَ سان هلندڙ زراعت ۽ واپار تي ٻيڻل معيشت ڏانهن نيو هو. سنڌوماتريءَ جي ماڻهن سندن چوڌاري پکڙيل ندين جي ٻي انداز پاڻيءَ کي پنهنجي فائدي ۾ استعمال ڪيو هو. انهن ٽن ندين مان سڀ کان شاندار ندي، سنڌو هئي.

هن سپيتا ۾ ماڻهن جو گذران ڇاتي هو؟ سنڌو تهذيب کان اڳوڻين مصري ۽ ميسوپوٽيميا ئي تهذيبن وانگر هتان جا ماڻهو بہ ڪيتي ٻاڙيءَ جو ڪم ڪندا هئا. سنڌوءَ جي ماڻهن آبپاشيءَ ۽ زرخيزيءَ واري زراعت جي نظام جي بنيادن تي خوشحالي ماڻي هئي، زمينن کي ٻوڏن سان آيل رئي (silt) اجا بہ زرخيز بنائيندي هئي (هاڪس 1973: 267) ڪڻڪ ۽ ڇهن ٻارين وارا جَوَن جا فصل اُپائبا هئا. ساڳيءَ طرح چانهينءَ جا ٻج ۽ تيل وارا فصل جهڙوڪ تر، سرنهن ۽ ڪجي، پوکبا هئا. (هن ماڙيءَ مان ڪجيءَ جون محفوظ ٽيل ڪکڙيون پڻ مليون آهن) پاڄين ۾ بظاهر ذريعو مٽرن جي پوک جو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. سڄي دنيا ۾ سڀ کان آڳاٽو ڪپهہ جي پوک جو ثبوت پڻ هن ماڙيءَ مان مليو آهي.

اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ سنڌوءَ جا ماڻهو مغربي ساحلي علائقي ۾ چانور بہ پوکيندا هجن. جيتوڻيڪ ان جي اجا پڪ ڪانہ ٿي آهي (انهيءَ ڳالهہ لاءِ اجا تائين ڪا شاهدي ڪانہ ملي آهي) هو ڪيترن ئي قسمن جا جانور پاليندا ۽ ڏاريندا هئا. جن ۾ مقامي جانورن جا قسم هئا. جهڙوڪ: ڪتو ٻلو ڍڳو zebu مينهن ۽ ننڍن سڱن وارو مال ممڪن آهي تہ مرون، اٺ، گهوڙا ۽ گڏهہ بہ هجن (پويان ٿيئي ٽرانسپورٽ لاءِ). ٿي سگهي ٿو تہ هنن هاٿيءَ کي بہ ڏاريو هجي، پر ان لاءِ بہ شاهدي واضح ڪانهي. ڪيترين ئي سنڌو مهرن تي هاٿيءَ جي تصوير آهي ۽ اُن مان ملندڙ عاج کي هنرن ۾ استعمال ڪيو ويندو هو. (ويلر، 1966: 64)

هر – هاري جيڪو بہ فصل پوکيندو هو ان جو وڏو حصو سرڪاري گودامن کي ڏيڻو هوندو هو. موهن جي دڙي واري ماڳ تي هڪڙو وڏو ٿلهو نهيل هو. جتان مال هڪ هيٺانهين جاءِ تي ٻيڻل گاڏين مان لاٿو ۽ چاڙهيو ويندو هو. جتي شايد هاري پنهنجو اَنُ اچي رکندا هوندا. اهو اندازو لڳايو ويو آهي تہ اهي گاڏيون ننڍيون هونديون هيون. جن ۾ ڍڳا جوٽيل هوندا. جنهن جهڙيون گاڏيون اڄ بہ ان علائقي ۾ استعمال هيٺ آهن. موهن جي دڙي جي ماڳ مان ننڍڙين ٻيل گاڏين جا نمونا کوٽاين مان لڌا ويا آهن ۽ لڳي ائين ٿو تہ اهي ٻيل گاڏيون 4000 سالن ۾ صفا ڪونہ بدليون آهن. اهي گاڏيون پوءِ هڪ مرڪزي گودام ۾ وڃي مال لاهينديون هيون. جتي شهر جا سمورا آبادگار پنهنجو اَنُ – ڪڻڪ ۽ جَوَ ڏيندا هئا. اهي اندازا بہ لڳايا ويا آهن تہ شايد اهو مرڪزيت وارو گودام، اسان جي اڄوڪي اسٽيٽ بينڪ جو معاشي متبادل هجي. اهو نظام هڙپا ۾ نظر نٿو اچي؛ اناج شهر ۾ ٻيڙين وسيلي ايندو هو. (هاڪس، 1973: 267)

اهو بہ ظاهر ٿئي ٿو تہ سنڌوماتريءَ جا ماڻهو پنهنجي وچ ۾ موجود جهنگلي جانورن جو شڪار بہ چڱي تعداد ۾ ڪندا هئا. اهو معلوم ڪرڻ ناممڪن آهي تہ اهي ماڻهو مڇي مارڻ جو ڌنڌو بہ ڪندا هئا يا نہ؟ البت اهڙيون شاهديون آهن تہ مڇي مڙيل، ڪنڊيدار ڪُنڍين سان ۽ ڄارين سان جهليندا هئا. ڪيترا مقامي جانور (هاٿي، چيتا، گينڊا (rhinoceros) مينهون، ڦاڙها ۽ واڳون (gharial) مهرن تي ايترا تہ موجود آهن، جو چئي سگهجي ٿو تہ اهي هنن لوڪن جي خوراڪ جو وڏو حصو هوندا. هاڪس جي چوڻ موجب اهو اندازو لڳائڻ مناسب ٿيندو تہ هنن جا راجڪمار چيتن بدران شينهن کي راندين ۾ استعمال ڪندا هئا.

هڪ مهر تي ’گلگامش‘ جهڙي شڪل ٻن وحشي چيتن جي وچ ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿي ۽ ٻيءَ مهر ۾ هڪ ماڻهو هڪ ڳنڊن واري پالي سان مينهن کي هڪلي رهيو آهي (1973: 268) اهو بہ چئي سگهجي ٿو تہ پاڄين، اناج ۽ ميون سان گڏوگڏ جانورن جو گوشت بہ سنڌو لوڪن جي خوراڪ جو حصو هو.

زراعت ۽ شڪار تي گذارو ڪرڻ کان سواءِ سنڌو لوڪ پنهنجي گذر معاش لاءِ واپار بہ ڪندا هئا. انهيءَ واپار ذريعي ئي سنڌو سڀيتا پنهنجي ثقافت ڦهلائي ۽ پري پري جي ملڪن سان باقاعدي لاڳاپا قائم ڪيا. ڏکھي ساحلي علائقي ۽ گهڻين ندين سبب سنڌو لوڪن کي مختلف ملڪن سان آمد رفت جو لاڳيتو سلسلو رکڻ جي سهولت هئي. قديم آثارن جي ماهرن جو چوڻ آهي تہ ڏکڻ هندستان مان سون، افغانستان مان ٽامو، ڏکڻ ڀارت مان (سائو يشم/ قيمتي پٿر) ۽ ايران مان فيروزا درآمد ڪيا ويندا هئا. ميسوپوٽيميا سان واپار جي بہ ثابتي ملي ٿي، ڇوتہ سنڌوءَ جا ڪنياركا ٿانو 'تل اسمر' نالي قديم شهر مان مليا آهن. (ويلر، 1966: 64)

سُمير مان خاص سنڌو مهرون بہ لڌيون آهن. ڏنو وڃي تہ 3200 کان 2000 ق م جي ميسوپوٽيميا مان سنڌو مهرن جو ملڻ ثابت ڪري ٿو تہ سنڌوماٽريءَ جا ماڻهو هن علائقي ۾ بہ وڃي رهيا هئا، جيڪي امڪاني طور وڻجارا يا واپاري هوندا، جيڪي ميسوپوٽيميا جي ماڻهن سان لاڳيتي واپاري تعلق ۾ هئا. (سنڌوءَ جي وڏي ۾ وڏي روانگي واپار واري وٽ ڪپهہ هئي ۽ اهوئي فصل آهي، جنهن هنن ٻن تهذيبن کي ويجهو آندو هو) جيئن اڳ ۾ چيوسين تہ انهن مهرن ۾ ضرور ماڻهن جا نالا لکيل هوندا. هنن مهرن جي گهڻن هنڌن تان ملڻ جي ڪري ايئن ٿو لڳي تہ انهن جي ٺهڻ (ٺپڻ ٺاهڻ) جو ڪم سنڌو رياست جو مجموعي ڪم هجي، پر واپار، خانگي واپارين جي هٿ ۾ هئڻ جو امڪان آهي، ۽ ڪنهن سرڪاري اٿارٽيءَ طرفان انهيءَ کي ڪونہ هلايو ويندو هو. (هاڪس، 1973: 270)

سنڌوءَ جي ساحلي علائقي (sea board) جي باري ۾ 'علم بشريات' جا ماهر سامونڊي واپار جي بہ ساراهہ ڪن ٿا. هاڪس موجب سنڌوءَ جا ماڻهو تمام طاقتور ۽ هڪ سڙهہ وارين مضبوط ٻيڙين (high powerd single masted boats) ذريعي سامان جي آمدو رفت ڪندا هئا. (هاڪس، 1973: 270) لوٿل وٽ کوٽيل ماڳ (سنڌوماٽريءَ جي هڪ ٻئي شهر) مان سام بندرگاهہ (harbour) وارو ڪم بہ ظاهر ٿئي ٿو. هڙپائي ماڻهو ٿي سگهي ٿو تہ اسان جي اصلوڪي سوچ کان بہ وڌيڪ جهازرانيءَ جي هنر (nautical skills) ۾ اڳيرا هجن. هڙپائي ثقافت جو جيتريقدر تعلق آهي تہ اهو اندازو لڳائڻ صحيح ٿيندو تہ سندن اثر ڏکڻ هندستان تائين بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. (برهم، 1963: 19)

سنڌوماٽريءَ جي تهذيب جي خاتمي وقت شهرن جو اوج ختم ٿيڻ لڳو ۽ مضبوط معيشت آهستي آهستي تباهہ ٿيڻ لڳي. اهو گهڻو ڪري لاڳيتين ٻوڏن جي ڪري ٿيو هوندو، جن هن سڀيتا کي ڏاهي پٽ ڪري ڇڏيو. ٻوڏن آبپاشيءَ جو نظام وهائي ڇڏيو، جيڪو ٻنين کي سيراب ڪندو هو ۽ ڪئي عمارتون بہ ڏهي پيون. ماڻهن مان بہ پنهنجن شهرن کي خوشحال ۽ منظم رکڻ جي خواهش ختم ٿي وئي. لاڳيتين ٻوڏن سندن هڪ ترقي يافتہ تهذيب جي فخرمند لوڪن وارو مانُ ٽوڙي وڌو. جيڪڏهن اهو صحيح آهي تہ آريا قوم انهيءَ ٽٽندڙ سماج تي ڪاهي آئي هئي تہ پوءِ ان ۾ ڪو اچرج ڪونهي تہ آرين کي سنڌو لوڪن کي اتان تڙي ڪڍڻ ۾ ڪا گهڻي مزاحمت ڏسڻي نہ پئي هوندي.

پر اها پڪ آهي تہ اهي لوڪ طاقتور، حوصلي مند ۽ ترقي يافتہ هئا، جيڪا ڳالهہ سندن مضبوط ارادي واري ڪامياب معيشت مان پڌري آهي. (ويلر، 1966: 9_76)

**سنڌوماٽريءَ جي سڀيتا ۾ سائنس ۽ رياضي:**

سنڌوسڀيتا جي رهاڪن، ڊيگهہ، حجم (Mass) ۽ وقت (زمان) کي ماپڻ ۾ تمام گهڻي مهارت حاصل ڪري ورتي هئي. هو دنيا جا پهريان ماڻهو هئا، جن تور ۽ ماپ جا يڪسان/ هڪجهڙا وٽ ايجاد ڪيا هئا. سندن ماپون هن خطي ۾ تمام گهڻيون درست ۽ غلطين کان پاڪ (precise and accurate) هيون، تنهن هوندي بہ مختلف قسم جي ماڳن تان مليل وٽن (weights) جي ڀيٽ ڪرڻ سان خبر پوي ٿي تہ سنڌوتهذيب جي مختلف علائقن ۾ انهن ۾ وڏي پيماني تي فرق بہ هو. سندن ننڍي ۾ ننڍي ونڊ/

ورهاست جيڪا لوٿل مان لڌل هڪ عاج جي ساهميءَ تي لڪيل ملي ٿي، سا اٽڪل 1.704 ملي ميٽر آهي. ڪنجهي جي دور جي ساهمين مان سڀ کان ننڍي ورهاست/ ونڊ ان ۾ آهي. هڙپا جا انجنيئر عملي طور هر قسم جي ماپ ۾ ڏهائيءَ واري ورهاست ڪندا هئا. جنهن ۾ حجم (Mass) جي ماپ به اچي وڃي ٿي، جيڪا سندن ڇهه ڪنڊن وٽن مان معلوم ٿي آهي.

اهي تورڻ ۽ ماپڻ جا وٽ 1: 2: 4 جي مڪمل تناسب (ratio) ۾ هئا، جن ۾ وزن 0.1، 0.2، 0.5، 1، 2، 5، 10، 20، 100، 200، ۽ 500 ايڪن (units) ۾ هئا. جنهن ۾ هڪ هڪ ايڪو (unit) اٽڪل 28 گرامن جي تور برابر هو جيڪو يوناني انشيا (Uncia) جي انگريزي شاهي آئونس (English imperial ounce) جهڙو هو. ۽ ننڍڙين شين کي تورڻ لاءِ ساڳئي تناسب (ratio) وارا 0.871 جا ايڪا (units) هوندا هئا. بهرحال، ٻين ثقافتن وانگر، اصلوڪا وزن هرهنڌ هڪجهڙا (uniform) ڪونه هئا. بعد واري دور ۾ ڪوٽليا جي ارٿشاستر (چوٿين صدي ق. م) ۾ استعمال ٿيندڙ وزن ۽ ماپ تور، ساڳيا لوٿل ۾ به استعمال ٿيندا هئا.

هڙپا ۾ منفرد ايجادن مان هڪ اهڙو اوزار مليو آهي، جنهن سان افق جا ڇڱا حصا ماپيا هئا ۽ ويرن جي وقت جي حساب (tidal clock) کي به ماپيندا هئا. وٽن ان سان گڏوگڏ ڌاتن جي (Metallurgy) لاءِ نيون ٽيڪنيڪس به هيون، جن سان ٽامو ڪنجهو، شيهو ۽ ٽِن حاصل ڪندا هئا. سندن انجنيئرنگ واري مهارت زبردست هئي، خاص ڪري لهرن، ويرن ۽ وهڪرن جي ڀرپاسي کان پوءِ ٺاهيل گودين (docks) ۾ ان جو استعمال ڪيو ويندو هو. بهرحال لوٿل ۾ اهڙي ڊِڪي/ گوديءَ (dock) جو ڪارج اڃا تائين اختلافي بڻيل آهي.

2001ع ۾ مهرڳڙهه مان مليل ٻن انساني ڏانچن جي ڀرپاسي مان آثار قديمه جي ماهرن اهو معلوم ڪيو ته سنڌو سڀيتا جا ماڻهو هڙپا جي بنهه ابتدائي دور ۾ به آڳاٽو ڏندن جو علاج (proto-dentistry) ڄاڻندا هئا. آخرڪار اپريل 2006ع ۾ ’ سائنٽفڪ جرنل آف نيچر‘ (Seientific Journal of Nature) ۾ اهو اعلان ڪيو ويو ته سڀ کان قديم ترين ۽ پهريون ابتدائي، نئين پٿر واري دور (Neolithic) ۾، زنده انسان جي ڏندن ۾ ڊرل ڪرڻ جي ثابتي، مهرڳڙهه جي قبرستان مان مليل انساني ڀڃرن جي ڏندن ۾ موجود اهڙين نشانين مان ملي ٿي، جنهن جو عرصو9000_7500 سال اڳ جو هو. انهيءَ رپورٽ جي لکندڙن لکيو آهي ته اها کوجنا ٻڌائي ٿي ته هن خطي ۾ آڳاٽن پوک وارن (farming) سماجن ۾ آڳاٽي ڏند سازيءَ يا پروٽو ڊينسٽريءَ جو رواج هو.

’بنا واليءَ‘ نالي ماڳ تان هڪ ڪسوٽيءَ جو پٿر مليو آهي، جنهن تي سون جون ليڪون آهن. جنهن کي شايد ’ڪسوٽيءَ‘ طور، سون جي نجپٽي جي جاچ لاءِ استعمال ڪيو ويندو هو جيڪا روايت اڄ به هندستان (هندو پاڪ ننڍي کنڊ) ۾ هلندڙ آهي.

(ترجمو: ڊاڪٽر فهميده حسين)

## حوالا:


1_ بشم (A. L Basham) ’دي ونڊر دئٽ واز انڊيا‘، هاٿورن بڪس، نيويارڪ، 1963.

2_ هاڪس جيڪيٽا (Hawkes, Jaaquetta) ’دي فرسٽ گريٽ سولائيزيشن‘، رئنڊم هائوس، نيويارڪ، 1973.

3_ هائينز ڪيرولن (Heinz Caroline) ’ايشيا، اي نيو انٽروڊڪشن‘، چوٿون ايڊيشن، اي ايس بي ڪي ايس ٽي، شڪاگو 1967.

4_ خان عمر، هڙپا www. Harappa.com تاريخ 1997_3_12.

5_ ويلر، سرماٽيمر (Wheeler, Sir Mortiner)، ’سولائيزيشن آف دي انڊس ويلي اينڊ بيانڊ‘، ميڪ گراهل، نيويارڪ، 1966.


**ورتل:** (14 جولاءِ 2008، www. Srilankanewsupdates)

انيتا چانڊواڻي

# سنڌوندي وري ڪڇ طرف واپس اَچي رهي آهي

سنڌ، پاڪستان جي وڏي ۾ وڏي ندي سنڌوندي، جنهن جي ڪناري تي سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب جي اوسر ٿي آهي، اُن 1819ع ۾ آيل هڪ ڀيانڪ زلزلي کان پوءِ پنهنجو رستو مٽائي ڇڏيو هو. پر ويجهڙائيءَ ۾ ISRO سان ٿن ڏهاڪن کان جڙيل سائنسدان ڊاڪٽر پي. ايس. ٺڪر پنهنجي اڀياس دوران چيو آهي تہ هيءَ ندي وري هڪ دفعو ڪڇ طرف موٽي اچي رهي آهي.

اَچو تہ سنڌونديءَ جي باري ۾ ڪجهہ ڄاڻ حاصل ڪريون:

سنڌوندي اُها ندي آهي، جنهن جي ڪناري تي قديم سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب جي ترقي ٿي آهي. اڄڪلهہ هيءَ ندي پاڪستان ۾ وهي ٿي. سنڌوندي پاڪستان جي مکيہ ندي آهي. هيءَ چين جي اولهہ طرف مانسروور ڍنڍ مان نڪري ٿي، جيڪا ٿبيٽ جي خود مختيار ايراضيءَ ۾ آهي. ٿبيٽ جي مانسرور جي ڀرسان ”سِن- ڪا- باب“ (شينهن جو مُنهن) نالي واري جل ڌارا کي سنڌونديءَ جي پيدائشي جڳهہ مڃيو ويندو آهي. هيءَ ندي ڀارت ۾ جمون ڪشمير جي ليهہ لداخ ضلعي مان ٿيندي، پاڪستان ۾ داخل ٿئي ٿي، ۽ آخر ۾ ٺٽي جي ڀرسان ڪيٽي بندر وٽ عربي سمنڊ ۾ وڃي ڪِري ٿي. هن نديءَ جي ڪُل ڊيگهہ 3180 ڪلوميٽر آهي ۽ هيءَ پاڪستان جي سڀ کان وڏي ندي آهي. هيءَ ندي ڪل هڪ ڪروڙ پنج لک، سورنهن هزار ڪلوميٽرن کان بہ وڏي ايراضيءَ کي پاڻي پهچائي آباد ڪندي آهي. هن جو ساليانو وهڪرو 208 ڪيوبڪ ڪلوميٽر آهي. هيءُ پاڪستان جي پنجاب ۽ سنڌ صوبن کي آبپاشيءَ لاءِ پاڻي فراهم ڪندي آهي. هيءَ دنيا جي وڏين ندين ۾ شمار ڪئي ويندي آهي.

گجرات يونيورسٽيءَ جي موسميات کاتي جي ڊاڪٽر واءِ.ٽي. جيسراج مطابق هن نديءَ جي ڪڇ طرف موٽ جا اهڃاڻ ڪافي عرصي کان جاري آهن، پر اِن جي صحيح ڄاڻ تڏهن آئي، جڏهن هيءُ پروفيسر احمدآباد ۾ ISRO جي ايڪائي ’اسپيس ايپليڪيشن سينٽر‘ جي ”گراس لئنڊ مئپنگ پروجيڪٽ“ جو سنڀاليندڙ رهيو. ڊاڪٽر ٺڪر جي رهبريءَ هيٺ ڪيل ۽ سَيارن رستي مليل تصويرن جي باريڪيءَ سان ڇنڊڇاڻ ڪندي، هنن ڏٺو تہ ڪڇ جي رڻ ۾ ڪجهہ نيريون ريکائون نظر اچي رهيون آهن. هنن سائنسدانن مطابق ڪڇ جي ڪاريءَ وٽ لوٿل جهڙا ڪيترا تهذيبي ماڳ مليا آهن، جيڪي لڳ ڀڳ عيسوي سن کان 3700 سال اڳ جا آهن. آرڪيالاجيءَ جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر واءِ. ايس. راوت مطابق عام طور مڃيو ويو آهي تہ ڪڇ ۽ سؤراشٽر جون ٻنيون ڪاريءَ جي ڪري الڳ ٿيل آهن. اُن وقت سنڌونديءَ جون وڏيون ڌارائون پنهنجو پاڻي ڪڇ جي رڻ ۾ ڇڏينديون هيون. 1819ع جي وڏي زلزلي جي ڪري ٻُج جي ڀرسان قدرتي بند ٺهي ويو ۽ سنڌونديءَ جو پاڻي اُتي ئي رُڪجي ويو. اُن ڪري ڪڇ جي ايراضي ڏيري ڏيري سُڪي ويئي. ان کان پوءِ نديءَ پنهنجي وهڪري جو رُخ بدلائي ڇڏيو. پر هاڻي وري ندي پنهنجو رُخ بدلائي رهي آهي. ڊاڪٽر ٺاڪر ۽ ڊاڪٽر جسراج مطابق تازو ئي سيٽلائيٽ رستي ورتل تصويرن ۾ صاف نظر ايندڙ نيريون ريکائون، سنڌوءَ جي ڪڇ طرف اچڻ جي راهہ ڏيکاريندڙ آهن ۽ ٿي سگهي ٿو ايندڙ وقت ۾ سنڌونديءَ جو وهڪرو وري ڪڇ طرف موٽي اچي.

سنڌوءَ جي واپسي جڏهن بہ ٿئي، اهو طئي آهي تہ جيڪڏهن سنڌوندي پنهنجو رستو بدلائي ٿي ۽ ڪڇ جي رڻ ۾ وهڻ لڳي ٿي تہ ڪڇ جي سوڪ ۽ ڏُٻڻ وارا علائقا پنهنجو روپ ئي بدلائي ڇڏيندا. ڪڇ سان گڏ هند جا ٻيا علائقا بہ جيڪي پاڻيءَ جي کوٽ ۾ ورتل آهن. اُنهن کي بہ ڏاڍو فائدو ٿيندو. هن وقت سنڌوءَ جو وهڪرو جِتي آهي، اُن جو اولهہ وارو حصو پهاڙي آهي ۽

اهڙا آثار نظر اچن ٿا تہ هاڪڙي ندي اولهہ بدران اوڀر پاسي کسڪندي ۽ ان جي هلچل ڪڇ رياست لاءِ خوشين جي سوغات آڻيندي.

جيڪڏهن سنڌوندي وري ڪڇ طرف موٽي اچي تہ اها هن علائقي ۾ وسيل سنڌي آباديءَ لاءِ بہ وڏي فخر جو ڪارڻ ٿيندي، ڇوتہ سنڌي سماج کي پنهنجي اِشٽ ديو (اڏيري لال) طرفان هيءَ سوکڙي گهر ويٺي ملي ويندي.

في الحال اِهو چوڻ مشڪل آهي تہ نديءَ جي هيءَ هلچل ڀارت- پاڪستان جي وچ ۾ رشتن ۽ مالي حالتن تي ڪهڙو اثر وجهندي، پر اِها اُميد ڪرڻ کپي تہ اِهو اثر، ٻنهي ملڪن لاءِ بهتر ثابت ٿيندو ۽ سنڌو تهذيب کي اصلي ماڳن سان جوڙڻ ۾ مددگار ٿيندو.

ڊاڪٽر فهميده حسين

# استاد بخاري منهنجو پسنديده شاعر

اڄ آءٌ استاد بخاريءَ سان ٿيندڙ ڪجهہ مختصر ملاقاتن جو ذڪر ڪانہ ڪنديس، نہ ئي ساٽس ڪراچيءَ ۾ سڇل ڪانگريس جي موقعي تي ٿيل گفتگوءَ جو حوالو ڏينديس، يا هتي داد‌وءَ ۾ سندس گهر جي اڱڻ ۾ ويهي پيتل چانهہ ڇُڪيءَ سان گڏ ٻڌل سندس ڪن شعرن جو ذڪر ڪنديَس، جو اهي تہ منهنجا بنهہ ذاتي احساس هوندا. . . سنڌ جو هڪ سهڻو سيبتو شاعر ۽ هڪ مهان انسان استاد بخاري صرف منهنجو نہ، پر منهنجي سڄي ڪٽنب جو محبوب شاعر هو ۽ آهي. ادا سراج تمام گهڻ شاعرن کان متاثر ٿيندو آهي. انهيءَ جو ”ڪوڪڻ يا ڪلياڻ“ تي لکيل مهاڳ ان ڳالهہ جي ثابتي آهي تہ هن استاد کي ڪيترو وڏو شاعر ٿي سمجهيو پر هن جڏهن ڪن ڳالهين ۾ شيخ اياز ۽ استاد جي ڀيٽ ڪئي تہ ماڻهن سمجهيو تہ هو ڪنهن هڪ کي ٻئي تي فوقيت ڏئي رهيو هو. رسول بخش پليجي بہ اهڙي هڪ راءِ ڏني هئي، تڏهن هن لاءِ چيائون تہ هن لطيف کانپوءِ صرف استاد بخاريءَ جي شاعراڻي حيثيت کي ٿي مڃيو . . . هي اهو ئي رسول بخش پليجو هو جنهن اياز جي دفاع ۾ ’انڌا اونڌا ويڄ‘ ڪتاب لکيو هو. وري اياز لاءِ چون ٿا تہ هن استاد بخاريءَ کي انقلابي شاعر نہ ٿي سمجهيو. انهيءَ قسم جو تاثر اُن ڪري بہ پيدا ٿيندو آهي، جو عام طرح سان اسان وٽ ڀيٽ ڪرڻ مان اهو مقصد ورتو ويندو آهي تہ ٻنهي مان ڪير وڏو، ڪير ننڍو، ڪير اعليٰ تہ ڪير گهڻ اعليٰ ثابت ٿئي ٿو. اها ڳالهہ ادبي تنقيد جي اصولن جي برخلاف آهي. جڏهن بہ ڪو نقاد ٻن فنڪارن يا شاعرن جي ڀيٽ يا تقابلي تجزيو ڪندو آهي تہ ان جو مطلب هرو ڀرو اهو ڪونہ هوندو آهي! اسان وٽ تہ اهڙو رواج آهي، جو ڪڏهن چون لطيف کانپوءِ وڏو شاعر سچل آهي، ڪڏهن شيخ اياز

آهي ته ڪڏهن تاجل بيوس ۽ استاد بخاري. هاڻي وري لطيف کان پوءِ وڏو شاعر حسن درس آهي. (وچ مان نياز همايوني، تنوير عباسي، بردو سنڌي، ذوالفقار راشدي، امداد حسيني ۽ ٻيا ڪيترائي اهم ترين شاعر الائجي ڪيڏانهن ويا!). دراصل اهي فتوائون آهن. جيڪي نقاد نه ڏيندا آهن. پر انهن شاعرن سان پيار ڪرڻ وارا پنهنجي دل جي چٽي تي ڏيندا آهن. . . جڏهن ته هر هڪ شاعر پنهنجي پنهنجي جاءِ تي پنهنجو هڪ خاص مقام رکندو آهي. جيئن ڪن به ٻن ماڻهن جا مهانڊا هڪجهڙا نٿا ٿين. انهن کي وڏيڪ سهڻو يا گهٽ سهڻو ڏسڻ واري جي اکِ قرار ڏيندي آهي. تيئن ڪن به ٻن شاعرن جي ڀيٽ ڪري ڪو نتيجو نٿو ڪڍي سگهجي، هر ڪو ماڻهو پنهنجي سوچ، نظريي ۽ جذبي جي عينڪ چاڙهي فيصلو ڪندو آهي. . . اصل فيصلو هڪ وقتُ ڪندو آهي ۽ ٻيو عوامُ.

ٻئي طرف وري جڏهن ٻن يا وڌيڪ شاعرن جي خيالن ۾ هڪجهڙائي نظر ايندي آهي ته هڪ ٻئي جو اثر يا هڪ ٻئي جو نقل ڪرڻ جهڙا رايا به ايندا آهن. شاهه لطيف وٽ قاضي قادن، شاهه ڪريم يا شاهه عنات ۽ لطف الله قادريءَ جي شاعريءَ واريون سٽون، تشبيهون ۽ استعارا ته ملن ٿا، پر فارسيءَ جي روميءَ ۽ هنديءَ جي ڪبيرداس وارا خيال به ملن ٿا:

مثال طور روميءَ جو خيال هن بيت ۾ آهي:

وڍيل ٿي وايون ڪري، ڪنل ڪُوڪاري،
هن ٻَن ٻَنهنجا ساريا، هوءَ هڏن لئه هنجون هاري!

ڪبير جو خيال هن بيت ۾ نمايان آهي:

ونين ۾ ٿي ويهه، ته آءٌ واري ڍڪيان،
توکي نه ڏسي ڏيهه، آءٌ نه ڏسان ڪي ٻيو.

انهيءَ جو اهو مقصد ڪونه ٿيو ته شاهه صاحب ڪو نقل ڪيو آهي، پر ٻنهي شاعرن جي ساڳي حِسيت ۽ ساڳئي تجربي جو نتيجو به ٿي سگهي ٿو ته هڪڙي آفاقي ۽ هر هنڌ، هر دور ۾ ممڪن ساڳئي مشاهدي جو نتيجو ۽ ساڳين حالتن جو ادراڪ به ٿي سگهي ٿو ۽ اهو به ممڪن آهي ته شاهه صاحب پاڻ کان اڳوڻن شاعرن جي مطالعي مان انهن سٽن کي ماڻهن تائين پهچائڻ لاءِ شعوري طور ايئن ڪيو هجي- اها حقيقت سمجهڻ گهرجي ته شاعر خلا ۾ پيدا ڪونه ٿيندو آهي. هو پنهنجي زماني ۾ هوندي به پنهنجي ماضيءَ جو تسلسل هوندو آهي، پنهنجي مڪاني حد ۾ هوندي به اُن کان آزاد هوندو آهي.

تاجل بيوس، استاد بخاريءَ جون ڪي سٽون، شاهه لطيف کان متاثر ٿي لکيل ڄاڻايون جيئن:

سري ريءَ نه سري، ساقيءَ ريءَ سري وڃي

-

موڪي! تنهنجي منڌ ۾، جنم جنم جا ڪيل

-

ڏاڍا سوڙها لڪ، آڏا تيڏا ٻيچرا

اُستاد بخاري پنهنجي زمان ۽ مڪان جي حدن اندر شاعري ڪرڻ باوجود انهن حدن کان مٿانهون ۽ آزاد آهي. هن جا ڪردار مارئيءَ جهڙا ڪردار آهن. ان ڪري، جيئن شاهه لطيف مارئيءَ جي ڪردار کي مثالي بنائي پنهنجو حب الوطنيءَ جو آدرش پيش ڪيو تيئن اهو ئي مثالي ڪردار استاد بخاريءَ پڻ ڪنيو ۽ ان کي پنهنجي ماڻهن جو استعارو بنائي چڏيائين. ان ڪري ٻنهي ۾ مشابهت هئڻ سڀاويڪ آهي.

پٽائيءَ چيو هو ته:

آءٌ ڪيئن سوڙيين سمهان، مون ور گهاري وِلِ
يا
آءٌ ڪيئن سوڙيين سمهان، مون ور گهاري رُڄ
ور اباڻن سين اُڄ، ڪوءِ شربت تنهنجو سومرا!

تہ استاد بہ سندس آواز ۾ آواز ملائي چيو:

مان ڪيئن سيج سمهان،
منهنجا ماروئڙا منهنجا سانگيئڙا،
پڌري پٽ سمهن
مان ڪيئن لوڙ چڪيان،
منهنجا ماروئڙا، منهنجا سانگيئڙا،
روزا روز رکن

ٻئي طرف استاد لکيو:

چا قوم تي لکان مان يا حسن تي لکان مان،
افسوس زندگي هڪَ، پورو نہ ٿو پوان مان!

اهڙي ئي لهجي ۽ جذبي سان ’تاجل بيوس‘ لکيو:

سنڌ منهنجي امان سونهن تنهنجيءَ مٿان،
چا لکي چا لکان مان، چا لکي چا لکان!

هڪ قلم هڪڙو مان، ڪيئن پورو پوان،
چا لکي چا لکان مان، چا لکي چا لکان؟

هنن سٽن ۾ تاجل ۽ استاد جو خيال ساڳيو ٿو لڳي.

آءٌ سمجهان ٿي تہ استاد بخاري بنيادي طرح سان عوامي شاعر هو. هو عالم بہ هو، ڏاهو بہ هو، ترقي پسند بہ هو، قومپرست بہ هو. هن حُسن ۽ عشق جي شاعري بہ ڪئي تہ هن ڌرتيءَ جا گيت بہ لکيا. هن تبديلي بہ چاهي تہ، غريبن جي زندگيءَ ۾ انقلاب جو خواب بہ ڏنو، هن حق وٺڻ لاءِ جدوجهد جو ڏس بہ ڏنو تہ وطن لاءِ سر ڏيڻ جو سڏ بہ ڏنو۔ پر هو بنيادي طرح سان عام ماڻهن، سنڌي لوڪن جو شاعر هو، ڌرتيءَ جو شاعر هو:

نہ مان جابر، نہ جادوگر، زمانا!
نہ مان پرور، نہ پيغمبر، زمانا!
مان آهيان پڙڪندڙ ڌرتيءَ جو شاعر،
برابر باهہ جو ساغر، زمانا!

سندس منزل متعين آهي ۽ راهہ بہ چٽي ۽ صاف نظر ۾ اٿس. تڏهن چوي ٿو:

سون بازار مان ڳنهي وٺبو آ،
فيض رهبر کان پني وٺبو آ،
جو بہ سمجهو تہ اوهان جو حق آ،
حق مڙسيءَ سان ڇني وٺبو آ.

شيخ اياز تمام وڏو، تمام وڏو شاعر هو. ان لاءِ آءٌ چوندس تہ هو دانشور شاعر هو ۽ دانشورن (intellectuals) جو شاعر هو. هو پڙهيل لکيل، نوجوان شاگردن، اديبن، شاعرن، عالمن ۽ اڪابرن جي محفلن ۽ مجلسن جو شاعر هو. سندس ڪيترين تشبيهون، استعارا ۽ حوالا ڪنهن نہ ڪنهن پسمنظر، ديومالا يا نظريي سان لاڳاپيل هئا، جن جي پس منظر جي ڄاڻ کانسواءِ عام ماڻهو ڪٿي ڪٿي ڪيس سمجهڻ ۾ غلطي ڪري ٿو سگهي. پر استاد بخاري پنهنجي سموري علم، دانش ۽ آرٽ باوجود ابوجهہ، اڻ پڙهيل، غريب عوام جو شاعر هو، ڇو جو هو انهيءَ عوام جي وچ ۾ زندگي گذاريندڙ شاعر هو ۽ اها ئي عواميت ۽ لوڪ پسندي، هن جي لفظ لفظ، سٽ سٽ ۾ آهي، سندس هر هڪ عڪس ۾ آهي، اُن ڪري هن جا لفظ، هن جا عڪس جيئرا جاڳندا محسوس ٿين ٿا. سندس ٻولي عوامي ٻولي آهي. ايئن ناهي تہ ڪو اها عوامي آهي، ان ڪري ’عامي‘ بہ هوندي۔ نہ اها عامي بلڪل ناهي، ان ۾ نئون شعور موجود آهي. پنهنجي ماضيءَ جي شعور سان گڏ، حال جو شعور ۽ مستقبل جو شعور! هو سنڌ جي اتهاس جو ساکي شاعر آهي. وٽس قومي سوچ، پورهيت جي پست حاليءَ جو ۽ بين الاقوامي حالتن جو ادراڪ سڀ ڪجهہ آهي، پر هن جو مرڪز ۽ محور سنڌ جا ڪمي ڪاسبي، هاري ناري، ڌنار پنهوار، استاد شاگرد، رهنما ۽ ڪارڪن سڀ آهن ۽ اهي ئي سڀ ساڻس پيا رکن ٿا.

امداد حسينيءَ جي لفظن ۾:

هڪڙو هو استاد بخاري
بي واهيءَ، انڌ اونداهيءَ
۾ جنهن ميڻ بتي ٻاري
۽ ان ميڻ بتيءَ مان
تو مون ميڻ بتي ٻاري
جڳ اجياري، جوت جياري
۽ ايئن روشنين جو
اڻ کٽ، اڻ ڇِج سلسلو ٿيو جاري.

منهنجي نظر ۾ استاد بخاري سنڌ جو شاعر هو سچ، سونهن ۽ سِڪ جو شاعر هو. سنڌ ٻہ تہ سچ آهي، سونهن آهي ۽ اسان سڀني جي سڪ آهي. سندس فڪري اڏام اُچي هئڻ باوجود هن عوامي سطح تي لهي شاعري ڪئي، سادي سٻاجهڙي ٻوليءَ ۾ پنهنجو آدرش پيش ڪيو، سو هو ’آسودي سنڌ‘ جو آدرش- لاڙ سري، وچولي، ٿر، ڪاڇي ۽ ڪوهستان واري سنڌ، جنهن سان هن غير مشروط، بي پناهہ، اجهل، اڻ موٽ پيار ڪيو هو. جنهن جي سوپياوان پورهيت هارياڻيءَ جو ڏک هن کان سٺو نہ ٿي ٿيو. اها ڏينهن رات محنت ڪرڻ ڪانپوءِ بہ اٻالي هئي، ڏکاري هئي ۽ سندس ٻچا انگ اگهاڙا هئا. هن جو من اُن لاءِ ٿي تڙپيو:

هيڏن ڪيتن هوندي، تنهنجو چولو چتيون چو؟
هيڏين سوچن هوندي، منهنجيون موڳيون متيون چو؟

اسان وٽ شاعرن جي خيال، جذبي، تخيل، منظر نگاري، ترنم، استعارن ۽ ٻين شاعراڻين خوبين تي تہ چڱي خاصي تنقيد ملي ٿي، پر سندن فني گهاڙيٽن، وزن بحر جي تورتڪ ورلي ڪئي ويندي آهي. شيخ اياز جي شاعراڻين خوبين، فني گهاڙيٽن ۽ نون تجربن تي گهڻو ۽ باقاعدي ڪونہ لکيو ويو آهي ۽ سواءِ امير علي چانڊيي جي هڪ طويل مقالي جي، ٻيو ڪو علمي ۽ فني تنقيدي حوالو مون کي نٿو سجهي، پر استاد بخاريءَ جي فني گهاڙيٽن ۽ تجربن تي مير محمد پيرزادي ۽ تاجل بيوس ٽيڪنيڪي تجزيو ڪري چڱي روشني وڌي آهي.

مير محمد پيرزادي، استاد جي ٽہ سِٽَن (ٽيڙن) کان چوٓ سِٽَن، پنج سِٽَن ۽ ڇهہ سِٽَن توڙي ستَ سِٽن جي فارم تي، انهن اندر استعمال ڪيل، وزن بحر تي چڱيءَ طرح لکيو آهي تہ انهن ۾ ڪهڙا بحر استعمال ٿيل آهن، ڪٿي ڪهڙو عروضي بحر آهي يا ڪٿي ترائيل جو فارم آهي ۽ ڪهڙو هيئتي تجربو ڪٿي ٿيل آهي.

تاجل بيوس وري استاد جي قديم ڪلاسيڪي صنفن ۾ ڪيل شاعريءَ، بيتن ۽ واين جي ڇندٻ ڇاڻ ڪئي آهي ۽ ڇند وديا جي اصولن، ماترائن جي ڳڻپ، دوهي، سورٺي وغيره جي بناوتن ۽ انهن ۾ ٿيل تجربن کي مثالن سان واضح ڪيو آهي. اهو سڀ ڪجهہ تہ آهي، جيڪو علمي ادبي حوالي سان ادبي تنقيد جو لازمي عنصر آهي، انهيءَ کي ادبي نقادن پرکيو آهي، پر منهنجي خيال ۾ استاد بخاريءَ جو بهتر نقاد بہ عوام ئي آهي، جنهن ڪيس سندس سمورين خوبين، خامين ۽ سونهن ۽ سگهہ سان قبول ڪري ڪيس پنهنجي دلين ۾ جاءِ ڏني آهي، ڇو تہ هن پنهنجي اعليٰ شعور ۽ اتم شاعراڻي ذات کي عوام جي سطح تي آڻي شاعري ڪئي آهي، پر سندس مقصد بيشڪ پنهنجي قوم جي شعور کي بلند ڪرڻ ئي هو. ان ڪري هو اڄ بہ سنڌ جي ماڻهن جي دلين ۾ زنده آهي.

جو قوم جياري، اهو جيئندو رهندو.
جو عام اُجاري، اهو جيئندو رهندو.
مون کي تاريخ ۽ تقدير ڏني پڪ آهي،
جو سنڌ سنواري، اهو جيئندو رهندو.

(9 آڪٽوبر 2010 تي استاد بخاريءَ جي 20 ورسيءَ جي موقعي تي
دادوءَ ۾ ڪوٺايل سمينار ۾ پڙهيو ويو)

# وضاحت در وضاحت

**واجب العزت فهميده حسين صاحبہ**

السلام عليڪم، اميد تہ خوش باش هوندؤ!

منهنجي ڪيل ڪچي پڪي محنت کي پنهنجي جڳ مشهور جرنل ۾ جاءِ ڏيڻ لاءِ اوهان جو هميشہ ٿورائتو رهندس. اوهان جي ان عمل، مون ۾ ڪم ڪرڻ جي سگهہ وڌائي آهي. خوشي ٿيندي آهي، جڏهن منهنجي ڪيل ڪم تي ڪا علمي/ اختلافي راءِ ڏني ويندي آهي؛ اهڙا اختلاف علمي ماحول ۾ يقيناً هڪ سونهن پيدا ڪندا آهن.

تازو سيپٽمبر 2012 واري سنڌي ٻولي جرنل ۾ ڇپيل 'فعل لازمي ۽ متعدي' واري پيپر ۾ اوهان جو هڪ اختلاف سامهون آيو. لازم سمجهندي، ان جي وضاحت اوهان آڏو پيش ڪريان ٿو:

اوهان جو اختلافي نوٽ هو تہ: "هن جملي ۾ 'us' جو لفظ مفعول ڪونهي ۽ بنا حرف جر 'to' جي ڪم ڪونہ ايندو آهي. اهو جملو هيئن ٿهندو: Sindhi is taught to us by the teacher" (ص: 68)

مون پاران جملا هيٺين ريت ڄاڻايل هئا:

"انگريزيءَ ۾ هڪ سادو جملو آهي، جنهن جي Passive voice ٻن مفعولن سان ٿيندي آهي:

- *Active voice:* The teacher teaches us Sindhi.
- *Passive voice 1:* Sindhi is taught us by the teacher.
- *Passive voice 2:* We are taught Sindhi by the teacher.

مفعول 1 ڄاڻڻ جو سوال: ڪير سيکاري ٿو؟ جواب: استاد.

مفعول 2 ڄاڻڻ جو سوال: ڪنهن کي سيکاري ٿو؟ اسان کي.

اهڙي اڀياس بعد اهو خيال جڙي ٿو تہ ڪنهن جملي ۾ ٻہ (2) مفعول ٿي سگهن ٿا، هڪ: سڌو ٻيو: اڻ- سڌو!" (ص: 68)

اصل ۾ حقيقت اها آهي تہ پروف ريڊنگ جي حوالي سان هڪ جملي ۾ هڪ غلطي رهجي وئي، اها ساڳي هئي جيڪا اوهان درستگيءَ سان بيان ڪئي آهي، تہ:

Sindhi is taught to us by the teacher.

ٿيڻ ائين ئي کپندو هو تہ ان جي پروف ريڊنگ ۾ ' to us' جي درستگي ٿئي ها، ليڪن ان بنياد تي اوهان اهو اختلاف رکيو تہ: ' us' مفعول ئي ڪونهي؛ تنهن تي مون کي بہ اختلاف آهي.

اهڙي ڪوٺ/ زيادتي مان پنهنجي طرفان نہ ڪندو آهيان، مون کي 26 سال پڙهائيندي ٿيا آهن، 11 سال هاءِ اسڪول ۾ مختلف سبجيڪٽ پڙهائيندي ٿيا آهن، انگريزي گرامر ۽ ميٿميٽڪس بہ پڙهائي هئم؛ هاڻي ٻوليءَ تي زور آهي. ڪنهن جملي ۾ ٻن قسمن جي مفعول هجڻ جو انداز منهنجي طرفان، هٿرادو ناهي. اهڙو طريقہ ڪار انگريزي گرامر Wren & Martin ۾ بہ ڏنل آهي ۽ ڪافي وقت پڙهائيندو بہ رهيو آهيان. جيڪڏهن ان ۾ ڪا ڪوٺ هجي ها تہ يقيناً قوم جي ٻچن ڏانهن منتقل نہ ڪريان ها.

انتهائي معذرت سان، اوهان جي آگاهيءَ لاءِ عرض تہ، انگريزي گرامر Wren & Martin ۾ ساڳيو معاملو هيٺين ريت ڄاڻايل آهي:

When verbs that take both a direct and an indirect object in the Active voice are changed to the Passive, either object may become the subject to the Passive verb, while the other is retained.

| Active | Passive |
| --- | --- |
| The guard refused him admittance. | 1. Admittance was refused to him by the guard.<br>2. He was refused admittance by the guard. |

| | |
|---|---|
| Mr. Krishnaji teaches us grammar. | 1. Grammar is taught to us by Mr. Krishnaji.<br>2. We are taught grammer by Mr. krishnaji. |
| The manager will give you a ticket. | 1. A ticket will be given to you by the manager.<br>2. You will be given a ticket by the manager. |
| Who taught you French? | 1. By whom was French taught to you? / Who were you taught French by?<br>2. By whom were you taught French? |
| He handed her a chair. | 1. A chair was handed to her.<br>2. She was handed a chair. |

An indirect object denotes the person to whom or for whom something is given or done, while a direct object usually denotes a thing. In cases like the above, it is probably more usual for passive constructions to begin with the person. (Wren, 2006: 61)

منهنجا ڄاڻايل جملا انگريزي گرامر Wren & Martin ۾ ڄاڻايل ٻئي نمبر جملي سان مماثلت رکن ٿا. جنهن ۾ 'us' کي مفعول ڄاڻايل آهي. ان صورت ۾ اوهان جي/ اوهان جي ايڊيٽر جي ڏنل راءِ رد ٿي وڃي ٿي.

اهڙي اڀياس مان هڪ ڳالهه زوردار سامهون آئي آهي ته : صرف Passive voice جي جملي ۾ اڻ سڌي مفعول جي اڳيان 'to' جو اضافو ٿئي ٿو جيڪا نه ڄاڻائي سگهڻ سان منهنجي ڪوتاهي ظاهر ٿئي ٿي. بهرحال اوهان جي خدمت ۾ اهو عرض رکي سگهجي ٿو ته ان کي علمي ڪوٽ نه ته چئي سگھجي، بلڪ منهنجي پاران پروف جي غلطي ٿي آهي. ان صورت ۾ 'to' جي گهٽتائيءَ سبب مذڪوره جملن مان 'us' کي اڻ سڌي مفعول نه هجڻ واري سزا نه ٿي ڏئي سگهجي.

والسلام

اوهان جو خادم

**الطاف حسين جوکيو**

محترم الطاف جوکيي جنهن ڳالهه ڏانهن نشاندهي ڪرائي آهي، اِها پنهنجي ليکي بلڪل درست آهي ۽ مون جيڪڏهن 'us' جي غلط استعمال طرف اشارو ڪيو هو ته موصوف طرفان موڪليل جملي ۾ 'to' جي نه هئڻ سبب ڪيو هو جنهن جي ڪري جملي جي بناوٽ ئي غلط ٿي وئي هئي، اهوئي سبب هو جو جنهن 'us' کي مفعول سڏڻ بابت اها راءِ ڏني هئم. جيڪا سڌي مفعول جي حوالي سان هئي. 'to' لڳڻ کان پوءِ مفعول اڻ سِڌو (indirect object) ٿي وڃي ٿو. بهرحال جيڪڏهن 'to' پروف جي چڪ سبب رهجي ويو هو ته اهڙي وضاحت جي روشنيءَ ۾ آءٌ پنهنجي راءِ واپس وٺان ٿي. مون هميشه هڪ استاد جي حيثيت ۾ توڙي سينئر ليکڪ طور پنهنجن شاگردن يا نون لکندڙن کي همٿائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جنهن جو اعتراف جوکيي صاحب پاڻ به ڪيو آهي. مون کي محترم الطاف حسين جوکيي جي سنڌي ٻوليءَ جي گرامر، صورتخطي ۽ ٻين لاڳاپيل معاملن ۾ ڄاڻ هميشه متاثر ڪيو آهي ۽ هن وقت ٻولي اٿارٽيءَ جي 'سنڌي ٻولي' جرنل کان اڳ ۾ لطيف چيئر جي 'ڪلاچي' تحقيقي جرنل جي ادارت دوران به مون سندن مقالن کي تمام گهڻي اهميت سان شايع ڪيو هو ڇو جو مون کي خبر آهي ته اسان جي نئين نسل ۾ اهڙي ڄاڻ جي تمام گهڻي کوٽ

# SINDHI BOLI

*Research Journal*
*Vol: 5, issue 4th , October- December 2012*

آهي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي لاءِ اهڙي جذبي ۽ خلوص سان ڪم ڪرڻ وارا نالي ماتر بچيا آهن ۽ جيڪڏهن ڪو اهڙو علمي سرمايو رکي ٿو ته اهو تحسين لائق آهي.

**ڊاڪٽر فهميده حسين**

Chief Editor
**Dr. Fahmida Hussain**

Editor
**Taj Joyo**

Sindhi Language Authority,
Hyderabad, Sindh

## Editorial Board

Muhammad Ibrahim Joyo
Dr. Ghulam Ali Allana
Noorul Huda Shah

ISSN: 968_8194_01_0

# SINDHI BOLI

Research Journal

**Chief Editor**: Dr. Fahmida Hussain
**Editor**: Taj Joyo
**Composing:** Hussain Ahmed Memon
**Graphics:** Assadullah Bhutto
**Vol**: 5th
**Issue**: 4rd
**Year**: Oct- December 2012
**Quantity**: 1000
**Price**: Rs. 70/=
**Published by**: Sindhi Language Authority, National Highway, Hyderabad, Sindh 71000, Pakistan.
**Tel**: 022-9240050-53
**Fax**: 022-9240051
**E-mail**: sindhila@yahoo.com
**Website**: www.sindhila.org
**Printed by**: Pakiza Printers, Hyderabad.